# رهجي ويل منظر

طارق عالم ابڙو

محمد قاسم ڪوسو

0345-3690964

http://www.qasimjan.yolasite.com/

# مهاڳ

رومانس جي ڪهاڻي سچي دنيا ۾ ساڳي آهي. جوان ۽ جوانڙي ڪٿي نہ ڪٿي ملندا آهن. پهرين مرڪي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا آهن، پوءِ ڳالهين ۾ نمي هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا آهن ۽ ٻين کان پري ٿيندا ويندا آهن. ٽهڪن ۾ لڙڪن جو اهو سلسلو نيٺ تا! تا! تي اچي بيهندو آهي. اها تا! تا! شاديءَ کان اڳ بہ ٿيندي آهي ۽ شاديءَ کان پوءِ بہ. شاديءَ کان پوءِ واريءَ تا! تا! ۾ رڳو اهو فرق اچي ويندو آهي تہ گهر جون ڀتيون ٻنهين ڌرين کي پنهنجن ٻچن ۾ جهلي بيهنديون آهن ۽ کين ٻاهر نڪرڻ نہ ڏينديون آهن. دراصل ڌريون هڪ ٻئي کي ڇڏي ڀتين سان پيار ڪرڻ لڳنديون آهن. ۽ جي تا! تا! شاديءَ کان اڳ ٿي آهي تہ پوءِ ڌريون ڀتين جي بدران انهن واٽن، وڻن جي ڇانئن ۽ انهن ڪنڌڻ پاسن سان پيار ڪرڻ لڳنديون آهن جتي هو اٿيا ويٺا، هليا ۽ ڪليا. ڪنهن نہ ڪنهن 'سنجها' ڪنهن نہ ڪنهن 'پنهونءَ' جي اها ڪهاڻي دنيا جي سيني يونيورسٽي ڪئمپسن ۾ جنم وٺندي رهندي آهي ۽ ان کي ڪو نہ ڪو طارق عالم لکندو ئي آهي، پر مسئلو ڪنهن ڪئمپس ۾ جنم وٺندڙ ۽ ختم ٿيندڙ رومانس جي عام موضوع جو نہ آهي، مسئلو اهو آهي تہ ان ڪهاڻيءَ اندر ڇا ڇا ڇيو ويو آهي ۽ ڪيئن ڇيو ويو آهي. طارق عالم جو هيءَ ناول بہ ان ئي نڪتہ نگاهہ کان پرکي سگهجي ٿو.

گذريل ستن اٺن سالن ۾ سنڌي زبان جي (شيخ اياز جي لکڻين کي ڇڏي) مون ڪابہ اهڙي لکڻي نہ پڙهي آهي، جنهن هن ناول وانگر مون کي حيرت ۾ وڌو هجي ۽ پاڻ ۾ ايترو جڪڙيو هجيس جو صبح جو 11 وڳي کان شام جو 7 وڳي تائين هڪڙي ئي نشست ۾ پڙهي ويو هجانس. سو بہ تڏهن جڏهن هن ناول جي ڊمي پڙهڻ کان ٿورو وقت اڳ اينڊريا نيومين Andrea Newman جو ڪئمپس جي زندگيءَ تي لکيل هڪ سهڻو ناول A share of the world پڙهيو ويٺو هجان.

طارق عامل جنهن ذهني نسل مان آهي، اَهو هلڪڙي جذباتيت، نعري بازي، لفاظي، ورجا، سطحيت، شوبازي ۽ مشرق جي مخصوص فينٽسيءَ جو ماريل نسل آهي. ان ڪري اها توقع ئي نہ هئي تہ ڪو طارق عالم سنڌي زبان جو پهريون شاهڪار ناول لکندو. پر جيئن بادشاهيءَ جو قصو بيان ڪندا آهن تہ بادشاهہ بي اولاد مري ويو تہ درٻارين فيصلو ڪيو تہ ڪبوتر ٿا هوا ۾ ڇڏيون، اُڏري اُڏري جنهن جي مٿي تي وهندو اُهو ملڪ جو بادشاهہ ٿيندو. سو سنڌي زبان جي هن تخليقي شاهڪار جو ڪبوتر ڪي الائي ڪهڙي من ۾ آئي، جو هو ڪنهن اصلي شهزادي جي بدران رول ڇوڪري طارق عالم جي سِر تي اچي ويٺو. ڪنهن جي پاڳن سان ريس تہ ڪانهي پر اُميد الله ۾ آهي تہ اڃ نہ تہ سڀاڻي سندس مٿي تي ڪبوتر جي بدران ڪانگ وهاريو ويندو، هي ڳالهہ تخليق جي تہ اُها ڇم ڇم ڪندي وٽس ئي آئي آهي.

هيءُ ناول ڪنهن پرپور ڪلاسيڪي ڏن وانگر آهستي آهستي دکي ٿو، ڪيترائي خوبصورت جملا ۽ تشبيهون، اصلي قدرتي ڪردار ۽ واقعا، رشتن جون حقيقي، جذباتيءَ ۽ احساساتي ڪيفيتون سرن وانگر اُڀرن ٿيون. سرن ۾ پورن وقفن سان لاها چاڙها اچن ٿا، ۽ ڏن مچندي باهہ ٿيندي جڏهن وجي ٿئي ٿي تہ پڙهندڙ ڳچ وقت تائين پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي دکيل ٽانڊا آهستي آهستي اُجهامندا محسوس ٿو ڪري.

ناول جي صنف جتي وڏ ۾ وڏ آرت جي گهوري آهي، اُتي ان ڪي لکڻ لاءِ اوتري ئي هنرمندي ٿي ڪپي، ڇاڪاڻ تہ ناول جي ڪينواس ٻين سڀني صنفن جي مقابلي ۾ وڏو ۽ طاقتور آهي. ڏکي پنڌ ۾ ساڳيءَ رفتار ۽ موڊ سان هلڻ يا آرٽ ڪرافٽ جو توازن برقرار رکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ۽ خاص ڪي ان صورت ۾ اهو ڪم وڌيڪ ڏکيو ٿي وڃي ٿو جڏهن سنڌي ادب ۾ هنرمنديءَ تي ڌيان ڏيڻ تہ ڇا، ان ڪي عيب سمجهيو

ويندو آهي. يا وري ڪجهه ڏريون هنرمنديءَ تي ايتو زور ڏينديون آهن جو آرٽ گم ٿي ويندو آهي ۽ رڳو ناصحانه قسم جو ڪرافٽ ئي ڪرافٽ وڃي بچندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ هن ناول ۾ آرٽ ۽ ڪرافٽ جو توازن ڏسي خوشيءَ سان گڏ حيرت به ٿئي ٿي. سنجها ۽ پنهونءَ جي رومانس شروع ٿيڻ کان وٺي ظهير ۽ سنجها جي رومانس تائين ناول کي شاه ڪاريگريءَ سان آٽيو ويو آهي. ليکڪ ڪٿي به تيڙهه ڪائي ٻئي پاسي ايترو نه هليو ويو آهي، جو مرڪزي لائين غائب ٿيندي محسوس ٿئي، جيتوڻيڪ هي ناول رڳو سنجها ۽ پنهونءَ جي رومانس تائين محدود نه آهي. هن ناول ۾ نصير، ناردمني تيلي استار، راحت حسين، صبا، سنجها جي 'ادا' پارٽي ۽ چٽن وڪڻڻ وارو ڇوڪرو مرڪزي ڪردارن سان گڏجي ڪئمپس جو هڪ پورو ۽ خاص پهلو پڙهندڙ اڳيان چٽو ڪري ٿا بيهارين. اهي سڀ اهڙا ڪردار آهن، جيڪي ڪئمپس جي ڀرپور نمائندگي ٿا ڪن، منجهن ڪوبه غير معمولي نه آهي. ۽ وڏي ڳالهه ته اهي ڪردار پنهنجي تحرڪ سان ڪهاڻيءَ کي مرڪزي نقطي يا مرڪزي لائين تان نه ٿا هٽائين. ايتريقدر جو ناول نويس ڪئمپس مان نڪري ڪراچيءَ ۾ عليءَ جي گهر ٿو اچي ته علي ۽ سندس زال جي جهيڙي ۾ به ڪيس پنهنجو مستقبل نظر ٿو اچي ۽ عليءَ جي گهر کي هو ناول ۾ ايترو ئي ٿي آڻي جيترو ان جي ضرورت آهي نه ته عليءَ جي ڪردار ۾ ايڏي ته ڇڪ آهي جو اِهو ڪردار ناول جي مرڪزي جو فيوز کي وڏي خوشيءَ سان اُڏائي سگهي ٿو.

جتي مرڪزي لائين کان هٽي وڃڻ ناول لاءِ نقصانڪار آهي، اوتي خود ان لائين تي قائم رهڻ به خطري کان خالي نه آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ صورتحال ۾ ليکڪ ڪٿي به يکسانيت، ورجاءُ ۽ سست رفتاريءَ جو شڪار ٿي سگهي ٿو. پر هن ناول ۾ ليکڪ ساڳيءَ وات تي هلندي ڏاکي به ڏاکي زندگيءَ جا ۽ رشتن جا نوان پهلو کوليندو ٿوڙ ڪري ٿو جتان تان کٽي ٿو اُتي ئي وڃي ٿوڙي ٿو پر تان کڻڻ ۽ تان ٿوڙڻ جي وچ

واري عرصي ۾ هو زندگيءَ جا ڪئين زنگ ۽ روپ ڏيکاري ٿو. اُهي رنگ روپ اهي آهن جيڪي اسان ڏسندا تہ رهندا آهيون پر انهن کي کولي پڌرو ڪري نہ سگهندا آهيون.

اسان وٽ سنڌي ادب ۾ بلڪ پوري مشرق جي فڪشن ۾ اڪثر جيڪي ڪردار ملندا آهن، اُهي يا تہ فرشتا هوندا آهن يا شيطان، جيڪي پنهنجا پنهنجا نعرا هڻندا غازي يا شهيد ٿيندا نظر ايندا آهن. اسان فرشتن ۽ شيطانن جا ليڪڪ آهيون. اسان وٽ ماڻهو تمام گهٽ تخليق ڪيو ويو آهي. بہ چڱايون چار مدايون رکندڙ ماڻهو چٽڻ لاءِ وڏي بهادري، وڏي فراخدلي ۽ ظالمانہ حد تائين منصف مزاجي ٿي کپي. ۽ طارق هن ناول ۾ پنهنجون اهي خصوصيتون ڏيکاريون آهن. هن سڄي ناول ۾ پنهنجي ڪنهن بہ دوست ڪردار تي رحم نہ کاڌو اٿس، ڪنهن بہ دشمن ڪردار سان بي انصافي نہ ڪئي آهي. ڪنهن بہ ڪردار جي مٿي تي سڱ نہ آهن. ڪٿي بہ اصل جو، پيار جو ۽ چڱائيءَ جو نعرو هنيل نہ آهي. ڀلا جي ڪو ماڻهو نعرو هڻي بہ سهي تہ ليکڪ جو ايجاد ڪيل نعرو چو هڻي، پنهنجو نعرو ڇو نہ هڻي. جيتوڻيڪ هن ناول ۾ پنهون، طارق جو پنهنجو ڪردار لڳي ٿو ۽ هو ان ڪردار وسيلي ڪوبہ نعرو هڻائي سگهي ٿو. پر هن ايماندار ۽ شريف ماڻهوءَ ائين نہ ڪيو آهي. بلڪ هنڌ هنڌ پنهنجا ڇوڏا بہ لاهي ويو آهي.

عبدالقادر جوڻيجو

ڄام شورو، سنڌ.

هي صفحو خالي ڇڏيو ويو آهي.

ان زماني ۾ نظر آئي هئينءَ جڏهن شرٽ جا مٿيان بٽڻ بند ڪرڻ سدائين وساري ويهندو هئس. جڏهن مان ’ڪلين شيؤ‘ هوندو هئس، ۽ جڏهن مون وٽ رڳو ٻه پينٽس ۽ چار شرٽس هونديون هيون.

توڪي تنهنجو ڪلاس فيلو ۽ تنهنجي پيءَ جو اسسٽنٽ، فيڪلٽي گھمائي رهيو هو. هن چيو هو:

’هي پوليٽيڪل سائنس جو ڊپارٽمينٽ اٿئي.‘

تنهنجي آڏو اچي ويو هئس؛ ان مهل مون سان نصير به هو. تو ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن نهاريو هو ۽ مون ڪنڌ جهڪائي. تنهنجين سنهين فريمن واري نظر جي عينڪ پٺيان وشال پر اداس نيڻ منهنجي چهري مٿان ’اسٽاپ فريم‘ ٿي ويا هئا. قد ۾ مون کان ڇهه انچ ننڍي هوندينءَ. تنهنجن ’يو‘ شيپ وارن ۾ بي انت ’ڪروز‘ هئا. مون کي ياد آهي ته توڪي سائي رنگ جو پهراڻ پيل هو. جنهن مان تنهنجون ٻانهون ڪلهن تائين ڏنڌليون پئي نظر آيون.

اسان اڳتي هليا ويا هئاسون؛ نصير چيو هو:

’اِها، اُها ئي اٿئي جنهن جو مون توسان ذڪري ڪيو هو. يار ڏاڍي تيز ڇوڪري آهي.‘

ڪجھہ ڏينھن ڪان پوءِ نصير مون کي آرٽس فيڪلٽيءَ جي ٻاهرين ڪينٽين جي ٻاهران نظر آيو هو. تون ان مهل ڊپارٽمينٽ جي شاگردن سان گڏ ٻيٺي هيئن ۽ هو سڀ تنهنجي چوڌير بيٺل هئا. نصير سان وڏي وچي مليو هئس، ڪنول چيو هُئي:

’سنجها، هن کي ڏسي تو کي ڊارون جي ٿيوري تہ ياد نہ ٿي اچي!‘ مون ڏانهن ڏٺو هيئي هڪ ڪن لاءِ. ۽ چيو هيئي:

’هِن لاءِ مان ائين نہ چوندوس؛ ڇو تہ مان هن سان فري ناهيان‘ اهي تنهنجا پهريان لفظ هئا مون لاءِ چيل.

ڪاريڊور جي ٿلهي تي ويهي اُس جو تاءُ وٺندي پهريون ڀيرو مون سان پاڻ ڳالهايو هيئي:

’توهان پڙهندا آهيو؟‘

’ها‘

’ڇا ۾......؟‘

’فائن آرٽس ۾‘

’فائنل ايئر ۾ آهيو‘

’نہ: مان تہ انٽر ئي هن سال ڏني آهي.‘

’ان جو مطلب تہ تون مون کان ننڍو آهين!‘

’توهان جي عمر ڇا آهي؟‘

’ٽيويھہ سال. تنهنجي؟‘

’ٻاويھہ سال.‘

’ان جو مطلب تہ مان توکي مار ڪيڏي سگهان ٿي! ڇو تہ تون مون کان سال ننڍو آهين.‘

’نہ، نہ، گهر ۾ ننڍي هجڻ جي حيثيت ۾ دڙڪا کاوان ۽ هتي بہ توهان مار ڏينديون!‘

تو ڪجهہ کن اڳ اسان جي ڀرسان اچي بيٺل پنهنجي دوست ڏانهن مرڪي، تارا گول ڦيرائي چيو هو:

’ٻڌئي؟‘

تنهنجي دوست بہ مرڪي پئي هئي. تو چيو هو:

’هيءَ منهنجي پرائمري جي دوست آهي، شبنم. اسان ٻنهي گڏجي يونيورسٽيءَ ۾

ايڊميشن ورتي آهي: بس رڳو ڊپارٽمينٽ الڳ آهن.‘

اسان هڪ ٻئي کي ’وش‘ ڪيو هو؛ مان هن جي چهري تي بي ترتيبيءَ سان لڳل روج کي ڏسي رهيو هئس تہ چيو هيئي:

’تون تصويرون ڇاهي ويندو آهين؟‘

’ها ڇاهي تہ ويندو آهيان.‘

تو پنهنجي جينز جي نيري ويڪري پرس جي ڪنهن ڪنڊ مان، تصويرن جو پيڪٽ ڪڍي چيو هو:

’مون کي ڇاهي ڏيندين منهنجي تصوير؟‘

’ها ڇو نہ......؟‘

تو پنهنجي هٿ ۾ جهليل پيڪٽ مون ڏانهن وڌائي ڇڏيو هو. ٻن کان سواءِ ٻيو سڀ رنگين هيون. تنهنجا هڪ ٻہ ڪلوز اپ سٺا لڳا هئم. پر تو مون کي پنهنجي اسٽوڊيو ۾ نڪتل فوٽو ڏيندي چيو هو:

’ڇاهي ڏيندين نہ...........؟‘

تنهنجي اها تصوير ’آرٽيفيشل‘ لڳي هئم. مون کي هر ’ايجنڊ‘ شئي کان چڙ آهي. پر

مون مٿينءَ دل سان چيو هو:

’ها‘

’ڪيترن ڏينهن ۾............؟‘

’هفتي ڪن ۾!‘

هفتي مان ڪيترائي هفتا لنگهي ويا پر مان تنهنجو پورٽريٽ ٺاهي نہ سگهيس. اڪثر پڇندي هئينءَ:

’منهنجي تصوير..........‘

ڪونہ ڪو ڪوڙ ڳالهائي ڇڏيندو هئس. تنهنجو پورٽريٽ ڇو نہ ٿي ٺاهي سگهيس....؟ سڌ نہ اٿم. جڏهن تہ تو ڪان اڳ ڪيترين ڇوڪرين جا پورٽريٽ ٺاهي ڏئي چڪو هئس. تون نہ ’سيڪسي‘ هئينءَ نہ اڏي خوبصورت. پوءِ بہ تو ۾ ڪجهہ هو، ڪا اهڙي ڇڪ جنهن مون کي تو لاءِ سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. اها ڇڪ شايد يا يقينن تنهنجي ’انٽليڪچوئلنيس‘ هئي. تو ۾ اهي سڀ ڳالهيون هيون جيڪي ’بولڊ‘ ڇوڪريءَ ۾ هئڻ گهرجن. ڇوڪرن جي ميڙ ۾ هوندي بہ سيني تي ’ڊامينيٽ‘ ڪندي هئينءَ. ’ڪنفيوزن‘ تنهنجي پاسي ڪان بہ نہ لنگهندي هئي. ڳالهائڻ مهل تو پاڻ لاءِ ڳالهايل لفظن جي آخري لفظ ۾ ’و‘ جو اضافو ڪري ڇڏيندي هئينءَ. جيئنءَ:

’مان اڄ توهان کي ڪمپني ڏئي نہ سگهندوس‘

مان ۽ نصير توکي تنهنجي اسٽاپ تائين ڇڏڻ ويا هئاسون تہ چيو هيئي:

’ڳانو ٻڌايانو_......؟‘ ۽ ڳائڻ لڳي هئينءَ:

”Brown girl in the ring“

تنهنجو آواز ٻڌي محسوس ٿيو هئم ڄڻ ڪوئي غفائن مان ڳائيندو هجي. نتهڻ اس ۾ منهنجو ذهن تنهنجي آواز جي برف باريءَ ۾ وڃائجي ويو هو.

ٻئي ڏينهن_ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي ڪاريڊور جي ٿلهہ کي ٽيڪ ڏئي ويٺل نظر آئي هئينءَ... تنهنجي ڳولا ۾ تو تائين پهتو هئس.

مون ڏانهن اداس نيڻ کڻي نهاري چيو هيئي؛

’ويهہ.‘

تو آڏو ويهي رهيو هئس. مون ڏانهن ڏسندي رهي هئينءَ کي گهڙيون. پوءِ چيو هيئي:

’ڪهاڻيون بہ لکندو آهين؟‘

’ها‘

’ءِ شاعري بہ؟‘

’اهو سڀ ڪنهن ٻڌايو اٿوَ!!؟‘

’ڪلاڪار کي سڃاڻڻ لاءِ ڪنهن بہ آئڊينٽٽي ڪارڊ جي ضرورت نہ پوندي آهي.‘

ماٺ ڏسي پنهنجو هٿ وڌائيندي چيو هيئي:

’تو کي هٿ ڏسڻ ايندو آهي.....؟‘

تنهنجو مينهن وساڙي جهڙو هٿ، پنهنجن ٻنهن هٿن ۾ جهليندي چيو هئم:

’ها مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ ايندو آهي.‘

کن لاءِ تنهنجا اداس نيڻ ٽانڊاڻن جان جرڪي پيا هئا؛ ءِ هلڪا ٽهڪ، سڏڪا بڻجي هوائن ۾ اڏري ويا هئا. چيو هيئي:

’ڏس منهنجي زندگيءَ جي ليڪ ڪيڏي نہ ٽٽل آهي....‘ تنهنجي زندگيءَ جي ليڪ ڏانهن ڏٺم هئم. جيڪا سيلاب جي زد ۾ اچي ويل ٽريڪ جي پٽڙين وانگر ڪيترن ئي هنڌن تان اکڙيل هئي.

’هڪڙي ڳالهہ ٻڌايانءِ سنجها.........؟‘

’ٻڌءِ.‘ تجسس مان چيو هيئي.

’ڪجھ ڏينھن ٿيندا هڪ نوجوان جو ايڪسيڊنٽ ٿيندي ڏٺم هئم.‘

’پوءِ، ڇا هو مري ويو هو.......؟......؟‘

’ها _ هو مري ويو هو. مون هن جي رت ۾ لت پت ڪليل ترڻيءَ ۾ ڏٺو هو.....‘

’ڇا هو هن جي ترڻيءَ ۾.............!!؟‘

ڊگھو ساھ ڇڏائجي ويو هئم، چيو هومانءِ:

’سنجها، هن جي ڪليل ترڻيءَ ۾ زندگيءَ جي ليڪ ڏاڍي ڊگھي هئي.‘

منهنجي هٿن مان پنهنجو هٿ ڪسڪائيندي چيو هيئي:

’مون کي ڪوبہ سمجھي نہ سگھيو آهي.‘

’مون کي خبر آهي تون بہ ٻين مشرقي ڇوڪرين جيان، انڊيا تان نشر ٿيندڙ فرمائشي پروگرام جا گانا ٻڌي خوابن جي پيرس ۾ پهچي ويندي هوندينءَ..........؟‘

’مون چيو نہ، مون کي ڪوبہ سمجھي نہ سگھيو آهي، گھر وارا بہ نہ.........‘

ڪاوڙ ۾ اٿي هلي وئي هئين، ۽ مان تنهنجن پيرن ۾ پاٽـل ’پينسل هيـل‘ جا آواز پـاڻ ڪان پري ٿيندي ٻڌندو رهيو هئس.

ڪنهن ٻڌايو هو:

’سنجها کي بلڊ ڪينسر آهي.‘

من ۾ زلزلو اچي ويو هئم. پاتالن تائين ڏڏي ويو هئس. تنهنجا چيل جملا الـر ڪـري آيـا هئا.

’مون کي ڪوبـه سمجهي نـه سگهيو آهي.‘ _ ڪلاس ۾ ويـنـي هئينءَ محسوس ٿيـو هئم ڄڻ هئم ڄڻ سورج پوين پساهن ۾ هو جنهن جا پيلا اداس پاچـا تنهـن نيڻـن ۾ الهـي آيـا هئا. توڏانهن وڌي آيو هئس تون ڪنهن اونهين سوچ مان ڪنڌ ۾ پيل بلئڪ بورڊ کي گهوري رهي هئينءَ.

’سنجها!‘

هلڪو چرڪ ڀري مون ڏانهن نهاريو هيئي.

’هيٺ هلون، پارڪ ۾؟..........؟‘ تو کان پڇيو هئم.

’چانهـ پيارينديـن..........؟‘ هن ساڳي ڪنپيرتا سان چيو هو.

’رڳو چانهہ؟.....؟‘

’پيٽيز بہ.‘

’پر هڪڙي شرط تي‘

’چئو‘

’بل تون ڏيندينءَ‘

’چو ڪا خاص ڳالهہ آهي‘

’نہ عام ڳالهہ آهي. پئسا ڪونهہ‘

منهنجو جواب ٻڌي تو مرڪي ڏنو هو. ٻئي فيڪلٽيءَ جي پارڪ ۾ هليا آيا هئاسون. چپر تي ويهندي ڪاٻي طرف ڏسندي چيو هيئي:

’پٽي آٽي ڏي.‘

مان چپر مٿان ڊوڙندو، ڪيترن ئي گلابن جا لاش تنهنجي آڏو آڻي رکيا هئا.

’ايترا سارا!!!“؟....‘

حيران ٿي وئي هئينءَ.

’مان تو لاءِ سڀ ڪجھ ڪري سگھان ٿو. سواءِ آڪاش مان تارا ٽوڙي آڻي ڏيڻ جي!‘

تنهنجا اداس نيڻ ٽمڪي پيا هئا تيڙن جيئن ۾ هر طرف ڦهلجي ويا هئا هوائن ۾ تنهنجن ٽهڪن جا ڪارا گلاب.

’سنجها؛ تون چاهين ته مان تولاءِ پنهنجي ’ٽين ايج‘ محبوبا کي به ڇڏي سگھان ٿو.....‘

’نه مهرباني.‘

چاهيو هئم ڪنهن طرح توکي پنهنجو ڪرڻ. توکي بي انتها سک ڏيڻ.

تون پنهنجي ’ڊپارٽمينٽ‘ جي هڪ شاگرد، جيڪو توکان سال سينئر هو، ۾ انٽريسٽ ونڻ لڳي هئينءَ. اندر ئي اندر ڀُري پيو هئس؛ خبر ناهي ڇا ڏسي ورتو هو تو ان اچاتري ماڻهوءَ ۾!!؟. هو ته انهن منجهان هو جيڪي نه هوندي به پارٽنرس جا ڪپڙا پائي فيڪلٽيءَ ۾ اچي شو آف ڪندا آهن. جن جي شخصيت رڳو ڪپڙن جي شوخيءَ ۾ ئي ظاهر ٿي سگھندي آهي. ــ توکي ڪيترائي ڀيرا هن سان ڪمپني ڪندي ڏٺو هئم. انهن ڏينهن ۾ مون تنهنجن نيڻن ۾ پيار جا ڳاڙها گلاب مرڪندي ڏٺا هئا. محسوس ٿيو هئم ڄڻ مون غلطيءَ مان ڪنهن غلط اسٽيشن تي لهڻ جو ڪوشش ڪئي هئي، يا شايد توکي سُڌ نه هئي ته تون جنهن کي سورج پئي ڄاتو سو حقيقت ۾ ڪنهن ملڪ طرفان ڇڏيل جڙتو اُپگرھ کان گھٽ نه هو. جڏهن تون ان ٽيلي اسٽار کي به سپين آڏو ’ادا‘

چوندي هئينءَ. محبت ڪرڻ جي باوجود؟

مان ۽ نصير فيڪلٽيءَ جي سيڪنڊ فلور تان لهي رهيا هئاسين تہ ڏاڪڻين جي اڳين ديوار ڪان شبنم نڪتي هئي. سندس چهري تي رڪ اڏامي رهي هئي، اسان کي ڏسي چيو هئائين:

’خبر پيوءَ......؟ سنجها جي حالت ڏاڍي خراب آهي. ڪيس ڪالهہ سول هاسپٽل جي ڪينسر وارڊ ۾ کڻائي ويا آهن.‘

پير ڏرتيءَ تان اکڙي ويا هئم، لفظ ڪلي جو اونڌاهين سرنگهہ مان هٿوراڙيون ڏيندا زبان تائين پهتا هئا: ’مون کي_ سنجها وٽ وٺي هلندينءَ.....؟‘

’ٺيڪ آهي، مان ٿور دير ڪان پوءِ ويندي‌س. تون پلي مون سان هلجانءِ.‘

اهو چئي هوءَ اڳتي هلي وئي هئي. ڪنهن بحري جهاز جيان چڙ سمنڊ جي اونهائين ۾ ڪرڻ لڳو هئس. اسان ٻئي ديوار پار ڪري ڏاڪڻين ڏانهن لڙي ويا هئاسين تہ پهرين ڏاڪي مٿان توکي وينل ڏٺو هوسون_او_نو_.............!!؟؟‘ رڙ منهنجي چپن مان نڪاوءَ تي پڙڪو ڏئي اڏامي ويل ڳيري جيان نڪري وئي هئي ۽ مان گوڏن ڀر ويهي تنهنجي هٿن کي چمي ورتو هو. ان اوچتي عمل تي ڪجهہ بہ چئي نہ سگهي هئينءَ. سواءِ عجب ڪائڻ جي. تو منهنجي شبنم سان ڪيل ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي ورتي هئي شايد. پر مون کي تنهنجي مذاق مٿان ڏک ٿيو هو.

نصير جي بهاني توکي ڏسڻ آيو هيس. تنهنجن سيني ادن جا موڊ خراب هئا. تيلي

استار جو بہ جنھن ۾ تون انٽريسٽيڊ هئينءَ. هنن مون ڏانهن بيحد ڌڪار منجهان ڏٺو هو. ۽ سڀ ٽڙي پکڙي ويا هئا. تون بہ اڻ ڏٺو ڪري ٽيلي اسٽار سان هلي وئي هئينءَ. نصير مون ڏانهن وڌي آيو هو، چيو هئائين:

’پيارا، اهي سڀ توتي ڪاوڙجي پيا آهن تہ تو پري ڪاريڊور ۾ سنجها جي هٿ تي ’ڪِس‘ ڇو ڪئي آهي.‘

ان ڏينهن تنهنجن مڙني همدردن مٿان ڪل آئي هئي، ۽ مون کي تنهنجا اهي ادا، ڪنهن وڏي بنگلي ۾ پلجندڙ ننڍڙن فيشني ڪتن جهڙا لڳا هئا جيڪي رڳو پونڪي سگهندا آهن. مان چپ چاپ هليو ويو هئس. ان ئي شام جو نصير ملي ويو هو، چيو هئائين:

’هڪ نئين خبر.‘

’ڪنهن جي باري ۾؟‘

’سنجها جي هن ڊپارٽمينٽ وارن ادن مان اهو جنهن سان هوءَ گهٽو فري آهي سو در حقيقت ’اڪنامڪس‘ واري ان ڇوريءَ مٿان مرندو آهي جنهن کي پاڻڻ ڇا، پر ڇهڻ بہ هن لاءِ اڻ ٽيٽي آهي. ۽ ها..... ......... ٽيلي اسٽار اڄ اشفاق کي پئي ٻڌايو تہ سنجها ڪاليج لائيف ۾ بہ هڪ زبردست رومانس ڪري چڪي آهي جيڪو مشڪل سان پوٽا بہ سال مس هليو هو. ۽ سنجها جو چاهيندڙ سنجها جي هڪ دوست مٿان عاشق ٿي پيو هو. ۽ سنجها کي ئي پنهنجي ان دوست سان دوستي رکائڻ لا چيو هئائين. سنجها پنهنجي چاهيندڙ مٿان اٿلي پئي هئي. چيو هيائينس: ’تون گندي ناليءَ جو گندو ڪيڙو آهين. مون کي ڏک آهي، رهندو پنهنجن وجائي ڇڏيل چاهتن تي.‘

سنجها هن کي هميشہ لاءِ گڏ ٻاءِ چئي ڇڏيو هو. هوءَ اندران ئي اندران پري پئي هئي؛ ٻڌو آ ’مينٽل‘ بہ ٿي پئي هئي. ٽيلي اسٽار تہ چيو پئي، ’سنجها سموڪر‘ بہ زبردست آهي. ۽ هوءَ جا شبنم آهي نہ.... سا تہ ٻڌو آهي بلڪ پروفيشنل آهي هڪ فلم ڊيڪارينس ۽ مطلب پورو ڪري وٺ.‘

اهو سڀ ٻڌي تولاءِ منهنجون محبتون شديد ٿي ويون هيون. ان کان پوءِ ڏاڍي سٺي لڳڻ لڳي هئينءَ، بڪل پاڻ جهڙي. محسوس ٿيو هئم ڄڻ تون انهن مڙني پيچرن کي پار ڪري چڪي هئينءَ جن کي پار ڪرڻ کان پوءِ ڇوڪرو مرد، ۽ ڇوڪري عورت بڻجي ويندي آهي.

ڪاريڊور ۾ ڪرسيءَ مٿان ويٺل هئينءَ، تو کي وش ڪيو هئم جنهن جو ڏاڍو سرد جواب ڏنو هيئي. تنهنجي آڏو ڪارنِس تي ويهي رهيو هئس. مون ڏانهن عجيب انداز مان ڏسندي رهي هئينءَ، ۽ سرد آواز ۾ چيو هيئي:

’پنهنجي ڊپارٽمينٽ نہ وڃڻ سان توهان کي ڪو نقصان رسي ٿيو؟‘

’هرو پرو پنهنجو ٽائيم وڃائيندو آهين، تون بہ منهنجو ننڍو ادا آهين. مان نہ ٿي چاهيان تون پنهنجا ڪلاس مِس ڪرين.‘

’مون وٽ جذبا، پڙهائيءَ کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا.‘

’چريو آهين.‘

کن رکي چيو هيئي:

’تنهنجي شادي ٿيل آهي؟‘

’نہ، پر ’مئريج‘ ماڻهوءَ کي هميشہ مائٽن جي مرضيءَ سان ڪرڻ گهرجي. مائٽ ڪڏهن بہ اولاد لاءِ غلط فيصلا نہ ڪندا آهن.‘

۽ مان اوچتو چئي ويٺو هئس:

’ڪلين بولڊ ٿيڻ کان پو هر ماڻهو ائين ئي سوچيندو آهي.‘

هڪدم چپ ٿي وئي هئين. تنهنجن اداس نيڻن ۾ لڙڪ پيرجي آيا هئا.

تنهنجي ڊپارٽمينٽ نہ آيو هئس، نہ نصير سان مليو هئس. ٽئين ڏينهن نصير صبح جو مون وٽ آيو هو چيو هئائين:

’اڄ اسان جي ڊپارٽمينٽ ۽ انٽرنيشنل رليشنز جي وچ ۾ ڪرڪيٽ ميچ آهي. هل تہ اسٽيڊيم هلون.“

اسان اسٽيڊيم پهچي ويا هئاسون. مون ڏٺو هو تون منهنجي وڏي ڀاءُ کي ڪجهہ چئي رهي هئينءَ. توهان وٽ اچڻ مناسب نہ سمجهيو هئم. منهنجو وڏو ڀاءُ توسان ڳالهائي ريو هو تہ موڊ خراب هئس، زهر ٻڏل آواز ۾ چيو هئائين:

’اهڙين ڇوڪرين سان ڳالهائڻ جو ڪهڙو ضرور........؟‘

ڪيس ڪو جواب ڏيان ئي، منهنجو وڏو ڀاءُ ڪاوڙيل ڏاند جيان اسٽيڊيم جا ڏاڪا لتاڙيندو، پيرن مان آوازن جي ڌوڙ اڏائيندو هليو ويو هو. هڪ ڪن لاءِ توڏانهن نهاريو هئم. ’يو‘ شيپ وارن مٿان ڪرڪيٽئر ڪيپ تاٽيل هئي ۽ اکين مٿان سن گلاسز. ان مهل ڏاڍي افسوس مان پنهنجي ان ادا ڪي، اکين تي دوربين رکي پهرين بال تي آؤٽ ٿيندي ۽ واپس ايندي ڏسي رهي هئينءَ جيڪو توکي بيحد ويجهو وهندو هو. ڪرڪيٽ ڏسي گهر واپس آيو هئس ته ڀاءُ چيو هو:

’هن توکي گاريون پئي بڪيون.‘

’سو ته سندس رائيٽ آهي.‘

منهنجو جواب ٻڌي ڀاءُ گلاس اڏ ۾ روڪي ڇڏيو هيو؛ ۽ وات ۾ پيريل گرڙي زور سان ڌرتيءَ مٿان اڇلائي ڇڏي هئي. پوءِ اڏيڪو گلاس ٻه.

نصير اچي ٻڌايو هو:

’هن توکي گاريون پئي بڪيون.‘

جواب ۾ ڪلي چيو هئس. نصير افسوس مان چيو هو:

’سنجها ڪي ائين ڪرڻ نه ڪپندو هو.‘

مون ٻاريءَ ۾ بيٺل گلاب مان هڪ گل پٽي، نصير جي ڪوٽ جي ڪالر مٿان هٽي ڇيو هو:

’ڏس گل تنهنجي ڪوٽ جي ڪالر مٿان ڪيڏو نہ خوبصورت پيو لڳي؟‘

نصير پنهنجن چپن جي ڪنڊن تي مرڪ جا پوپٽ ڪٽي هليو ويو هو.

پنهنجي ڊپارٽمينٽ ڪان واپس پئي وريس تہ هڪ سجاٽو اچي مليو هو. ملندي ئي چيو هئائين:’هن جا سڀ ’ادا‘ تو مٿان ڪاوڙيل آهن. هنن چيو پئي هاڻ جيڪڏهن تون هنن جي ڊپارٽمينٽ ۾ ويندين تہ هو پنهنجن غيرتي نونشن سان تنهنجو منهن، ڪجھہ مهينن لاءِ سجاٽپ ڪان ٻاهر ڪري ڇڏيندا. هڪ اڌ تہ تو کي گار ڏيندي چيو هو.... جو ڪلاڪار آهي؛

ڪلاڪار هوندا ئي وڏا.........آهن.‘

’ها شايد هو سڀ سچ ئي چون ٿا.‘

هن سجاتل کي جواب ڏئي هلڻ لڳو هئس تہ هن پنيان رڙ ڪري چيو هو:

’هو جيڪو هن جي تمام ويجهو آهي، تنهن جا تہ تومٿان ڏاڍا خار آهن؛ تو سنجها جو هٿ هن آڏو ڇميو هو ڇا....؟‘

’ڪاش ائين ٿيو هجي ها.‘ چپن ۾ پڙڪيو هئم. ان ئي ڏينهن مون توهان ٻنهين کي هڪ پبلڪ پليس تي ڇپر مٿان بلڪل ويجهو ويٺل ڏٺو هو. توکي ۽ تنهنجي ان ادا کي جنهن کي ان ڳالهه تي اعتراض هو ته مون وچ فيڪلٽيءَ ۾ تنهنجو هٿ ڇميو هو. پوءِ توهان مون کي ڪٿي نه ڪٿي هڪ ٻئي جي ويجهو نظر ايندا هئو. ۽ آئون ڪنڌ جهڪائي من ئي من ۾ تولاءِ دعائون گهرندو هليو ويندو هئس؛ دعائن تي يقين نه هوندي به.

۽ خبر پئي هئي هڪ ڀيري ته تو آڏو ٿيلي اسٽار جي پٽ وائڪي تي پئي هئي ته هو توسان نه پر ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان رومانس ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. پوءِ به پنهنجي ٿيلي اسٽار ’ادا‘ مان آس نه ڇڏي هئي ۽ مون کي شديد دک ٿيو هو؛ يونيورسٽي اچڻ ڇڏي ڏنو هئم. ۽ جيئن ته واندي ويهڻ سان عذاب جي سرڪڻ ڦاهي وڏيڪ سوڙهي ٿي ويندي آهي تنهنڪري هڪ اخبار ۾ پريس فوٽو گرافر ٿڄي ويو هيس.

خبر ناهي گهڻن ڏينهن پڇاڻان......؟

شايد مهينو_منهنجي وڏي پاءُ منهنجي آڏو پيل ڪرسيءَ مٿان ويهندي چيو هو:

’هوءَ آئي هئي. توسان ملڻ پئي چاهيائين؛ چيو هومانس: هو مصروف ٿي ويو آهي؛ هاڻ ڪنهن سان به نه ملندو . پر هن ضد ڪندي چيو آهي ته تون سياڻي هن سان ضرور مل. مون سان چڱي دير ڪچهري ڪيائين؛ بيحد پياري ڇوڪري آهي.‘

ٻئي ڏينهن تو وٽ آيو هئم. ان وقت ڊپارٽمينٽ جي پٽ کي ٽيڪ ڏئي ڪجهه سوچي رهي هئينءَ. مون کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي اڳتي وڌي آئي هئينءَ. ٻئي ماٺ ماٺ، وڪ

وڪ، سيڪنڊ فلور جي اڪيلي ڪنڊ ۾ اچي ويا هئاسون. تنهنجن گهرن نيٽن ۾ تڪڻ لڳو هئس تہ چيو هيئي:

’ائين نہ ڏسندو ڪر، محسوس ٿيندو آهي جڻ تنهنجو اکيون مون کان ڪجهہ گهرنديون هجن.‘

نگاهون تنهنجن نين تان هٽائي آڪاش ۾ ترندڙ اڪيلي ڪڪريءَ مٿان کپائي ڇڏيون هئم. آڪاش ۾ تڪيندي چيو هيئي:

’ڪيتري نہ اڪيلي آهي....؟‘

توڏانهن ڏٺو هئم. چيو هيئي:

’مٿي هلون.....؟‘

فيڪلٽيءَ جون ڏاڪڻيون چڙهندا، ڦبي مان ٿيندا، ڇت مٿان اچي ويا هئاسون سيئي مٿاهيون هيٺاهيون ٻڌجي ويون هيون. آسمان ۾ ڏٺو هئم، ڪڪري هوريان هوريان هڪ وڏي ڪڪر سان ٻڪين پئجي رهي هئي. تو ڦهريان ڪڪريءَ ۾ ڪڪر ڏانهن ڏٺو هو. ڀو اک ٿيٽ ڪري مون ڏانهن، مرڪ ٻنهي جي چپن مٿان ڦهلجي وئي هئي.

ملڻ لڳا هئاسين.

ڦهرين فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾، پوءِ فيڪلٽيءَ جي پارڪ ۾، ۽ پوءِ يونيورسٽيءَ جي

اڪيلن روڄن مٿان. هڪ پيري مان، تون ۽ شبنم سينٽرل لائبريريءَ جي ٿلهن کي ٽيڪ لڳائي اينڊرز ويندرز نون آيل ڇوڪرن جي وائٽرائپ مٿان ڪلي رهيا هئاسون تہ فيڪلٽي ۽ لائبريريءَ جي وچ واري روڊ مٿان، هڪ لائيٽ رنگ جي ڪار موڙ ڪٽي، فيڪلٽيءَ ڏانهن وڌڻ لڳي هئي، سلو اسپيڊ ۾، مون ڏٺو تنهنجين اکين ۾ ڪي رنگ لهي آيا هئا. ۽ شبنم جي ڇهري تي بہ. تو چيو هو:

’ڏس اُها ئي آهي نہ.....؟‘

’رنگ تہ اهو ئي آهي.‘

’ها: اهائي آهي.‘

ڪنهن، ڪار جي سائيڊ وارو شيشو لاهي تو ڏانهن ڏٺو هو. پوءِ ڪار ٻيو موڙ ڪٽي فيڪلٽيءَ جي ڪينٽين سامهون بيهي رهي هئي؛ ڪار مان ڪوئي لٿو هو ۽ پارڪ جي آڏ واري سيمينٽڊ گرل تي وڃي ويهي رهيو هو. تڪڙ ۾ اٿي بيهي رهي هئينءَ. پنهنجو بلو جينز وارو پرس ڪلهي مٿان سَٽي، وڃڻ لڳي هئينءَ.

’ڪيڏانهن.....؟‘

’باءِ، سپاٽي ملنداسين.‘

.پر ڇو.........؟‘

ان لاءِ جو هو ڪار وارو منهنجو ڪزن اهي ۽ مون کي وٺڻ آيو آهي؛ خبر ناهي ڇا ڳالهہ آهي.... ۽ تون مهرباني ڪري منهنجي پرس مان هٿ ڪڍي ڇڏ تہ ڪٿي منهنجي يونيورسٽي نہ وڃائين.‘

نہ چاهيندي بہ پرس مان هٿ ڪڍي ڇڏيا هئم، تون ڪاٽا ٽيل لغڙ جيان لڏندي لمندي هلي وئي هئينءَ. هو گرل تان لٿو هو؛ تون ڪار ۾ ويهي رهي هئينءَ. ڪار ٽرن ڪٽي منهنجي آڏو پوري اسپيڊ سان ڦيٿن مان چرڙات ڪڍائي گم ٿي وئي هئي. شبنم مون ڏانهن ڏٺو هو. سندس چهري تي مون لا همدرديءَ جا ڀاوَ پگھر جي ڦڙن جيان جرڪي پيا هئا.

تون پوليٽيڪل سائنس جي سيمينار ۾ پنهنجي فرينڊس سان ويٺي هئينءَ. مون کي اکين سان پاڻ ڏانهن سڏيو هيئي. ڪيتري دير مون کي لنوائي پنهنجين فرينڊس سان ڳالهائيندي رهي هئينءَ. بور ٿيندو رهيو هئس. توهان سڀ سيمينار مان نڪري ٻاهر اچي ويون هيوءُ: مون کي ڪولر وٽ ڇڏيندي چيو هيئي:

’هڪ منٽ مان اچان ٿي.‘

نہ ڄاڻ ڪيترا منٽ تنهنجو انتظار ڪندو رهيو هئس. تون نہ آئي هئينءَ. ان ڏينهن پنهنجي نہ هئڻ جو احساس شدت سان ٿيو هئم. ۽ مان هلندو رڙهندو. انگلش ڊپارٽمينٽ وٽ پهتو هئس؛ ڪنهن نئين ڇوڪري سان ٺلهہ کي ٽيڪ ڏئي ڪمپني ڪري رهي هئينءَ. منهنجي اندر ڄڻ ڊي ڊي ٽي هارجي وئي هئي. اجنبين جيان اڳتي هليو ويو هئس. پٺيان سڏ ڪيو هيئي پر مان هلندو ئي ويو هئس.

ان رات انهيءَ ڇوڪري کي ڳوليندو سندس روم تائين پهتو هئس. منهنجي حالت ڏسي سمجهي ويو هئو. چيو هيائين:

’تون تمام سٺو آهين.‘

مئل آواز ۾ چيو هيومانس:

’مون کي سنجها سان محبت آهي.‘

’بکي ٿي پئي هن وقت ٻه،‘

’مان هن کي وڃائڻ نه ٿو چاهيان.‘

’سٺي ڳالهه آهي مان ته اهو ٻه چاهيان ٿو، تون هن کي انهن ڇوڪرين جي دائري مان ڪڍي آ، جيڪي دراصل هن جون دوست ناهن. هو سڀ ڪرپٽ آهن؛ سنجها بيحد سٺي آهي.‘

ماٺ ٿي ويو هئم. هن چيو هو:

’ڀريون ڀيرو ڪنهن ڇوڪريءَ سان يونيورسٽيءَ ۾ ملي ڀيڻ هجڻ جو احساس ٿيو آهي. مان ٻه تنهنجي مدد ڪندس.‘

ان وقت اهو ڇوڪرو، گلوڪوز جو ڀريل گلس لڳو هئم.

ٻي ڏينهن پوليٽيڪل سائنس جي ڪنڌ وٽ ملي هئينءَ؛ اڳين ڏينهن ڪان وڌيڪ سهڻي ٿي پئي هئينءَ. ٻئي وڪ وڪ هلندا آرٽس فيڪلٽيءَ جي گيمس لا ٻاهران ٻٽيل 'ونگ' ڪي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيا هئاسين. ان ڏينهن اسان ٻنهين، خدا تي ڊگهو بحث ڪيو هو. تنهنجي ڳلي ۾ الله لکيل لاڪيٽ پيل هو ۽ منهنجي ڳلي ۾ صليب. منهنجي هر ڳالهہ ڪي رد ڪندي آخر ۾ عام لهجي ۾ چيو هيئي:

'مون وٽ نہ ايندو ڪر، ٽيون ڏينهن منهنجي ڪزن مون ڪي دڙڪا ڏنا هئا.'

اندر ئي اندر ڪنهن اونهين کاهيءَ ۾ ڪرندو ويو هئس. ويندي ويندي پينٽ جي پئچ پيڪٽ مان تو لا آندل سوپاريون ۽ ڪٽمنا توڙانهن وڌائيندي چيو هئم:

'ڪنهن ڇڏي وڃڻ سان ڪوئي مري ناهي ويندو؛ پر وسارڻ لا ڪي ڏينهن، ڪي مهينا، ڪي سال، عذاب ڀوڳڻو پوندو آهي.'

وڪ وڪ هليو ويو هئس ڇڻ هر وڪ ڊهندو ويو هئس.

سڀ رستا اجنبي ٻڻجي ويا هئا.

رات جو ڪنهن دوست پڇيو هو:

'سنجها ڪي وسارڻ ۾ ڪيترا ڏينهن لڳندئي........؟'

’صديون؟‘

’هڻ؟ تو جهڙو بولڊ ماڻهو بہ ايترو ڊانهن لڳائيندو، هڪ ’آرڊنري، ڇوڪريءَ کي وسارڻ ۾.....!!!؟‘

ان مهل مون کي پنهنجو دوست ڏاڍو ’آرڊنري‘ لڳو هو. کلي پيو هئس. کلي پيو هئس الائجي روئي پيو هئس پر مون کي جيسين ياد آهي اهو آواز کلڻ جو ئي هو.

پيهر پنهنجي ڊنڊي سان لڳي ويو هئس.

هر وقت کلي ۾ کيمرا لڙڪائي، شهر ۾ ٿيندڙ حادثن پٺيان ڊوڙندي سوچيندو رهندو هئس؛ ڪا اهڙي کيمرا بہ هجي ها، جيڪا اندر ۾ ٿيندڙ حادثن جا بہ فوٽو ڪڍي سگهي ها. ۽ آئون پنهنجي اندر ۾ ٿي پيل اڪت حادثن جي فوٽو گرافز جي نمائش ڪرايان ها ڪنهن چوڪ مٿان. شام جو هڪ لاوارث لاش جو فوٽو ڪڍي، جيڪو سول هاسپيٽل جي ڪولڊ اسٽوريج ۾ فرش تي پيل هو، گهر ويو هئس تہ نصير ٻڌايو هو:

’هن ٽنهنجو پڇيو پئي؛ ڪجهہ پريشان بہ هئي.‘

سوچيو هئم تون تہ ٻن جملن ۾ سڀ رشتا ناتا ٽوڙي منهن موڙي فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾ عائب ٿي وئي هئينءَ؛ پوءِ ڪنهن اجنبيءَ جي پڇا ڇا لاءِ........؟

منجهند جو وريم پئي تہ شبنم سان گڏ تو کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺم هئم. چاهيو هئم لنوائي هليو وڃڻ؛ پر ائين ڪري نہ سگهيو هئس ۽ تون ڪنهن رومانٽ فلم جي ’ڪٽ

تو ڪٽ‘ سين جيان پهرين پيرن تائين، پوءِ ڇاتين تائين، پو ڪلهن تائين، چهري تائين، ۽ آخر ۾ سڄي اسڪرين تي ڪائنات مثان تنهنجن اداس نيڻن جو ’تائيٽ ڪلوز‘ ڦهلجي ويو هو. جنهن ۾ اڏامي رهي هئي هر طرف وڇوڙي جي واري. دل چاهيو توکي ڀڪراٽڙي پائي ’ڪِس‘ ڪرڻ لاءِ نرڙ تي، اکين تي، ڳلن تي، نڪ ۽ چپن تي. پنهنجن سمورن جذبن مٿان لت رکي ڇڏي هئم. شبنم چيو هو:

’هن سان ملو هن کي چوندا آهن سنجها.‘

’ها آ...........‘

پنهنجي ’ها آ‘ شام جي اداس پاڇن ۾ گم ٿيندڙ ڪو ڪٽڇي لڳو هو. رهجي وئي هئي جنهن جي رڙ ’ها آ‘ تو چيو هو:

’سپاٽي ايندين........؟‘

’تون چاهين ته.‘

’مان چاهيان ٿي.‘

’ايندس.‘

’نه چاهيان ته .......؟‘

’نہ ايندس.‘

’ڇو؟‘

’تنهنجو چاهڻ، مون لاءِ سڀ ڪجهہ آ. مان چاهيان ٿو تنهنجي چاهڻ سان اهو سڀ ڪجهہ ٿي وڃي جيڪو تون چاهين ٿي ۽ اهوسڀ ٿيندي رهجي وڃي جيڪو تون نہ ٿي چاهين.‘

تنهنجي چوڌير پيل ڪرسين مان هڪ تي ويهي رهيو هئس. تون ڪلاس جي ڏڳهين درين جي رنگ لڳ شيشن ۾ گوريندي رهي هئينءَ. محسوس ٿيو هئم ڄڻ تون درين جي ٻئي پار ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئينءَ، وچايل آواز ۾ پڇيو هيئي:

’مان جيڪا اندران آهيان؛ ٻاهران ڇو نہ آهيان......‘

’اسان جيڪڏهن پنهنجا اندر پنهنجي ٻاهران مڙهي هلون نہ، تہ هڪ وک بہ نہ هلي سگهون.‘

’ها نہ........؟‘

هڪدم ڇيو هيئي. پر آئون ڪجهہ بہ ڇئي نہ سگهيو هئم؛ گهڻو ڪجهہ چوڻ چاهيندي بہ.

’تون مون وٽ روز ايندي....؟‘

’جيڪڏهن تون چاهين تہ........؟‘

’هاڻ شايد مان روز چاهيندوس. سياڻي ايندي؟‘

’ها،

’مون کي ويساهہ نہ ٿو اچي،‘

’توکي مون تي ويساهہ رکڻ گهرجي.‘

’ها، سياڻي ضرور اچجاءِ_ مان گهران نيل ڪٽر کڻي ايندوس: تنهنجا نهن ڏاڍا وڏا ٿي ويا آهن.‘

چيو هئم:

’نفسياتدانن جو چوڻ آهي، جن ماڻهن جا نهن گهڻو ڪري وڏا هوندا آهن سي سدائين تصور جي دنيا گهمندا رهندا آهن.‘

ڪو بہ جواب نہ ڏنو هيئي؛ خاموشيءَ سان منهنجي شرٽ جو مٿيون بٽڻ بند ڪري ڇڏيو هيئي جيڪو مان ننڍپڻ کان بن ڪرڻ وساري ڇڏيندو هئس.

ڊپارٽمينٽ پابندي سان نہ وڃڻ سبب ڪجهہ ٽيسٽون رهجي ويون هيون. هونءَ بہ انٽر

جي هڪ سبجيڪٽ ۾ رهجي ويو هئس جنهن جو فارم تہ ڀري ڇڏيو هئم پر جنهن ڏينهن ’سپلي‘ ڏيٽي هئم ان صبح جو هلڪي ڦڙ ڦڙ پئجي رهي هئي. چاهيندي بہ امتحان ڏيڻ لاءِ موڊ ئاهي نہ سگهيو هئس. پينٽ جي پئچ پيڪٽ ۾ سلپ وساري تو وٽ هليو آيو هئس. ان ڏينهن علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار تي مون ڏانهن ڏسندي چيو هيئي:

’مون کي مڇن وارا ڇوڪرا ڏاڍا زبردست لڳندا آهن.‘

۽ منهنجي نڪ ۽ چپن واري خالي حصي کي ڏسڻ لڳي هئينءَ. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ منهنجا چپ نيور ڪارين مڇن ۾ وجائجي ويا هئا. پهريون ڀيرو شدت سان احساس ٿيو هئم تہ وڏين مڇن سان تہ ماٺهو پنهنجي ڪوڙي ڪل بہ ڏاڍي آرام سان لڪائي سگهي ٿو. ۽ پوءِ مان پاڻ کي وٽڻ لڳو هئس.

انهن ايترن ڏينهن ۾ تنهنجو ڪوبہ ادا، مون سان نہ ٽڪرايو هو. هُو بہ نہ جنهن کي مان ٽيلي اسٽار سڏيندو هئس. جيڪو تو کي ويجهو هو: ۽ جنهن کي وڏو اعتراض هو تہ مان وچ ڪاريڊور ۾ تنهنجو هٿ ڇو چميون هو.

هڪ ڀيري سنڌالاجيءَ ٻاهران سرينهن جي وڻ هيٺيان منهنجي پير ۾ ويهي ڏرتيءَ تان ننڍڙيون پٿريون ميڙي رهي هئينءَ، تہ مون پڇيو هئو:

’ٻڌ، تنهنجو اهو ادا ڪٿي آهي؟ جنهن کي اعتراض هو تہ مون سين آڏو تنهنجو هٿ ڇو چميو....! ۽ جنهن مون کي بي انتها مار ڏيڻ ٽي چاهي ۽ جنهن مون کي گاريون بہ بڪيون هيون؟‘

چيو هيئي ڏاڍي ڏکار مان:

’ڇڏينس، ڍنڍ ۾ هٽينس. هن کي مون کان وڌيڪ جي ڳولا آهي.!

کن رکي ڏرتيءَ تان هڪ گولو تراڪڙو پٿر کڻي منهنجي ترِيءَ تي رکندي پڇيو هيئي:

’تون مون سان مئريج ڪندين.........؟‘

مون پنهنجي ترِيءَ مٿان رکيل تراڪڙي پٿر کي ڏسندي پڇيو هو:

’هي ڇا آهي.....؟‘

’ماني‘ پل کن ماٺ رهي وري پڇيئي:

’هون مون سان مئريج ڪندين........؟‘

’ها‘

تون واٽڙي تي وئي هئينءَ. شايد مون مان اها اميد نہ هئي.

رات جو ڊائري ۾ لکيو هئم_ اسان سڀ سفر ڪري رهيا آهيون ۽ ايندڙ ڪنهن اسٽاپ تي مرڪ جا گل ۽ باءِ جو آٽوگراف ڏئي هلي ويندي.

۽ مان سندس پيرن ۾ پاتل نفيس سينڊيل جي ’پينسل هيل‘ جا آواز پاڻ کان ڏور ويندي ٻڌندو رهندس.

علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار تي ڏاڍيون گهريون ڳالهيون ڪيون هيئي. منهنجي ڪاٻي پاسي ويٺل هئينءَ، ايترو ويجهو جو مون کي محسوس ٿيو هوچڻ منهنجي ڪاٻي ڪڪ سوني ٿي وئي هجي. ڏاڍو هوريان پئي ڳالهائي جڻ تون منهنجي پير ۾ نہ منهنجي قبر جي ڪتبي جي پير ۾ ويٺل هجين. تنهنجا نيڻ ساروٽيون ٻڌجي پيا هئا. نيڻ نہ هئا چڻ سرينهن جي تاريءَ ۾ اٽڪيل ٻہ جهنجٽيون هيون. جيڪي ڪنهن بہ گهڙيءَ هوا جي زور تي ساروٽين جي ياد تي ڪري بہ سگهيون ٿي. ڪِري اڏامي بہ سگهيون ٿي ڪنهن بہ ڏسا ڏانهن، چئن ڏسائن مان. چيو هيئي؛

’نہ مان توسان مئربج نہ ڪندوس؛ تو سان مئربج ڪري پنهنجا سڀ در بند ڪرائڻ نہ ٿي چاهيان. مان اهي در بند ٿيندي ڏسي نہ سگهندوس.‘

پر نہ چاڻ چو..... انهن مڙني دروازن کي پنهنجن هٿن سان هوريان هوريان بند ڪري ڇڏيو هيئي ۽ تنهنجو سمورو خوف سچ ها وي تان ويندڙ، ’اين_ ايل_ سي‘ جي ترڪ هيٺيان اچي مري ويو هو. مري ويو هو! مري ويو هو الائجي بيهوش ٿي ويو هو....؟ ان منجهند جو قاضيءَ جي ٿلهي کي ٽيڪ ڏئي تو چپن ۾ پٽڪيو هو.

’اڄ صبح، يونيورسٽي ايندي مون هن کي ڏٺو هو بس جي دريءَ مان. ڏسندي ئي پيانيو هوم، جڻ سڀ ڪجهہ پٺتي رهجي ويو هجي، هن سان گڏ. دل چاهيو هو هلندڙ بس جي دريءَ مان ٽپو ڏئي ڇڏيان.‘

چپ چپ روئڻ لڳي هئينءَ. رات جي پوئين پهر ۾ سانيتڪي وهندڙ نديءَ جيان. مون کي ڏاڍي ريس آئي هئي ان مٿان جنهن کي تو ايڏو چاهيو هو. سوچيو هئم_ ڪڏهن جيڪو هو ملي ويو هو مون کي تہ مان هن جا اهي چپ ضرور چمندس. جن سان هن پهريون پيرو تنهنجن ڪنوارن چپن کي ’ڪِس‘ ڪئي هئي.

ساڳي تاريخ تي، تو پنهنجا چپ منهنجي ڊائريءَ مٿان اتاري ڇڏيا هئا.

اڄ بہ انهيءَ پني مٿان تنهنجي لپسٽڪ جي سرهاڻ ۾ شفق رنگ چپ ستل آهن. تنهنجي اڌ ڪليل چپن هينيان سائي مس پريل پين سان لکي ڇڏيا هئم، ’امداد‘ جي ترائيل جا بند:_ وري ملون نہ ملون، زندگي رهي نہ رهي.

الائي ڪهڙي خبر دوستي رهي نہ رهي.

چپن کي ٿورڙو ويجهو ڪري ڏسي تہ وٺون

اکين ۾ پو اها روشني رهي نہ رهي.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ_

قاضيءَ جي مزار تان تقريبن ٽين وڳي اٿي، سنڌالاجيءَ ڏانهن ويندڙ روڊن تي پهتا هئاسون؛ مون کي الائجي ڇا سمجهيو هو، جهٽ ڏئي تو کي ٻانهہ ۾ ڪٽي ورتو هئم. رڙيون نڪري ويون هيئي. ان مهل تون خوف ۾ ويڙهجي وئي هئينءَ جڏهن ڊوڙڻ لڳو

هئس. انهيءَ ڦِٽڪ ڦِٽڪان ۾ منهنجن هٿن جي پڪڙ مان تون ڪسڪي وئي هئينءَ ۽ تون هٿن پير روڊ مٿان ڪري پئي هئينءَ. جڏهن اٿي هئينءَ تہ ساڄي هٿ جون بہ آڱريون رهڙيل هيئي. ان وقت منجهند جا سوا ٽي ٿيا هئا. هن مهل رات جي چار ٿي رهيا آهن. انهيءَ وچ واري عرصي ۾ الائجي ڪيترا ڀيرا منهنجا هٿ تنهنجي سرير تان ڪسڪي ويا آهن. انهيءَ وچ واري عرصي ۾، مون ڏاڍو پوڙهيو آهي؛ پوڙهيان پيو. بلڪل ائين جيئن، زبردست برسات ڪان پوءِ نہ ڄاڻ ڪيتري دير شهر جون ديوارون روئنديون آهن. ڦڙي ڦڙي، ڦڙي ڦڙي.

تو وٽ روز اچڻ ڪري ۽ تنهنجي ڀرپور موٽ سبب، مون ڏنو تہ تنهنجا سڀ ’ادا‘ توکي هڪ هڪ ڪري ڇڏي ويا هئا. ٽيلي اسٽار بہ. هو سڀ مون تي جڪ ڪائڻ لڳا هئا. هنن اسان جي چرپر تي نظر رکڻ لا فيڪلٽيءَ ۾ ڇولا وڪندڙ ڇوڪري کي ڇڏي ڏنو هو. ان ڳالهہ جي سُڌ اسان ٻنهي کي هئي؛ ۽ پرواهہ اسان ٻنهي کي نہ. توکي ياد هوندي 23 مارچ 1980ع تي موڪل هئي ۽ چوويهينءَ تي تنهنجي ٽيسٽ. ان صبح جو مون کي هڪ ڊاڪٽر دوست ملي ويو هو، جنهن مون کي ڪينسر جي باري ۾ پوائنٽيون ڳالهيون ٻڌايون هيون. نُهن ڪان ڇوٽيءَ تائين ڊپ جي ڪنڊ تارن ۾ ويڙهجي ويو هئس. تنهنجي ڪلاس جي ڪليل در وٽ اچي توکي ڏسڻ لڳو هئس. تون لکڻ ۾ محو هئينءَ. ڀانيو هئم، تون ’ماس ڪميونيڪيشن‘ جي ٽيسٽ نہ، پر پنهنجي آخري وصيت لکي رهي هئينءَ.

منجهند جو مون کي ڪلاس ۾ اڪيلو ڇڏي وڃڻ لڳي هئينءَ، جيڪو مون نہ ٿي چاهيو. ان وقت پاڻ کي بہ ڪلاس ۾ پيل ڪرسيءَ جيان لڳو هئس جنهن تان تون اٿي وڃڻ لڳي هئينءَ. ان وقت تائي تون مون کي ڪرسي ئي سمجهندي رهي هئينءَ شايد.

مون توکي ان پل بہ نہ روکيو هو. سڌ هئم تہ تون منهنجي روڪڻ سان ڪڏهن نہ رڪندينءَ (ضد تنهنجي وجود جو حصو هو.) توسان گذاريل هر ڏينهن مون کي آخر لڳندو هو. ويندي ويندي منهنجي ڳل تي هلڪي ’ڪِس‘ ڪري وئي هئينءَ. ۽ مان ٽيبل مٿان رکيل هٿن ۾ پنهنجو منهن لڪائي، تنهنجي ’پينسل هيل‘ جا آواز پري ويندي ٻڌندو رهيو هئس. ڪجهہ دير ڪان پوءَ تنهنجي نفيس سينڊل جا آواز، پاڻ ڏانهن ايندي محسوس ٿيا هئا. لڳو هئم، تنهنجي وڃڻ ڪان پو ڪاريڊور ۾ تنهنجي سينڊل جا رهجي ويل پڙاڏا آهن؛ جيڪي اڃي رهيل هئا/ چي رهيا آهن. مان هميشہ پنهنجي دل جو ڌڙڪو تنهنجي ’پينسل هيل‘ مان ايندي ٻڌندو هئس ۽ تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ پنهنجي دل بيهجندي محسوس ڪندو هئس. ڄڻ مرڻ لڳندو هئس.

تون واپس اچي ويئي هيئن. تنهنجن نيڻن ۾ ايلاز سمايل هو.

’ڏس مان موٽي آئي آهيان...... سوچيم مٿان تون ناراض ٿي وڃين.‘

’نہ؛ تون هلي وڃ نہ.........؟‘

ٻانهن مان ڪڍي ڇيو هئم. ۽ سوچيو هئم هونئين هڪ نہ هڪ ڏينهن تون بہ اڪيلو ڇڏي هلي ويندينءَ. محبتن جي معاملن ۾ منهنجي حيثيت سدائين سرحدون پار تہ ڪرڻ وارن جهڙي رهي آهي. مان ڪيڏانهن ويندس......؟؟ تون تہ انهن مان هئينءَ جيڪي محبتن جون سرحدون پار ڪندا هليا ويندا آهن. اڳتي گهٽو اڳتي؛ ان کان بہ ۽ ان کان بہ........

تو جڏهن بہ چاهيو هو سپر هائي وي جي فوٽ پاٿ تي بيهي آگوٺي جي هلڪي اشاري

سان ڪارن کان لفٽ ورتي هيئي. جڏهن بہ ڪار ۾ چڙهي هئينءَ منهن ورائي مون ڏانهن نهارڻ ضروري نہ سمجهيو هيئي. ۽ ڪار منهنجين اکين کان ائين ٽِبڪي ۾ ڦري ويندي هئي، جيئن ان مهل منهنجي حيثيت تنهنجي آڏو ٽِبڪو بڻجي ويندي هئي. ان وقت بہ شايد توکي خبر نہ هئي، تہ سموري ڪائنات جو وجود ٽِبڪي تي بيٺل آهي. توکي تہ اها سڌ بہ نہ پئجي سگهي هئي تہ ڪنهن دؤر ۾ هيءَ ڪائنات پاڻ هڪ ٽِبڪو هئي ۽ مان تو لاءِ ٽِبڪو هوندي بہ ڪائنات هوندو هئس. اڄ مان ڪائنات هوندي بہ ٽِبڪو بڻجي ويو آهيان. اهڙو ٽِبڪو جيڪو پولارن ۾ گم ٿي رهيو آهي.

ڪار تنهنجي ڪمزوري هوندي هئي. تون هميشہ ڪار جي ماڊلز تي ڊفينس سوسائٽي جي بنگلن تي ۽ نئن هڪ اس ۾ ڪٽڙيءَ تائين پگهر ۾ ٻڏل هوندي بہ ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾، فوم جي گاديلن تي چاتين پرليتي، ’رموور‘ سان پنهنجن ننهن تان پراڻي نيل پالش لاهيندڙ چوڪرين جي باري ۾ ڏاڍو ڳالهائيندي هئينءَ. ان وقت اهي سڀ تنهنجا خواب هوندا هئا؛ رڳو تنهنجا. منهنجا خواب تہ تڏهن بہ سخت گرميءَ ۾ يوڪلپش ۽ سرينهن جي وڇ ٿيل پيچري تان وک وک هلندا رهندا هئا، پنهنجي ماڳ ڏانهن. جتي ڪنهن بہ ڪار لاءِ ڪوبہ روڊ ٺهيل نہ هو.

انهن ئي ڏينهن ۾، اهو ساڳي لائيٽ رنگ واري ڪار وارو تو وٽ آيو هو، جيڪو هڪ پيرو اڳ بہ توکي مون کان جدا ڪري چڪو هو. ان ڏينهن بہ تون مون کي ڇڏي هلي وئي هئينءَ چو تہ انهن ڏينهن ۾ تنهنجو خواب مان نہ، ڪار هوندي هئي.

گهڻن گهڻن ڏينهن پڇاڻان جڏهن تون مون کي پنهنجين سمورين شدتن سميت چاهڻ لڳي هئينءَ تہ اهو لائيٽ رنگ جي ڪار وارو توکي ونڻ آيو هو پر تو هن کي موٽائي ڇڏيو هو. ۽ يقين ٿي ويو هئم تہ مان تنهنجو خواب بڻجي ويو آهيان. تو مون کي چيو

هو؛

’مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ. مان هاڻ توسان ڪوبہ ڪوڙ ڳالهائڻ نہ ٿي چاهيان. هو منهنجو ڪزن ناهي. ڪاليج لائيف ۾ جڏهن برقعو پائيندي هئس هو مون کي مليو هو. مون ’جليل‘ کان سخت چوٽ کاڌي هئي. ان زماني ۾ ڏاڍو پوڳيو هئم. ۽ مون لاءِ سڀ مرد هڪ جهڙا ٿي پيا هئا، منهنجي موالي مامي جي وهاٽي هيٺيان رکيل چرس منهنجي جياپي جو هلڪو ترورو بڻجي پيو هو. خبر ٿئي.... مان روز فري پيريڊ ۾؛ ڪاليج جي پٺين پاسي قبرستان ۾ وڃي چرس جيڪا سگريٽ ٺاهي پيئندي هوس. آئون ڏاڍو ’ريليڪس‘ محسوس ڪندي هوس. انهن ئي ڏينهن ۾ هو لائيٽ رنگ جي ڪار وارو منهنجي پٺيان اچڻ لڳو هو. ۽ مان نہ چاهيندي بہ هڪ ڏينهن هن سان ڪار ۾ ويهي رهي هئس. مون کي ڪار جي دريءَ منجهان ڪائنات ڏاڍي سڪي ستابي نظر ايندي آهي. هو اڪثر مون کي ڪاليج جي گيٽ تي بيٺل پٽيوالي هٿان سڏائي وٺندو هو. منهنجا هن سال کي وڏا ’سيڪسيوئل‘ ناتا نہ هئا سواءِ ڪنهن ’ڪول ڪارنر‘ تي ڪار پارڪ ڪري ’ڪِس‘ جي. ها مون هن سان شادي ڪرڻ چاهي هئي اها خبر هوندي بہ تہ هو زال وارو هو. هو مون سان پنهنجي زال جون ڏاڍيون شڪايتون ڪندو هو. هوءَ سندس مائٽياڻي هئي ۽ ’اسٽيٽس‘ ۾ شايد هن کان وڌيڪ.‘

تنهنجيون ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ، محسوس ٿيو هئم، تون پاڻ کي مسلسل تباهہ ڪندي آئي هئينءَ. منهنجي چاهنا تولا وڌيڪ گهري ٿي وئي هئي. هونءَ بہ مون کي اداس ڇوڪريون فوٽ پاٿ تي رديءَ ۾ وڪامجندڙ قيمتي ڪتابن جهڙيون لڳنديون آهن. پوءِ تنهنجين محبتن جا سمورا رستا مون طرف لڙي آيا هئا. هوريان هوريان ٻئي هڪ ٻئي جون ضرورتون بڻجي پيا هئاسين.

انهن ئي ڏينهن مان هڪ ڏينهن تي، تو منهنجي ڊائري کولي پڙهي هئي. جڏهن 1.4.1980 واري پيج تي تو پنهنجي ’پينسل هيل‘ وارو ذڪر پڙهيو هو ته چيو هيئي:

’انهن مان ناهيان جن منجهان سمجهي رهيو آهين.

جيڪڏهن تنهنجي شرط جو ڪليل بٽڻ بند ڪري ڇڏيو اٿم ۽ اڄ جڏهن مان تنهنجي هر ڏک جي پائيوار بڻجي چڪي آهيان ته سمجهي ڇڏ، تنهنجو سفر ختم ٿي چڪو آهي. ۽ مان تنهنجي سفر جي آخري منزل آهيان. هاڻ تون ڪڏهن به منهنجي ’پينسل هيل‘ جا آواز پاڻ کان پري ٿيندي ٻڌي نه سگهندين. مان پنهنجون سموريون محبتون تو مٿان گهورڻ چاهيان ٿي.‘

ان ڏينهن کان پوءِ ’پينسل هيل‘ وارو سينڊل هميشه لاءِ لاهي ڇڏيو هو. محسوس ٿيو هئم، تو پنهنجا سمورا خواب ’ڊسٽبن‘ ۾ اڇلي. يوڪلپٽس جي ڊگهن وڻن واري رستي مٿان ٽاڪ منجهند جو، منهنجن پنڌ گهمندڙ خوابن وٽ، اگهاڙين پيرن هلي آئي هئينءَ ۽ تنهنجوقد به انچ نندي ٿي وڃڻ بدران ڇهه انچ ڊگهو ٿي ويو هو. تون مون کي پاڻ جيتري ئي محسوس ٿي هئينءَ، هر طرح سان.

علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار جي پر ۾ بيٺل سرينهن جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏئي، آمهون سامهون بيٺا هئاسين. تون وڻ جي سامهون نهيل ٿلهي تي ويٺي هئينءَ ۽ تنهنجو منهن روڊ طرف هو، مان سرينهن جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏئي بيٺو هئس. منهنجو منهن تو ڏانهن ۽ پٺ روڊ طرف هئي. روڊ ڏانهن ڏسندي چيو هيئي؛

’ماڻهو ٿا اچن‘

’گهڻا آهن...........؟‘

’چار.‘

’انهن مان ڪو هڪ ’سليڪٽ، ڪر جيڪو ٻين ٽن کان وڌيڪ سهڻو هجي.‘

’ها، جيڪو نيري ڊريس ۾ آهي؛ بيحد سهڻو ٿو لڳي.‘

سرينهن جي ٽڙ کي ٽيڪ ڏئي انهن چئن جي اچڻ جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو هوس. نہ، شايد رڳو نيري ڊريس واري جو. هنن جي پيرن جا کڙڪا منهنجي ڀرمان لنگهي اڳتي وڌيا هئا تہ چيو هيئي:

’ڏس... جيڪو نيري ڊريس ۾ آهي. ڪيڏو سهڻو، ڪيڏو نہ سهڻو آهي..........؟‘

ڪنهن اڻڄاتل خوف مان، منهن ورائي ڏٺم هئم نيري ڊريس واري ڏانهن. جيڪو باقي ٽن چڱن جي لوچ ۾ نندڙا پتڪڙا ٽپ ڏيندو وڃي رهيو هو سمورو خوف هوا ٿي ويو هئم. ۽ مان وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي تنهنجي هوندي سوندي سرينهن کي ڀڪ پائي چڙيو هئم. ٻارن وانگر پڇيو هيئي:

’ڇا هو سهڻو ناهي؟‘

’نہ هو بي انتها سهڻو آهي. مون کان بہ: توکان بہ. اسان ٻنهي کان.‘

’ها. واقعي هو اسان ٻنهين کان وڏيڪ سهڻو آهي. ڇو تہ هو اسان ٻنهين جو حصو آهي. نہ اسان ٻئي هن جو حصو آهيون... اسان ٽيئي هڪ آهيون. اسان مان ڪوبہ ٻيو ڪونهي: ڪوبہ ٽيون ڪونهي..... اسان ٻئي ’هو‘ آهي. توهان ٻئي، مان آهيان. هو ۽ مان، تون آهين.‘

تنهنجو هٿ سرير تي گسڪڻ لڳو هو. پانيو هئم ڄڻ مان تو ڏانهن گسڪڻ لڳو هوس. ان وقت تون مون کي هڪ ڊگهي گسڪڻ لڳي هئينءَ جنهن جي لسي حصي تان منهنجا ٻئي پير کسي ويا هئا. مان پوري رفتار سان ترڪندو تنهنجي نرڙ، نيٽن، ڳلن، ۽ ڳچيءَ کان ٿيندو ڇپن تائين پهچي ويو هئس؛ جيڪي اٽلڪا ٿڙڪي رهيا هئا. اکيون ٻوٽجي ويون هئم. پهرين پنهنجا چپ، پو سمورو وجود وساري وينو هئس. پانيو هئم ڄڻ سنڌوءَ جي وچ ۾ ترندڙ ٻيڙيءَ مٿان اونڌيي منهن ستون پيو هوس. منهنجا چپ ٻيڙيءَ جي پيٽ تي چهٽيل هئا؛ لهر لهر جهومڻ لڳو هوس؛ اڪيلو مان نہ، ٻيڙي بہ. پر ٻيڙي بہ غائب ٿي وئي هئي: ٻئي لهرن مٿان ٻڏي وڃڻ جي پوءَ کان هڪ ٻئي سان چهٽي پيا هئاسون. لهرو هيون جيڪي اسان کي لوڏي رهيو هيون: هيٺ مٿي، ساڄي کابي، کابي ساڄي. ان ڏينهن اسان جي هٿ ترين ۾ اکيون ڦٽي پيو هيون، جيڪي اڪثر محبت جي شدت پيدا ڪري وٺندي آهي ۽ هٿ جسم جي سپني ڳلين جو سير ڪرڻ لڳندا آهن.

سخت جهڙ هو. اسان ٻيئي آرٽس فيڪلٽيءَ جي پٺين پهاڙيءَ تي پير لڙڪائي وينا هئاسون. هلڪي ڦڙ ڦڙ بہ پئجي رهي هئي. مون آسمان تي هڪ ٻئي مٿان سٽيل ڪڪرن ڏانهن ڏسندي چيو هو:

’آسمان بيروت ٻڏجي ويو آهي.‘

چڻ رات جي ڪنهن پهر آسمان کي باهه لڳي، وسامي چڪي هئي. صبح جو رهجي ويو هو نيور ڪارو دونهون؛ هڪ ٻئي مٿان سٽيل. دونهون جيڪو ڊوڙي رهيو هو اتر کان ڏکڻ ڏسا. جڏهن مان آسمان ڏانهن نهاريو هو. اکٽ ڦڙيون منهنجين پنبڻين تي ڪريون هيون ۽ ڪيتريون ڳالهائڻ سبب وات جي ڪاهيءَ ۾ وڃائجي ويون هيون. ان مهل مان پنهنجو ڪليل وات پنهنجين اکين سان ڏٺو هو. پي انتها گهرو. اونهون. ڦڙيون آسمان تان ٽٽي پنهنجي وات تائين ايندي ڏٺيون هئم ۽ وات جي اونهيءَ ڪاهيءَ ۾ ڪرندي بہ. پوءِ رڳو رهجي ويا هئا پڙاڏا سندس سنهين چيخن جا؛ منهنجن ڪنن ۾.

’هلون.....‘

’ڪيڏانهن......؟‘

ڪنڌ ڪٽي ڏٺو هيئي؛ تنهنجن نيڻن ۾ اندلٺ جا ست ئي رنگ اوچتو ئي اوچتو هڪ رنگ ۾ گم ٿي ويا هئا؛ ڳاڙهي، ريتي ڳاڙهي رنگ ۾. ڳاڙهاڻ جيڪا تنهنجن نيڻن مان اڏري سڄي ڪائنات تي ڦهلجي وئي هئي. ٻئي هٿ ۾ هٿ ڦاسائي، ننڍن وڏن پٿرن تي پٽ ڪپائي ساڄي کاٻي بيلنس ڪندا پهاڙيءَ کان هيٺ لهي پيا هئاسون. تنهنجو هٿ منهنجي چيلهہ تي ۽ منهنجو هٿ تنهنجي ڪڇ ۾ سري ويو هو. هلڻ لڳا هئاسي اوپر طرف، اهو پيچرو ان وقت تولاءِ پلي نئون هجي پر مون لاءِ سترنهن سال پراڻو هو. جيڪو هن وقت تولا بہ پراڻو ٿي چڪو آهي. هلندي اسان جو زبانون ماٺ هيون پر اسان جا هٿ مسلسل ڳالهائي رهيا هئا. ٻنهيون لتاڙيندا. سرينهن ۽ يوڪلپٽس جي

سرهاڻ پريل ٻڪمن وڻن جي وچ مان هلندا، روڊ، پيچرا ۽ ڳليون لتاڙيندا رهيا هئاسون، آڪاش تو ڳهاڻو ڪارو دونهون ڏڪڻ ڏسا ڏانهن مسلسل ڊوڙي رهيو هو. ڦڙيون اسان جي پنبڻين، ڳلن، چپن ۽ ڳچين تي لڳي ڪتڪايون ڪري ڪنهن طرف وڃي وجي رهيو هيون.

پهچي ويا هئاسون جتي اسان کي پهچڻ ڪپندو هو. منهنجو آڱوٺو ۽ ڏسٽي، پاڻ ۾ ملي ڪاٻي ڪان ساڄي اڌ گول ۾ ڦري ويون هيون. آواز آيو هو:

’ٽڙڪ‘ تالو منهنجي هٿ ۾ هو ۽ ڪنڍي تو ڪولي ڇڏي هئي. اندر اچي ويا هئاسون، سمورا آواز ٻاهر رهجي ويا هئا. منهنجا چپ تنهنجي ڪن جي پاپڙيءَ هيٺيان رڙهي آيا هئا، نيڻ منهنجي ڇهري تان ترڪي آڱرين ۾ اچي ويا هئا. صوفا تان گسڪي، گلم تي وچائجي ويا هئاسون. تنهنجو ڪاٻو هٿ ڪياڙيءَ ڏانهن ڪڇي ويو هو: آواز آيو هو ’زززپ.‘ هوا تيز ڳهلي هئي. دريءَ جو تاڪ ٺڙڪي سان کي بند تي ويو هو ۽ دريءَ مٿان لڙڪيل ريشمي پردو جهٽڪي سان ڏوري مان نڪري هوا ۾ اڏامي گلم تي ڦهلجي ويو هو. ۽ سڀ ڪجهه ’ا‘ تي ويو هو. تون گلم تي اوپر ڪان اولهه طرف ڪسڪڻ لڳي هئينءَ هوريان هوريان جيئن دريا ۾ ڪا لهر، هوا جي زور تي هڪ ڪناري ڪان ٻيڙي ڪناري ڏانهن سفر ڪرڻ لڳي. پهريان هڪ لهر، پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ڪيترين ئي. ڪي ڪناري تائين ته ڪي اڌ ۾ رهجي ويل. درين جي شيشن تي مينهن پوڻ جي رفتار تيز ٿي ويئي هئي. پهريان ڪجهه ڪجهه، پوءِ ان ڪان به وڌيڪ برسات جي ڦڙين جو آواز ملي هڪ ٿي ويو هو. شيشا سيئي پاٽي ٿي ويا هئا. هلڪي ٿڌ هوندي به تنهنجو ڇهرو ٽاڪ منجهند جو تغاريون ڊوئيندڙ ڪولهڻ جي ڇهري جيان. پگهرجي ويو هو. تنهنجيون پنبڻيون، پوپٽ جي پرن جيان ڦڙڪي ويو هيون ۽ چپ به. ۽ مهنجي اندران ڪجهه واڇوڙي جهڙو ڦيريون ڪائي اڏري ويو هو. ۽ مون کي محسوس

ٿيو هو ڇڻ ڌرتي مٿي ڪڇي وئي هئي يا شايد آسمان هيٺ لهي آيو هو. تنهنجا هٿ منهنجي سرير تان ريڙهيون پائي گلم تي پئجي رهيا هئا.

ٻاهر نڪتا هئاسون، ڪڪرن جو دونهون ٽٽي چڪو هو. آڪاش ڪٿان هلڪو نيرو، ڪٿان گهرو نيرو ظاهر ٿي پيو هو. ڌرتيءَ تي نالا نالي وهندڙ پاڻيءَ ۾ آڪاش پنهنجي ان وقت نظر ايندڙ سمورن رنگن سميت مرڪي رهيو هو. اسان ان پاڻيءَ ۾ آڪاش مٿان، هٿن ۾ هٿ ڏئي خالي ٿي ويل ڪڪرن جيان اڏري پيا هئاسون. ڪيڏا نه هلڪا ٿي پيا هئاسون.

تنهنجا ڪيترائي روپ ٿي پيا هئا. ڪڏهن لهرون ڪڏهن گسڪڻ، ته ڪڏهن لهرن مٿان لڏندڙ ٻيڙي. ڦلجي ويا هئاسون سڄي يونيورسٽيءَ مٿان. پهاڙين جي گهٽڻ ڪان وٺي ديوين جي ننڍڙن جهنگلن تائين. يا شايد سيئي گهٽ ۾ ديوين جا ننڍڙا جهنگل اسان جي اندر ڦلهجي ويا هئا.
هوريان هوريان تون پنهنجي پرائمريءَ جي انهن سمورين ساهڙين کان الڳ ٿي وئي هئينءَ. جن سان انهن جي ڪرتوتن جي ناتي نه، ڏکي دوستيءَ جي ناتي گڏ رهندي پئي آئينءَ ۽ جن جي ڪري تون بدنام به ٿي رهي هئينءَ. جيڪو نه مون چاهيو ٿي، نه هن، جنهن سان تون انگلش ڊپارٽمينٽ جي ڪارنر وٽ ويهي ڪچهري پئي ڪئي، مون کي پوليٽيڪل سائنس جي ڪولر وٽ وساري. هن جڏهن توکي مڙني ڇوڪرين کان پرتي ٿيندو ڏٺو هو: جيڪو هن چواٽي، هڪ فلم تي ئي پنهنجو سڀ ڪجهه ارپي ڇڏيندين هيون. ته مون کي ڏاڍا پاڪر پائي چميون ڏيڻ لڳو هو.

تنهنجو ٽيلي استار ادا، ۽ سندس ساٿياري آخري سال جو رزلٽ نڪرندي ئي ائين اڏامي ويا هئا جيئن پهرئين پهر پيلاڪ سج نڪرڻ سان ڌرتيءَ تان اڏامي وڃي.

جيڪڏهن ڏک هئم بہ تہ نصير جي يونيورسٽي ڇڏي وڃڻ جو.

تنهنجي گهرج بڻجي پيو هوس، تنهنڪري ٽي مان پريس فوٽو گرافر جي نوڪريءَ کي الوداع چئي توکي پابنديءَ سان ’اٽينڊ‘ ڪرڻ لڳو هوس. ۽ پاڻ وڏيڪ آزاديءَ سان گهمڻ لڳا هئاسون. پهريون ڀيرو جڏهن ڪراچيءَ هليا هئاسون تہ انهيءَ عليءَ، جنهن کي هڪ ڀيري، جڏهن مون سان ملڻ آيو هو تہ توکيس ست سريون ٻڌايون هيون، ڪيڏو نہ پيار ڏنو هو هن ۽ سندس زال..........! هنن جو ٻن سالن جو راهل ڪيڏو نہ ڏنگو هو....... جنهن لاءِ تو بوهري بازار مان پينٽ ۽ شرٽ بہ ورتي هئي. ۽ ها هڪ جنرل اسٽور تان پاڻ ’ڊاٽي رف رائيڊرز‘ جو پيڪٽ بہ تہ ورتو هو.........؟

علي ۽ سندس زال پاڻ کي نويڪلو ڪمرو ڏئي ڇڏيو هو. اهي سياري جا پڇاڙڪا ڏينهن هئا. ان رات پاڻ مسلسل هڪ ٻئي جي ڪنن سان پرسان ڳالهائيندا رهيا هئاسون.... توسان ڳالهائڻ مهل پهرين منهنجي ڪاٻي اک جا ڇپر تنهنجي ساڄي ڳل مٿان ڪلندا ۽ بند ٿيندا رهيا هئا. جنهنجو مزيدار احساس محسوس ڪرائڻ لاءِ تون بہ هڪدم پنهنجي ٻيءَ اک جا ڇپر منهنجي ڪاٻي ڳل مٿان ڪولڻ ۽ بند ڪرڻ لڳي هئينءَ. تنهنجا ڪلندڙ ۽ بند ٿيندڙ ڇپر مون کي پنهنجي ڳل تي پوپٽ جي پرن جيان محسوس ٿيا ها. پوءِ پاڻ واري واري سان هڪ ٻئي جي ڳلن تي اکيون ڇنڀڻ لڳا هئاسون. ان رات تو هڪ ٻي بہ عجيب حرڪت ڪئي هئي، تو پنهنجو ڪاٻو نيڻ منهنجي ساڄي نيڻ جي ايڏو تہ ويجهو آڻي ڇڏيو هو جو اسان ٻنهن جي نيڻن جون ماڻڪيون ’فيڊ آئوٽ‘ ٿي ويون هيون. تو ڪجهہ دير بنا اک ڇنڀڻ جي ڏسڻ کان پوءِ سرٻاٽن ۾ پڇيو هو:

’تنهنجي نيڻ ۾ سونهري رنگ لهي آيو آهي؛ توکي منهنجي نيڻ ۾ نظر اچي ٿو.....؟‘

مون ڏٺو هو ان گهڙيءَ، تنهنجي ڪاپي نيڻ ۾ به ڪو رنگ چمڪي پيو هو. سونهري نيرو، سونهري نارنگي، يا شايد رڳو سونهري، پر مون ڪي ساهي ساهيءَ سان اهي سيئي رنگ تنهنجي ڪاپي نيڻ ۾ نظر آيا هئا. ان رات تون گهڻي پاڳي مون ڪان صبا جي باري ۾ پڇندي رهي هئينءَ. تون مون کي ڪجهه اوڳاڇڻ پئي چاهيو. اهو ٿي ته مان ۽ صبا ڪراچيءَ ۾ اچي سنجوڳ ڪيو هو يا نه.....؟ پر تو نه ڄاتو سنجها ته سنجوڳ جو اصل سک ته سدائين تو مان ماڻي سگهيو هوس، ڇو ته منهنجين سمورين محبتن جا پيچرا تو تائين اچي دنگ ٿي، ٿي ويا. پر تو کي ويساهه پو به نه آيو هو ۽ تنهنجو شڪ متائڻ لاءِ منهنجا چپ تنهنجي ڪياڙي، لڳن، چپن ۽ پين حصن مٿان. ڪجهه ڳولهڻ لڳا هئا. اهو ڪجهه جيڪو هنن ڪڏهن به صبا جي وجود تي ڳولهڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي.

ان ڪانپوءِ پاڻ جڏهن به ڪراچي آيا هئاسون ته پپوءِ جي گلشن واري خالي بنگلي جي مٿين بيڊروم ۾ ستا هئاسون؛ جتي پپوءِ جي ممي ۽ ڊيڊي اچي رهندا هئا. ڪيڏو ’ڪمفرٽ ايبل‘ هو اهو بيڊ روم ۽ ڪيڏيون سپاويڪ هيون اهي گهميل گهميل ميرانجهڙيون راتيون جن ۾ اسان جو شديد پيار سمايل هو. انهن ڪڏهن نه وسرندڙ حسين راتين ۾ به، تون مون کي پيار ڪندي اوچتو اداس ٿي ويندي هئينءَ ۽ شڪ جي نظرن سان ڏسندي پڇندي هئينءَ: ’صبا سان هت گهڻيون راتيون گذاريون هيئي پنهون.......؟‘

نيئن سال جي ايڊميشن لسٽ تي ڪيترن نالن سان گڏ هڪ نمبر آڏو لکيل هو: مُس۔ صبا حميد فخري. ڊاٽر آف مسٽر حميد فخري.‘

پريويس جا ڪلاس شروع ٿي ويا هئا، پين سان صبا به اچڻ شروع ڪيو هو. تراڪڙو

منهن. وڏا پورا ناسي نيڻ جن جا ڇپر ڪڏهن ڪڏهن بند ٿي ڪلنڊڙ ننڍڙي پر وٺندڙ نڪ هيٺان ﭬ پريل چپ. پورو پنو قد، گول ڪلها، آڪڙيل ڇاتيون، هر وک تي ڇلندڙ هر ڪنيل وک بي پرواهہ ۽ تکي. تيز هلڻ سبب سندس ريشمي وار ساڇي ڪاپي جهاتيون پچائيندڙ. پهرين نظر ۾ هوءَ مون کي ڏاڍي اسٽائلش نظر آئي هئي. صبا جڏهن بہ مون کي ڪاريڊور ۾ ٽڪرائي هئي، مان شعوري طور ڏانهس ڏسڻ کان لنوائي ڇڏيو هو. مون کي اهڙيون ڇوڪريون زهر لڳنديون آهن جيڪي سمجهنديون آهن سندن ويهڻ سان سڄي ڪائنات ويهي ٿي رهي ۽ سندن اٿڻ سان هر شئي ڇر پر ۾ اچي ٿي. صبا شروع ۾ اهڙي ئي لڳي هئي. پوءِ هن تو سان ملڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ تنهنجي ڪري مون سان بہ. ۽ صبا، منهنجي سندس لاءِ قائم ڪيل راءِ کي غلط ڪري ڇڏيو هو. صبا هر ننڍڙي ڳالهہ تي وڏا ٺهڪ ڏئي کلي پوندي هئي. کلڻ جي معاملي ۾ هوءَ مون کي پاڻ جهڙي لڳي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪيمر ڪٽي سڄي يونيورسٽيءَ ۾ تنهنجا ’سنپس‘ ڪڍيا هئم ۽ سموري يونيورسٽي ڪيمرا جي اک ۾ محفوظ ٿي وئي هئي.

توهان جي ڊپارٽمينٽ پاران لڳندڙ اسٽڊي ٽوئر ۾ صبا مون سان فري ٿي وئي هئي. جڏهن بہ اهڙي ڪاٽوئر لڳندي هئي پاڻ بس جي جنهن بہ سيٽ تي ويهندا هئاسون اها ڄڻ اسان جي ملڪيت بڻجي ويندي هئي. شروع کان آخر تائين ان سيٽ تي ڪو بہ ويهڻ جي سگهہ ساري نہ سگهندو هو. ۽ تون مون کي ان سيٽ تان اٿڻ نہ ڏيندي هئينءَ، نہ ئي پاڻ اٿندي هئينءَ. شايد توکي ڊپ هو تہ تنهنجي اٿي وڃڻ سان، ڪو ٻيو تنهنجي سيٽ ولاري ڇڏيندو. پر انهن ٻن ڏينهن جي اسٽڊي ٽوئر ۾ الائجي ڇو تو صبا کي مون سان فري ٿيڻ ڏنو هو. شايد توکي يقين هو تہ صبا مون ’رف‘ ۽ بي پرواهہ سان عشق ڪڏهن بہ ڪري نہ سگهندي. ان ڳالهہ جو احساس مون کي بہ هو. ان سموري ٽوئر ۾ رڳو هڪ پيرو ڪاوڙي هئينءَ. واپسيءَ تي جڏهن بس ۾ جهليل سنڌي اخبار

جي هڪ خبر جي ست ڏانهن اشارو ڪري ڪنهن ڏڪئي اکر جي معنيٰ ڇي هئي. بس، مڪليءَ پهتي هئي، ڪجهہ ڏنگن شاگردن گوڙ ڪيو هو:

’اسان ملا لٽر جي قبر ڏسنداسون‘

اسان کي ملا لٽر جي قبر ڏيکاريو‘

’سائين، ملان لٽر جي قبر بہ اسان جي اسٽڊي ٽوئر ۾ شامل آهي.‘

بس ۾ هلڪا دٻيل ٺهڪ سيٽن هيٺان بانبڙا پائڻ لڳا ها.

صبا وائڙن وانگر پڇيو هو:

ملان لٽر جي قبر ۾ ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي.....؟‘

مان پنهنجا چپ هن جي ڪن ويجهو آٽي، هن کي ملان لٽر جي قبر جي خاصيت ٻڌائي ڇڏي هئي. ۽ صبا ٻئي هٿ وات تي رکي ٺهڪن ۾ پئجي وئي هئي. تنهنجن نيٽن ۾ هڪ ئي مهل تواڻيپٽو ۽ حسد ڀرجي آيو هو. خونخوار لهجي ۾ مون کي سڏي پاڻ سان گڏ ويهڻ لا چيو هيئي. تنهنجي ڀر ۾ اچي ويٺو هوس، ڏڪار مان چيو هيئي:

’ڪهڙي ضرورت هئي.‘

’ڇاجي....؟‘

’هن کي اهو ڪن ۾ ٻڌائڻ جي؛ جيڪو مان هت ويهي ٻڌي سگهي آهيان.‘

’ٻڌي يا سمجهي......؟‘

مون کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو هيئي ننڍي جي بادشاهي مسجد تائين مون سان نہ ڳالهايو هيئي. جنهن کي صبا بہ محسوس ڪيو هو.

ان اسٽڊي ٽوئر کان پوءِ جيڪا صبا جي پهرين ۽ اسان جي ٽين هئي، صبا مهينو نہ آئي هئي. خبر پئي هئي، ’صبا بيمار آهي.‘ ٽوئر مان موٽي رات جو گهر اچي وهنتي هئي ۽ پکو هلائي سمهي پئي هئي. صبح جو ڪرنگهي ۾ شديد سور سان بخار ٽي پيو هوس. مهيني کان پوءِ هڪ صبح جو ڪاريڊور ۾ نظر آئي هئي؛ شايد واپس وڃي رهي هئي. مون کي ڏسندي پري کان ئي رڙ ڪئي هئائين:

’هاءِ!‘

تڪيون وکون کڻندي ويجهو پهچي وئي هئي. چوڻ لڳي:

’وڏي افسوس جي ڳالهہ آهي.....‘

’ڪهڙي.......؟‘

’ڪا سڌ بہ لڌئي؛ ڪير مئو ڪير بچيو......؟‘

’مون کي افسوس آهي.‘

’ها پيئي، اوهان کي سنجها جي فوٽو گرافس ڪڍڻ کان فرصت ملي تہ ڪنهن ٻئي تي بہ نظر پئي نہ. اوهان جي هٿ ۾ ڪيمرا هجي نہ هجي، پر اوهان جي اکين جا ٻئي لينس هر وقت سنجها جي چهري تي فوڪس هوندا آهن.‘

’ان ڪري جو سنجها منهنجي محبوبا آهي.‘

’ها توهان ٻئي سا آهيون.‘

’ٿينڪس.‘

’پنهنجي ڳالهہ آهي.‘ مرڪي پئي هئي. وچڻ لڳو هوس تہ چيو هئائين:

’سنجها جي اڄ ٽيسٽ آهي ۽ هوءَ ٽيسٽ پئي ڏي.‘

’مون کي خبر آهي.‘

’اڪيلو ويهي ڇا ڪندين.........؟‘

’انتظار.‘

’مان اڄ بور آهيان،‘

’پوءِ.....‘

’تون مون کي ايستائين ڪمپني ڏئي سگهين ٿو ڏاڍو سٺو جيسين سنجها ٽيسٽ ڏئي وٺي.‘

صبا کي سندس ساهيڙين وٽ ٽانيڪو ڪرڻ لاءِ، هن سان سڄي فيڪلٽي رلندو رهيو هوس پرهن جي هڪ به ساهيڙي نظر نه آئي هئي. ٽڪجي اسان سيڪنڊ فلور جي ڏاڪڻين مٿان ويهي رهيا هئاسون. وقت گذارڻ لاءِ ڳالهائڻ لڳو هوس:

’اوهان جو پيءُ ڇا ڪندو آهي.......؟‘

’وڪيل آهي.‘

’ٻين لفظن ۾ ڪوڙ جو واپاري آهي.....؟‘ اهو ٻڌي صبا ٺهڪ ڏئي کلي پئي هئي. وري پڇيو مانس:

’پيءُ جون اڪيليون آهيو.......؟‘

’نه مون کان وڏيون منهنجيون ٻه ڀيڻون ٻيون به آهن.‘

’پرڻيل آهن‘

’ها، ٻنهين هن ئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي آهي. پڙهائيءَ جي دوران ٻن سنڌي ڇوڪرن سان شاديون رچائي ڇڏيون اٿن. چڱا موچارا زميندار ڇوڪرا آهن. پر منهنجي پپا جي خواهش آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ مان ڪنهن سنڌيءَ سان مئريج نہ ڪريان.‘

’ڇو....؟‘

’اهو تہ پپا ئي ٻڌائي سگهندو......‘

’۽ تنهنجي ممي..........؟‘

صبا ڪجهہ گهڙين لاءِ ماٺ ٿي وئي هئي. پوءِ چيو هئائين:

’منهنجي اصل ممي ڪراچي ۾ رهندي آهي هتي منهنجي ’اسٽيپ مدر‘ رهندي آهي، مون کي بنهہ ناهي وڻندي.‘

’ياٺر گهٽا اٿوءَ.....؟‘

’هڪ پر نہ هئڻ جهڙو. پپا کي هن جو ڏاڍو ڏک آهي، ميٽرڪ کان وڌيڪ نہ پڙهي سگهيو. جڏهن تہ پپا هن کي ڊاڪٽر بنائڻ ٿي چاهيو. پاڻ کي وڏو غيرتمند سمجهندو آهي. مون تي ڪرڙي نظر رکندو آهي. مون کي هن جي ڪابہ پرواهہ ناهي. پپا چوندو آهي، منهنجي پٽ بہ تون آهين، تہ ڌيءَ بہ تون.‘

’خواب ڏسندي آهين؟‘

’خواب......... منهنجا خواب اسان جي گهر جي مٿئين ڪمري جي روڊ ڏانهن کلندڙ دريءَ مان، آپ گهات ڪري چڪا آهن. هاڻ هڪ خواهش آهي.‘

’ڪهڙي.........‘

’يا ڪنهن پوڙهي پر امير ترين ماڻهوءَ سان شادي ڪريان، يا ڪوئي ساٿ ڏي تہ ’بينڪ رابري‘ يا اسمگلنگ ڪريان.‘

’بي انتها حسين عورت کان، ڪنهن بہ طرح گهٽ پيانڪ خواب ناهن.‘

صبا ٿهڪ ڏئي کلي پئي هئي ۽ کلندي چيو هئائين:

’ڳالهيون خوبصورت ڪري سگهندو آهي.‘

’۽ مان پاڻ.........؟‘

’ٺيڪ آهين.‘

تون ٽيسٽ ڏئي اچي وئي هئينءَ، ۽ اسان ٽنهين ڏاڪٽين مٿان ويهي چانهہ پيتي هئي.

صبا پهرين مون کي پنهنجي اڪيلي نالي سان سڏيندي هئي. پر پوءِ ڪنهن لاشعوري خوف کان منهنجي نالي اڳيان ’ادا‘ جو واڌارو آڻي ڇڏيو هئائين. پهريون ڀيرو شدت سان احساس ٿيو هئم، تہ لفظ جو رشتن سان ڪو ايڏو گهرو لاڳاپو بہ ناهي. هن جي ’ادا‘ جي خطاب کان پوءِ مان ڪجهہ ڏچي ويو هوس ۽ تون بي اوني ٿي وئي هئينءَ.

هڪ ڀيري صبح جو، تون، مان ۽ صبا، فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾، روڊ واري پاسي کان ٿلهن کي ٽيڪ ڏئي بيٺا هئاسون، تہ صبا پرس مان هڪ لفافو ڪڍي مون طرف وڌائيندي چيو هو:

’هن ۾ منهنجي ان خواب جون تصويرون آهن. جنهن تي منهنجا پيا خواب بيٺل هئا. ۽ جنهن جي ڪري منهنجن مڙني خوابن اڄ کان ڇهہ مهينا اڳ منهنجي ڪمري جي دريءَ مان آپ گهات ڪري ڇڏيو هو.‘

اسان هڪ هڪ ڪري سڀ تصويرون ڏٺيون هيون. ڪيڏو حسين هو صبا جو خواب.....؟ يونان جي شهزادن جهڙو. فوٽو گرافس ڏسي صبا کي واپس ڪيا هئم تہ هن چيو هو:

’اڄ ڏهين وڳي هو پنهنجون تصويرون بہ واپس ڪٽي ويندو.‘

واچ ۾ ٽائيم ڏٺو هيئي: ڏهن ۾ ڏهہ منٽ هئا. پوري ڏهين وڳي سلور ڪلر جي ڪار آرٽس فيڪلٽيءَ جي مين گيٽ آڏو اچي بيٺي هئي. جنهن مان لٿو هو يونان جو شهزادو. هن اکين تان سن گلاسز هيٺ ڍرڪائي؛ سيڪنڊ فلور ڏانهن نهاريو هو. جتي

تون، مان ۽ صبا بيئا هئاسون. صبا جو منهن محرم جي ڏهين ٻڌجي ويو هو. هوءَ ڪاريڊور مان وچڙندڙ ڪون ڪٽندي وڃڻ لڳي هئي، جڻ گهاتي ڏيڻ ۾ هيٺ لهندي وئي هئي. هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو هوسون. ان گهڙيءَ اسان کي محسوس ٿيو هو. ڄڻ ڪوئي مري ويو هو.

صبا مون کي مظلوم لڳڻ لڳي هئي، منهنجيون سموريون همدرديون صبا جي گهر ڏانهن ويندڙ رستن جي ٻنهين پاسي ايري آيل گهاٽا وڻ ٻڌجي پيون هيون. صبا کي چڱيءَ طرح سڌ هئي تہ منهنجين سمورين محبتن جا پيچرا تو وٽ اچي ختم ٿي ويندا آهن. هڪ ڀيري هن چيو هو:

’مون کي خبر آهي، تون سنجها سان بي انتها محبت ڪندو آهين. ايتري قدر جو توهن کي پاڻ مٿان مڙهي ڇڏيو هو. هوءَ سڀين آڏو توسان ’مس بيهيو‘ بہ ڪندي آهي. ۽ تون ان کي بہ هن جو پيار سمجهي لنوائي ڇڏيندو آهي. اهو سڀ ڄاڻندي بہ مان چاهيان ٿي، تون مون سان ملندو رهہ. الائجي ڇو.... توسان ملي سک جو احساس ٿيندو اٿم.‘

۽ مان صبا جو وڏيڪ خيال ڪرڻ لڳو هوس. شايد ان ڪري بہ جو مون کي ’فرسٽريٽيڊ‘ ڇوڪريون فوٽ پاٿ تي رديءَ ۾ وڪامندڙ قيمتي ڪتابن جهڙيون لڳنديون آهن. هڪ ڀيري صبا کي چيو هئم:

’آئون جيڪڏهن دنيا جو امير ترين ماڻهو هجان ها، تہ هڪ محل ٺهرايان ها، جنهن ۾ ساري جڳ جون ’فرسٽريٽيڊ‘ ڇوڪريون پنهنجي مرضيءَ سان جيون گهارين ها.‘ صبا منهنجي ڳالهہ ٻڌي وڏيڪ اداس ٻڌجي وئي هئي.

منهنجو صبا جي گھر روز وچڻ ڪُڪڻ لڳو هيئي. منهنجا صبا لاءِ هر وقت خلوص مان چيل جملا، توکي برا لڳندا هئا ۽ صبا لاءِ تنهنجي دل ۾ پريل محبت ۽ همدردي، اسپرٽ بڻجي اڏامي وئي هئي؛ ۽ تون مون مٿان چٽر پريل جملا اچلڻ لڳي هئينءَ. پهرين گهٽ، پوءِ ڪجھ وڌيڪ. موقعو مناسب ڏسندي، توکي تنهنجي ڪلاس فيلوز، منهنجي ۽ صبا جي خلاف پرڻ لڳيون هيون جن ٻرنديءَ مٿان پيٽرول جو اثر ڏيکاريو هو. پوءِ تو مون تي سڌا سنوان الزام مڙهڻ شروع ڪيا هئا. ڪجھ ٻه سمجهي نه سگهيو هئس؛ وائڙو بڻجي ويو هئس. توکي هر طريقي سان سمجهائڻ چاهيو هئم پر تون ڪجھ ٻه سمجهڻ جي موڊ ۾ نه هئينءَ.

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو هڪ پيارو دوست جيڪو 'نارد مُني' بڻجي ويو هو اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪنهن مضبوط رسي جيان اڀري آيو هو. هو قد جو بندرو، رنگ جو سانورو هو. هن جي نظر جي عينڪ پنيان نظر ايندڙ ڇنجهيون اکيون ائين لڳنديون هيون ڄڻ ڪنهن ڏنگي ٻار، چشمي جي شيشن پٺيان ٻه مئل ماڪوڙيون رکي ڇڏيون هجن. سندس ننيڙي پٽاريل نڪ مٿان هر وقت ائين ڇهتيل هوندو هو. جيئن رش ۾ فوٽ بورڊ مٿان لڙڪندڙ ڪو شخص، جنهن جا ٻه ئي پير فٽ بورڊ يعني هن جي نڪ تي، ۽ ٻئي هٿ ريلنگس ۾ يعني هن جي ڪنن تي، پوري سگھ سان ڇهتيل هجن. جڏهن هو ڪنهن سازش ۾ ڪامياب ٿيندو هو ته سندس مئل ماڪوڙين جهڙيون، اکيون جيئريون ماڪوڙيون بڻجي پونديون هيون ۽ چشمي پنيان هيڏانهن هوڏانهن چرڻ لڳنديون هيون. ۽ ڪلڻ وقت سندس ٿلهن چپن پنيان ڏند ائين ظاهر ٿي پوندا هئا، جيئن باغ طرف ڪلندڙ دريءَ جا ٻئي طاق هوا جي زور تي کلي وڃن هڪ زوردار ٺڙڪي سان. ۽ ظاهر ٿي پئي ٻئي طرف سائي ڇپر مٿان ڪا ڏانگاري. 'نارد مني' مون کي ڏاڍو پيارو هو، هو هو ٻه ڏاڍو سنو. ڪنهن زماني ۾ جڏهن نه تون هئين نه صبا، هو مون کي پيار ڪرڻ جي حد تائين چاهيندو هو. تڏهن هو مون کي بلڪل برو نه لڳندو

هو، ۽ هن جون سموريون خاميون هن جي خاصيتن جو حصو لڳنديون هيون. تڏهن مون کي هن جي مرڪ فرشتي جهڙي معصوم. ۽ سندس ٺهڪ ڏنگن ٻارڙن جهڙا محسوس ٿيندا هئا. حقيقت ۾، اسان هڪ ٻئي لا سنا ۽ مهان اوسيتائين هوندا آهيون جيسين تائين هڪ ٻئي جي ڳالهين جو احترام ڪندا آهيون. نارد مُني جذباتي هو ۽ جذباتي هئڻ جي ناتي بيوقوف. انهيءَ ڪري ئي هو ماڻهن لاءِ رايا جلد قائم ڪندو هو ۽ بدلائي ڇڏيندو هو. جنهن زماني ۾ توهان ٻنهين جو ڪوبہ تصور مون وٽ نہ هو، اسان ٻئي گڏجي پيئندا هئاسين، ساڳئي گلاس ۾. تڏهن اسان ٻنهين وٽ اوبر جو تصور بلڪل ڪونہ هو. نارد مُني جڏهن رڳو منهنجو دوست هو، هڪ سٺو دوست تڏهن مون هن کي توسان ملايو هو. نارد مُني جي وڏي ۾ وڏي ٽريجڊي عورت هئي. هن سان ڪڏهن بہ ڪنهن عورت رومانس نہ ڪيو هو، سواءِ پروفيشنل عورتن جي. جن جي محبتن جا دروازا سدائين پئسن وارن لاءِ کليل رهندا آهن. ۽ هو پئسن ڪمائڻ جا سڀ گر ڄاڻندو هو. نہ، هن ڪڏهن بہ ڪنهن جو ڪيسو نہ ڪٽيو هو. ۽ نہ ئي هن ۾ ڏاڙي هٽڻ جي سگهہ هئي. نارد مُنيءَ ۾، اهي سڀ خاصيتون هيون جيڪي ڪمرشيل آرٽسٽ ۾ هئڻ گهرجن، جيڪي مان پيدا ڪري نہ سگهيو هئس. مان ٻين جي مرضيءَ، ٻين جي حڪم تي ڪابہ لائين نہ ڪڍي سگهندو آهيان ۽ هن جا هٿ هميشہ هرهڪ جي حڪم جي انتظار ۾ رکيل رهندا هئا، ان ۾ هن جو ڏوهہ بہ نہ هو. اها هن جي سٺائي هئي، هن گهر وارن جي مجبورين آڏو سيز فائر ڪري ڇڏيو هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو ان ڪمايل پئسن مان، اڌ کان وڌيڪ وئيشيائن ۽ شراب تي وڃائي ڇڏيندو هو. ڪيس ڏوهاري نہ ٿو سمجهان ڇو تہ عورت بهرحال مرد جي وڏين ضرورتن مان هڪ ضرورت آهي. مون کي خبر آهي، تہ هو دوستن سان شديد محبتون ڪندڙ هو. پر مان اهو وساري وينو هئس تہ هو عورت جي معاملي ۾ هميشہ کان ويچارو هئڻ سبب منهنجي خلاف بہ استعمال ٿي سگهيو ٿي. ها، پهرين هو استعمال ٿي ويو هو. پوءِ هن شعوري ڪوشش سان منهنجي خلاف ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو.

صبا ۽ مان سينٽرل لائبريريءَ جي روڊ مٿان آمهون سامهون ويٺا هئاسون. يونيورسٽيءَ جي چڙواڳ هوا پنهنجي سموري سگهہ سان گهُلي، روڊ جي ٻنهي پاسن کان يوڪلپٽس جي قد آور وڻن کي سجدا ڪرائي رهي هئي ۽ يوڪلپٽس جا ڊگها پن، هوا جي زور تي چوڏيل ۾ گول ڦرندڙ ٻارن جيان بوڊ ۾ پرجي تاڙيون وڄائي رهيا هئا. صبا يوڪلپٽس جي چوٽين کان ٻہ مٿي گهوري چيو هو:

’تو کي خبر آهي، منهنجي ممي ۽ پاپا ۾ ’سيپريشن‘ جو واحد سبب ڪهڙو هو؟‘

’ڪهڙو هو؟‘

’شڪ، منهنجو پاپا ڏاڍو شڪي مزاج رهيو آهي. پاپا مميءَ سان لو مئريج ڪئي هئي، تڏهن پاپا وڪيل نہ هو. خيرپور ۾ ’ٽي اينڊ ٽي‘ ۾ ’ايس_ ڊي_ او‘ هو، ممي اڻ پڙهيل هئي. پاپا کيس پنهنجي پرسنل سيڪريٽريءَ کان ٽيوشن ڏيارائڻ لڳو هو، مميءَ تي شڪ ٿيڻ لڳو ۽ پاپا پنهنجي پرسنل سيڪريٽريءَ کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ان ڳالهہ تي مميءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. پاپا ۽ مميءَ ۾ اڪثر جهيڙو ٿيڻ لڳو ۽ هڪ ڏينهن ممي گهر مان هلي وئي. ڪجهہ هفتن کان پوءِ سندس خط آيو هو جنهن ۾ لکيل هو تہ مميءَ پپا جي پرسنل سيڪريٽريءَ سان شادي رچائي ڇڏي هئي. پاپا ڪڏهن بہ، مون کي مميءَ وٽ وڃڻ کان نہ روڪيو آهي. ان ڪري مان ڪنهن تي بہ شڪ ڪرڻ نہ چاهيندي آهيان ۽ مان هن تي بہ ڪڏهن شڪ نہ ڪيو.

پر... هن منهنجي پرٽيل ساهيڙيءَ سان رات گذاري هئي. اها سڌ هوندي بہ، تہ هوءَ منهنجي ساهيڙي هئي ۽ مان سندس محبوبا...... مون کي سخت ڏک رسيو هو. ان

ڏينهن ڏاڍو رني هئس. ڪيڏو ماڻ هئم هن تي... مون کي سڌ هئي تہ هو هر رات نئين ڇوڪريءَ سان گذاريندو آهي. پر مون کي يقين هو تہ هو مون سان محبت ٿو ڪري. مون کي ماڻ هوندو هو تہ هو منهنجين ساهيڙين جي بي انتها عزت ٿو ڪري. پر ائين نہ هو.... ۽ هن منهنجي ساهيڙيءَ سان رات گذاري، مون کي محسوس ڪرايو هو تہ هن کي.......'

صبا وڌيڪ ڪجھ بہ چئي نہ سگھي هئي. پرس مان گولڊ ليف جو پئڪيٽ ڪڍي، سگريٽ دکائي، ڊگھا ڊگھا سوٽا هڻڻ لڳي هئي، منهنجو نادر مُني دوست مون کي ڳوليندو مون تائين پهتو هو. هن جي صبا سان سڃاڻپ ڪرائيندي چيو هئم:

'هي منهنجن پيارن دوستن مان هڪ آهي. منهنجا دوست مون کي پنهنجي محبوبا جيڏا پيارا آهن. ۽ مون کي پنهنجا سڀ دوست پنهنجو پرتوُ لڳندا آهن. هن سان ملي تو کي، منهنجي هئڻ جو احساس وڌيڪ گهرائيءَ سان محسوس ٿيندو.'

ان ملاقات کان پوءِ نادر مني، صبا مٿان پنهنجين سمورين سچاين سميت عاشق ٿي پيو هو. اها ڳالھ هن مون کي ڪنهن طرح محسوس ڪرائي هئي، جيڪڏهن هو محسوس نہ بہ ڪرائي ها. تڏهن بہ محسوس ڪري چڪو هئس. هر طرح سان چاهيو هئم تہ صبا نادرمنيءَ ۾ دلچسپي وٺي. هڪ ڀيري صبا سان ڏاڍو بحث ڪيو هئم. تڏهن صبا ڪجھ ڏک ۽ ڪجھ ڪاوڙ مان چيو هو:

'جيڪڏهن، تون، مون مان جان ڇڏائڻ چاهين ٿو تہ صاف لفظن ۾ چئي ڇڏ. جيسين تنهنجي دوست جو تعلق آهي مان هن جي عزت ڪندي آهيان. بيشڪ هو هڪ سٺو ڇوڪرو آهي. ۽ مون کي ان ڪري بہ چڱو لڳندو آهي، تہ هو منهنجي ڪراچيءَ واري

ڪزن جهڙو آهي جيڪو مون کي ڏاڍو چاهيندو آهي. جنهن کي اها بہ چڱيءَ طرح خبر آهي تہ مان هن سان نہ، پر ڪنهن ٻئي سان عشق ڪندي آهيان، مان هن کان ڪجھ بہ نہ لڪائيندي آهيان. مون هن کي هميشہ سٺو دوست سمجهيو آهي. منهنجو ڪزن ۽ تنهنجو دوست، ٻئي هڪ جهڙا آهن ۽ ٻئي عزت لائق آهن. پر عشق ڪرڻ لائق ناهن. مون وٽ پيار جو پنهنجو 'ڪنسيپٽ' آهي. ۽ جيئن تہ اهو منهنجو پنهنجو آهي تنهن ڪري مان انهيءَ ۾ ٻئي ڪنهن جي مداخلت بلڪ برداشت نہ ڪنديس. تنهنڪري، پليز تون خدا جي واسطي پنهنجي دوست کي سمجهائي ڇڏ تہ مون طرفان، پنهنجي لاءِ ايڏا وڏا آئيڊيئلز نہ ٺاهي جو انهن جي ٽٽڻ سان، سندس ننڍڙو وجود ڏٻجي وڃائجي وڃي.'

صبا جي ايڏي تفصيلي جواب کان پوءِ وڌيڪ ڳالهائڻ فضول سمجهيو هئم. پر اُهي سڀ ڳالهيون نارد مُنيءَ کي نہ ٻڌايون هئم، سڌ هئم هو جذباتي هو ۽ حساس بہ، چيو هو مانس:

'صبا سان ملندو رهہ، هن کي توجهڙي ۽ سني ۽ سڄاجهي پيار ڪرڻ واري جي ضرورت آهي. 'جڏهن تون مون سان هوندي هئينءَ تہ، ڪوشش ڪري صبا کي نارد مُنيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندو هئس. ان آس تي تہ، شايد صبا جي اندر ۾ هن لاءِ محبت جي ڪا چڻنگ پڙڪو ڪائي پنيت ٻڻجي پئي پر مون ڄاتو ٿي تہ اهو سڀ اڻ ٿيڻو هو. هڪ ڀيري وجھ وٺي صبا مون کي پنهنجي ان دوست آڏو چئي ڇڏيو هو:

'ڏس، مان توکي اڄ تنهنجي هن دوست آڏو چوان ٿي؛ پوءِ اها هن جي مرضي تہ هي ڪنهن کي بہ وڃي ٻڌائي، ان جي مون کي پرواهہ نہ آهي. تہ مان تو ۾ سنجيدگيءَ سان دلچسپيءَ وٺڻ لڳي آهيان. هاڻ تنهنجي مرضي، تون مون کي ٽڏي ڇڏ يا مون سان ملندو رهہ. الائجي ڇو..... تون خوبصورت نہ هوندي بہ مون کي سٺو لڳندو آهين. مون

ڪي محسوس ٿيو ٿئي......اهو مان پاڻ کي ڀيو وڏو دوکو ڏئي رهي آهيان.‘ صبا جي پورن ناسي ڪليل نيڻن ۾ ڪجهہ پرجي ويو هو. جنهن کي هن پولارن ۾ گهوري غائب ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻيو سگريٽ ڪڍي، دکائي، ڊگها ڊگها سوٽا هڻڻ لڳي هئي. محسوس ٿيو هئم، ڄڻ هن اهو سڀ نارد مُنيءَ کي ٻڌائڻ چاهيو هو. منهنجي دوست جي چهري تان سڀ شوخ رنگ اڏامي ويا هئا. جي رهجي بہ ويو هو تہ، ڳوڙهو ناسي رنگ ۽ ڦڪي مرڪ. ۽ نارد مُني ٻهانو ٺاهي هليو ويو هو.

’تو کي ايئن ڪرڻ نہ کپندو هو ۽ هونءَ بہ تو کي ڄاڻ آهي تہ..... ‘ صبا منهنجي جملي کي اڌ ۾ ڪٽي، پنهنجو سگريٽ وارو هٿ هوا ۾ ٻہ ٽي ڀيرا لوڏي چيو هو:

’ها ها مون کي خبر آهي تہ تنهنجين محبتن جا رستا سنجها وٽ پهچي ختم ٿي وڃن ٿا. ۽ تون سنجها جي ڪري پنهنجي ’ٽين ايج‘ محبوبا کي بہ ڇڏي چڪو آهين. اهو سڀ ڄاڻندي بہ يار... مان گهلجي رهي آهيان توڏانهن. نہ چاهيندي بہ مان، مان تنهنجي ڳالهين جي سيلاب جي زد ۾ اچي وئي آهيان. اسپيڊ سان توڏانهن لڙهي رهي آهيان.‘

صبا ٻئي هٿ پنهنجي نرم وارن مٿان ڪپائي ڇڏيا هئا. سرد آواز ۾ چيو هئم:

’۽ لڙهندڙ ماڻهو هميشہ ٻڏي ويندا آهن.‘

هن اکيون کڻي مون ڏانهن ڏٺو هو. پوءِ آڱرين ۾ فلٽر تائين جلي ويل سگريٽ کي.

’مون کي خبر آهي.‘

صبا چيو هو مئل آواز ۾ ۽ جلندڙ سگريٽ ڇڙواڳ هوا ۾ اڇلائي ڇڏيو هئائين. ۽ فلٽر ويو هو هوا جي لهرن تي ڊوڙندو پري تائين. هوءَ اٿي بيٺي هئي؛ ايندڙ بس ڏانهن وڌندي چيو هئائين:

’مان شام جو پنهنجي گهر تي انتظار ڪنديس.‘

ان شام، صبا جي گهر ۾ ڪوئي به نه هو. صبا پاڻ ٻڌايو هو، ۽ مان سندس اهڙي چاڻ ڏيڻ جي باوجود به سدائين جيان پنهنجي مخصوص اڪيلي صوفا تي وڃي ويهي رهيو هوس. چيو هئائين:

’يا ته تون ڏاڍو ظالم آهين يا بيوقوف.‘

’مان سدائين ٻين جي مرضيءَ جو احترام ڪندو آهيان، ها تون مون کي بيوقوف چئي سگهين ٿي.‘

’سنجها هميشه ٻين جي آڏو تنهنجي بي عزتي ڪندي آهي، مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي.‘

’اهو منهنجو ۽ سنجها جو مسئلو آهي، تو کي ڏک بلڪل نه ٿيڻ گهرجي.‘

’ڇا.‘ مون کي پنهنجو نه ٿو سمجهين.......؟‘

’توکي ڪڏهن بہ پرائو نہ ڄاتو اٿم.‘

’پوءِ........ ؟‘

’سنجها گهڻا ڏک سٺا آهن، مان هن جو سک آهيان.‘

صبا جي منهن تي رات ڇانئجي وئي هئي. ڀڻڪيو هئائين:

’سنجها واقعي خوش نصيب آهي.‘

’ٻڌو آ، ’ايريز‘ رومانس جي سلسلي ۾ ڏاڍو انتها پسند هوندا آهن. منهنجو دوست بہ ’ايريز‘ آهي. تون چاهين تہ هاڻ بہ هو تو وٽ اچي سگهي ٿو. يقين ڪر هو توکي ڏاڍو پيار ڏيندو.....؟‘

تنهنجو دوست سٺو آهي پر مان هن سان عشق ڪرڻ جو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهان.‘

’ڏاڍي بدقسمت آهين.‘

’ها تون ٺيڪ ٿو چئين؛ منهنجا خواب يا تہ منهنجي گهر جي مٿين ڪمري جي روڊ طرف کلندڙ دريءَ مان آپ گهات ڪري ڇڏيندا آهن وري منهنجن خوابن جو ايبارشن ٿي ويندو آهي.‘

اهو چوندي هوءَ ڊرائنگ روم مان نڪري وئي هئي. واپس آئي هئي تہ سندس هٿ ۾

چانھن ۾ چپن ۾ سگريٽ جلي رهيو هو. منهنجي آڏو رکيل ٽيبل مٿان ڪوپ رکي ، منهنجي پير ۾ صوفا جي ٻانهن تي ويهي رهي هئي.

چيو هومانس:

’توکي خبر آهي......؟ سنجهان اچ ڪلهه توکان ڪيترو توائي آهي؟‘

’تو مٿان يقين نہ اٿس.‘

’چو نہ هوءَ اڳ ۾ هڪ دوکو کائي چڪي آهي. ۽ مان هن کي ٻيهر هر گز برباد ٿيڻ نہ ڏيندس.‘

’هڪ ڏينهن هوءَ توکي برباد ڪري هلي ويندي.‘

ٺهڪ نڪري ويا هئا. ۽ مان الائجي ڪيتري دير کلندو رهيو هوس. صبا چيو هو:

’تون پل ان کي منهنجي ’جيليسي‘ سمجهہ پر مون کي خبر آهي تہ هوءَ توسان شادي بلڪل نہ ڪندي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن لاءِ تو پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو آهي. برباد تہ تون هاڻ بہ ٿي چڪو آهين. ان حالت ۾ گهٽ ۾ گهٽ مان تہ توسان شادي بلڪل نہ ڪريان؛ ها رومانس ڪري سگهان ٿي. ۽ سنجها بہ توسان رومانس ٿي ڪري؛ رڳو رومانس.‘

تون ڪلاس ۾ ويٺي هئينءَ. نارد مُني بہ؛ جنهنجون تون همدرديون حاصل ڪري چڪي

هئينءَ. چو تہ عورت جي معاملي ۾ هو هميشہ کان ويچارو هو؛ ان مهل بہ توهان منهنجي باري ۾ ڳالهائي رهيا هيئو. در وٽ ئي بيهي رهيو هوس. چيو هيئي:

’اڄ............‘

ٽيبل پٺيان رکيل، ’ٽيچرس‘ چيئر مٿان اچي ويهي رهيو هوس. ماٺ ٻڌجي انهن ڏانهن ڏسڻ لڳي هئينءَ. نارد مُنيءَ جون چشمي پٺيان ماڪوڙين جهڙيون اکيون ڪجهہ سوچي رهيون هيون. طوفان جي اچڻ کان اڳ جهڙي ماٺ جو احساس ٿيو هئم. هڪ ڊگهي ماٺ کانپوءِ، نارد مُني چيو هو:

’مان هلان ٿو.‘

هو هليو ويو هو، چيو هيئي:

’تنهنجو روز صبا سان ملڻ مون کي پاڳل بڻائي ڇڏيندو........‘

’توکي مون تي ۽ پاڻ تي ويساهہ هئڻ گهرجي.‘

’ڏاڍي خطرناڪ ڇوري آهي.‘

’هجي بہ تہ مون کي ڇا ڪندي......‘

’هوءَ توسان رومانس ٿي ڪري.‘

باوجود ڪوشش جي تنهنجي آواز ۾ ڪاوڙ تڙڪي وئي هئي.

’ڪير ٿو چئي.....؟..........‘

’تون ڇا ٿو سمجهين، مان ايتري بيوقوف آهيان........؟‘

طوفان جي ڏنڌ چوڏسا ڇانئجي ويو هو.

’اهڙين ذليل ڇورين جو ٻيو ڪم ئي ڪهڙو آهي.‘

تنهنجو آواز خالي ڪلاس روم ۾ گهوماٽيون کائڻ لڳو هو. مٿي منهنجي اکين ۾ پئجي وئي هئي، ڇيڪو آواز ۾ پرجي ويو هو:

’سنجها!‘

’ها ها، مان چوندوس. هوءَ ذليل آهي، انتهائي ڪميڻي، ڪريل ’مين‘ آهي.‘

’اسان کي ڪوبہ حق نہ ٿو پهچي ڪنهن کي برو چوڻ جو.‘

’برائي، سٺائيءَ جو وجود آهي. تنهن ڪري مان بري کي برو، سٺي کي سٺو چوڻ جو حق رکان ٿي. سمجهيئي.......‘

’جيڪڏهن ڪو برو هجي تہ.‘

’صبا بري آهي.‘

’اهڙي طرح اسان سڀ، ڪنهن جي نہ ڪنهن جي نظر ۾ برا ضرور آهيون.‘

’مون کي ڪنهن بہ ’آرگيومينٽ‘ جي ضرورت ناهي.‘

ٺهڪ ڏئي کلي پيو هئم. رڙ ڪري چيو هيئي:

’منهنجو دماغ خراب نہ ڪر.‘

لڙڪ لڙڪ لڙهي پئي هئينءَ، منهنجن ٺهڪن جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو هو.

’تون ڏاڍي پاڳل آهين.‘

’هہ، ها. ها تڏهن تہ مسلسل دو ڪا ڪائيندي پئي اچان، دوستين جي نالي ۾، محبتن جي نالي ۾، سچائين جي نالي ۾.‘ پاٽيءَ جو گلاس ڀري آيو هوس. تو پرس کولي، ’ويليم فائيو‘ جي شيشي ڪڍي، هڪ گوري زبان تي رکي، پاٽيءَ جو ڍڪ ڀري چڙهيو هيئي.

’گوريون ٻيهر ڪائڻ لڳي آهين؟‘

تشوءَ سان لڙڪ اگهندي، ٻارن جيان ڪنڌ ڏوٽي چيو هيئي:

’توسان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس، پوئين ڏيڍ مهيني کان گوريون پيهر ڪائڻ لڳي آهيان. خوابن ۾ بہ تون مون کي صبا سان هٿ ۾ هٿ ڏئي گهمندي نظر ايندو آهين. ان ڇوريءَ، منهنجي زندگيءَ ۾ زهر اوتي ڇڏيو آهي. مون کي محسوس ٿيندو آهي جيسين تون مون سان هوندو آهين، منهنجو هوندو آهين. الڳ ٿيڻ کانپوءِ، تنهنجيون ٻانهون، تنهنجا چپ، سڀ پراوا بڻجي ويندا آهن.‘

شدت سان احساس ٿيو هئم، ڇڻ توسان دوکو ڪري رهيو هئم. چيو هئم:

’ڇا ٿي چاهين.......؟‘

’منهنجي ڪا حيثيت آهي؟‘

’تنهنجي حيثيت، منهنجي هئڻ جي احساس آهي.‘

’اها تنهنجي خواهش آهي.....؟‘

’ڪجھ بہ سمجھ.......؟‘

ٻوڏاري ۾ پئجي ويو هوس. چيو هئم:

’ٺيڪ آهي.‘

**ڪرسيءَ تان اٿي بيٺي هئينءَ. چيو هيئي:**

**’هيڏي آ......‘**

**تنهنجي ويجهو آيو هوس. پنهنجون ٻانهون پکيڙي چيو هيئي:**

**’ياڪي پاءِ.........‘**

**تنهنجي مختصر چيلهه جي چوڌس، ٻانهن جو زنجير وڪوڙي ڇڏيو هئم. چيو هيئي:**

**’زور سان پاءِ.‘**

**ٻانهن جو گهيرو، تنهنجي چيلهه تي وڌيڪ سوڙهو ڪري ڇڏيو هوم.**

**’اڃان ٻه.‘**

**ڪجهه وڌيڪ سوڙهو ڪري ڇڏيو هوم.**

**’اڃان ٻه.‘**

**جسم جو زور ٻانهن ۾ اوتي ڇڏيو هوم. رڙ نڪري وئي هيئي:**

**’بس بس.‘**

مون زور وڏائي ڇڏيو هو. ڪلندي، ڇنگهندي چيو هيئي:

’مري ويندوس.‘

ٻانهن جو زور گهٽائي ڇڏيو هئم ۽ تنهنجا ٿڪ، ڪلاس روم جي فضا ۾ ’ايئر فريشنر‘ ٻڻجي، چوڌسا ڦهلجي ويا هئا. صبا ڪلاس ۾ داخل ٿي هئي. سندس چهري تي رات ڀانئجي وئي هئي. صبا کي ڏسي هڪ پل لاءِ، تنهنجن ٿڪن کي بريڪ لڳي ويو هو. پوءِ تون وڏيڪ قد آور ٿڪ ڏئي ٽڙي پئي هئينءَ ۽ تنهنجون ٻانهون منهنجي چيلهہ ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي ويون هيون. صبا در تان ئي واپس هلي وئي هئي.

ڪلاس روم مان نڪري، ڪاريڊور ۾ آيا هئاسون تہ صبا کي ڏٺو هئم. جيڪا ڪاريڊور جي ڪنڊ ۾ نلهہ کي ٽيڪ ڏئي، گل مهر جي ڳاڙهن گلن ۾ هڪ گهوري رهي هئي. ڪن لاءِ منهنجي اندر زلزلو مچي ويو هو. ها، رڳو. ڪن لاءِ اسان ٻئي وک وک سجاتلن ۾ مرڪ جو اڌ ڪڙيل مکڙيون ورهائيندا هلڻ لڳا هئاسون.

صبا مون سان ڪيترائي ڀيرا ڳالهائڻ چاهيو هو ۽ مان لنوائي ويو هوس. هڪ ڀيري فيڪلٽيءَ جون ڏاڪڻيون چڙهي رهيو هوس تہ صبا گرلز ڪينٽين جي لوهي گيٽ مان نڪري ذري گهٽ ڊوڙندي منهنجي آڏو اچي بيهي رهي هئي. اکين ۾ گهوريندي چيو هئائين:

’چاهين ٿو مان يونيورسٽي ڇڏي هلي وڃان.......؟‘

ڏاڪٽين جي وچ تي نلهہ ٻڌجي ويو هوس.

’مون آخر تنهنجو ڏوهہ ڪهڙو ڪيو آهي.......؟‘

ڪنڌ جهڪائي، تو وٽ هليو آيو هوس. چيو هئم:

’منهنجي گلي ۾ تڪليف آهي.‘

تو پرس مان ’اسٽريپسلز‘ ڪيئي ڏني هئي. ڪجهہ دير ڪان پوءِ صبا اسان جي پر مان لنگهي وئي هئي. تو منهنجي چهري تي ڪوبہ تاثر نہ ڏسي چيو هو:

’ڪيڏي اداس هئي.....؟‘

مرڪي پيو هئس.

’ڏک نہ ٿو ٿيئي.......؟‘

’فائدو........؟‘

’يار، هوءَ توسان عشق ٿي ڪري.‘

’۽ مان توسان.‘

’مان فلائنگ ساسر کائيندوس.‘

تو ٻانهن ورائي منهنجي ٻانهن ۾ وڌي هئي. ڊپارٽمينٽ جي آفيس جي دروازو پار ڪري سيڪنڊ فلور جي ڊگهي ڪاريڊور ۾ اچي ويا هئاسون. هميشه جيان اتان ئي ٻن فلائنگ ساسرن جو آرڊر ڏنو هوسون. ۽ هن هميشه جيان سيليفين جي ٿيلهيءَ ۾ فلائنگ ساسر بند ڪري، اسان ڏانهن اڇلائي هئي. هڪ ڀيري ته پاڻ ڊپارٽمينٽ جي آفيس مان پلاسٽڪ جي ننڍڙي ٻالٽيءَ جي ڪڙي ۾ تنهنجو ۽ شبنم جو رئو ٻڌي ان فلائنگ ساسر واري ڪان آئسڪريم به ورتي هئي.

رات جو شدت سان احساس ٿيو هئم ته مون ڪي صبا سان ائين هلڻ نه ڪپندو هو. ڇو ته رشتن ٽوڙڻ جا به ڪي اصول ٿيندا آهن؛ جيئن رشتن قائم ڪرڻ جا. جيڪي تو نه ٿي چاتا. تون ته ٻارن وانگر هئينءَ، بس هي ٿيڻ گهرجي، هي نه ٿيڻ گهرجي ڪان سواءِ تو وٽ ڪنهن به ٽين ڳالهه جي اهميت نه هئي. ۽ مان اهو ڄاڻندي به ته محبتن ۾ ماڻهن سوا هڪ ٻئي جي، سڄي دنيا ڪي ’جيليسيز‘ ڏيندو ۽ وٺندو آهي، ٻئي ڏينهن صبح جو تنهنجي غير حاضريءَ ۾، صبا ڪي سندس ڪلاس جي ڊگهي دريءَ مان سڏي ان مهل ڪارڊ ڏنو هو جڏهن سيما ۽ شگفته به ساڻس گڏ ويٺيون هيون. ڪارڊ ڏيندي سرٻاٽن ۾ چيو هومانس:

’في الحال هن ڪي نه پڙهجانءِ.‘

سيما مون ڪي معنيٰ ڀريل نظرن سان ڏٺو هو. دريءَ تان هٽي ڪارنرس تي ويهي رهيو هئس. تون سيمينار ۾ ڪتاب واپس ڪري اچي وئي هئينءَ. اسان ڪاريڊور مان ايندڙ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي هلڻين، هيئر اسٽائيلن، لباس ۽ ميڪ اپ مٿان تنقيد ڪري

مزو وٺي رهيا هئاسون تہ، مون کي شدت سان باٿ روم جو خيال آيو هو ۽ مان ذري گهٽ ڊوڙندو هليو ويو هوس. ٽوائلٽ مان ٻاهر نڪتو هوس تہ ڏٺو هئم، سيما ٽوسان گڏ وينـي هئي. ويجهو پهتـو هئس تـہ هوءَ اٿـي هلي وئي هئي. تنهنجو موڊ آف هو. منهنجي ويهڻ کان اڳ چيو هيئي کهري آواز ۾:

’صبا کي جيڪو ڪارڊ ڏنو اٿئي، واپس وٺينس.‘

ڪجهہ چوان ٿي، تو ڪلاس روم جي ڪليل دريءَ ڏانهن وڌندي چيو هو:

’نہ، تون چوـ؟ مان پاڻ ئي وٺندوس.‘

دريءَ مان صبا کي سڏي چيو هيئي:

’صبا پنهونءَ جيڪو توکي ڪارڊ ڏنو آهي. واپس ڪري.......‘

صبا وائڙائپ منجهان مون ڏانهن ڏٺو هو، منهنجي چهري تي ڪجهہ نہ پسي چيو هيائين:

’ڪهڙو ڪارڊ........؟‘

’ڪارڊ شرافت سان واپس ڪر.‘

’مون وٽ ڪوبہ ڪارڊ ڪونهي.........‘

صبا پرس ڪرسيءَ تان ڪڍي ٻاھر نڪري آئي ھئي.

’توکي شرم اچڻ گھرجي. نيچ، ذليل، ڪميڻي.........“‘

تنھنجن گارين جي پڙاڏن تي ڪاريڊور ۾ گھمندڙ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا پنڊ پھڻ ٿي ويا ھئا.

’تون مون کي پيٽ ڀرڻ جي ڇو ٿي؟ ۽ مون سان ايڏو وڏو دوکو ڇو ڪرين ٿي......؟.... تو...... تون ھن پاڻ ٻه ڇڏين ٿي، ۽ پاڻ سان عشق ڀي ڪرين ٿي..........؟......... ٻڌي نه ٿي مرين اھو سڀ ڪرڻ کان...........؟‘

صبا مون ڏانھن پريل پريل نيڻن سان تڪڻ لڳي ھئي.

توکي ٻانھن کان وٺي گھلڻ لڳو ھوس. مون سان گڏ گھلجندي پرس مان ’وليم فائيو، جي شيشي ڪڍي ھوا ۾ لھرائي ڇيو ھيئي:

’ياد رک، جيڪڏھن مون کي ڪجھ ٿيو ته منھنجي موت جي ذميدار تون ھوندينءَ، تون‘

صبا، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ميڙ جي وچ ۾ ڪلاس جي پٽ کي ٽيڪ ڏئي، مون ڏانھن گھوريندي رھي ھئي. ۽ مان توکي ٻانھن کان گھليندو سيڪنڊ فلور جي ڪنڊ ۾ وٺي ويو ھوس.

’توکي اهو سڀ، وچ ڪاري دور ۾ نہ ڪرڻ کپندو هو. هر ماڻهوءَ جي عزت هوندي آهي.‘

’عزت_؟ اهڙيءَ ذليل ڇوريءَ جي_؟ جيڪا مون سان فراڊ ٿي ڪري؟ جيڪا توکي مون کان کسڻ ٿي چاهي_؟ _‘

’هوءَ توسان ڪوبہ فراڊ نہ ٿي ڪري. نہ ئي مون کي توکان کسي سگهي ٿي. جيسين مان پاڻ نہ چاهيان.‘

’تون بہ تہ مون سان فراڊ ڪرڻ لڳو آهين، واعدو ڪرڻ جي باوجود، هن کي ڪارڊ ڏنئي. هن سان ڳالهائين ٿو......‘

’مان هن سان رڳو پنهنجا ’رليشنس‘ ختم ڪري ڇڏيا آهن. جن تي توکي سدائين شڪ رهيو آهي.‘

’رليشنس ختم ڪرڻ لاءِ ڇا اهو سڀ ڪرڻ ضروري هو؟‘

’ها، آخر ۾ مون ضروري سمجهيو.‘

’تون فراڊ آهين، فراڊ آهين. تو مون سان دوکا ڪيا آهن، تون مون سان دوکا ڪندو رهيو آهين.‘

’ايڏو وڏو الزام نہ هڻ، سنجها. ‘

’مان هٽندوس، ڇو تہ تون هن نيچ ڇورا متائيندڙ ڇوريءَ جي ڪري، مون سان دوکا ڪيا آهن. ‘

۽ مان چئي ويٺو هوس: ’تنهنجو، پنهنجي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي.......؟ ‘

هڪدم چپ ٿي وئي هئينءَ. بي عزتيءَ جو احساس تنهنجن نيڻن ۽ چپن جي ڪنڊن تي لهي آيو هو. ’سنو ٿيو ٻڌائي ڇڏيئي. مان ايتري ئي خراب آهيان نہ........؟ ‘

’خراب اسان سڀ آهيون سنجها. تنهنڪري اسان ڪنهن کي خراب چوڻ جو حق نہ ٿا رکون. ‘

’نہ نہ خراب رڳو مان آهيان، رڳو مان. ‘

نيڻن ۾ پرجي آيل لڙڪ تشوءَ سان اگهندي پرس کڻي وڃڻ لڳي هئينءَ.

’ڪيڏانهن.........؟ ‘

’مان خراب آهيان توکي ڪا سٺي ڇوڪري ملي وڃي نہ، تہ ان سان شادي ڪري ڇڏجانءَ. ‘

’سنجها..... ڳالهہ ٻڌ...... منهنجي ڳالهہ ٻڌ، سنجها....... ‘

ۼ تون ويندي رهي هئينءَ. ڪاوڙ جو زهر جسم ۾ ڦهلجي ويو هئم. پريل آواز ۾ چيو هئم:

’ٺيڪ آهي، مون کي ڇڏڻ ٿي چاهين نہ.......؟‘ سمجهي ڇڏيندس تہ اسان منزلن جي ڳولها ڪندي، غلط رستن تي ڀٽڪي، هڪ ٻئي سان ملي ويا هئاسون. گڊ باءِ.‘

ڪاوڙيل ڏند جيان وچڻ لڳو هوس. تو پٺيان رڙ ڪئي هئي:

’پنهون، منهنجي ڳالهہ ٻڌ........‘

مان هلندو ويو هوس. ۼ تون رڙيون ڪرڻ لڳي هئينءَ:

’پنهون، پنهون.......... منهنجي..........‘ ڊوڙندي اچي منهنجي ڏوري ڪان جهلي چيو هيئي:

’مان مري ويندوس.‘

’مان فراڊ آهيان نہ...........؟ هن وقت تائين توسان فراڊ ڪندو آيو آهيان!‘

’ڏس مان توکي ٻانهون ٿي ٻڌان........ مان مري ويندوس.‘

اندر ئي اندر آنرجي ويو هوس. جڏهن ٻہ مون کي هٿ ٻڌا هيئي، پاڻ کي ڏاڍو ڪريل

محسوس ڪيو هئم. ڇو تہ مان دنيا جي هر عورت لاءِ ڪھڙا بہ غلط احساس ڇو نہ رکندو هجان، پر ساڳي وقت پنهنجي ماءُ جو تقدس بہ پسندو آهيان. آڳرين سان تنهنجا لڙڪ اگهي ڇڏيا هئم. ۽ پاڻ مسلسل هڪ ٻئي جي پرسان هلندي بہ، اڪيلا اڪيلا، چپ چپ، چاتل سچاتل رستن مٿان اجنبين جيان هلندا رهيا هئاسون. پوءِ تو ٻانهن ورائي منهنجي چيلهہ ۾ وڌي هئي ۽ ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي هئينءَ. پر مان سڌو ئي سڌو هلي رهيو هوس. منهن ۾ ڏسندي چيو هيئي: ’مون ڏانهن ڏس.....؟‘ هڪ نظر تنهنجي چهري تي اڇلي منهن ڦيري ڇڏيو هئم: چيو هيئي: ’ڏس نہ.............؟‘ تنهنجن نيڻن ۾ نهاريو هئم. چيو هيئي: ’ناراض آهين؟‘

’نہ‘

’مون ڏانهن ڇو نہ ٿو.............؟‘

’ڏسان تہ پيو.‘ هڪ ٻئي ڏانهن ڏسندي هلڻ لڳا هئاسون. ۽ مرڪ ٻنهين جي چپن تي سري آئي هئي. هميشہ جيان تالو مون کوليو هو ۽ ڪنڊي تو. سيئي آواز ٻاهر رهجي ويل هئا. ان ڏينهن تو مون کي ڏاڍو پيار ڪيو هو، نيڻن تي، نڪ تي، چپن تي، ڳلهن تي ۽ سيني تي. پھريان هلڪيون هلڪيون ’ڪِسِس‘ پوءِ هلڪا هلڪا چڪ. آخر ۾ ڇتوڙ نموني چڪ پائي، چرين جيان چيو هيئي:

’تون منهنجو آهين.‘

’رڳو منهنجو آهين.‘

’منهنجو آهين.‘

’منهنجو آنهہ.....‘

.منهنجو..........‘

’منهن...‘

.مهہ........‘

..........۽ ڪجهہ دير اڳ اسان ٻنهين جي وچ ۾ ڪڙو ٿي ويل اجنبيت جو گرم ۽ سخت احساس هوريان هوريان ڍرو پئجي ويو هو. ٻئي نستا ليٽي، ڇت ۾ گهورڻ لڳا هئاسون.

ڪارڊ، جيڪو هڪ ڏينهن اڳ مون صبا کي ڏنو هو تنهن جي اڳين حصي تي، ڳاڙهي تر ۾ اڇن اکرن سان لکيل هو: ‘Sorry’ ڪارڊ جي پٺيان لکيو هئم:

’صبا_ نہ مان توسان ملندس، نہ تون مون سان ملڻ جي ڪوشش ڪج. جيڪڏهن ڪٿي ملي بہ وڃون تہ اسان جي چهرن تي سواءِ اجنبيت جي ٻيو ڪوبہ احساس نہ هئڻ گهرجي. (منهنجو ’رموٽ‘ ڪنٽرول سنجها جي هٿ ۾ آهي.)_ روبوٽ

اهوئي ڪارڊ هو، جنهن لاءِ تو ايڏي واويلا مچائي هئي. صبا جي پيري ڪاريڊور ۾ بي عزتي ڪئي هئي. هوءَ سڀ ڪجهہ ٻڌندي بہ رات جي پوئين پهر وهندڙ ڪنهن مانيٽي

نديءَ جيان چپ چاپ مون ڏانهن ڏسندي رهي هئي. نيٺن ئي نيٺن ۾ چوندي رهي هئي: (اهو سڀ تون آهين؛ آزمائي وٺ جيترو آزمائي سگهين.)

صبا کي تو پنهنجو ڪامپليڪس بڻائي ڇڏيو هو. اڻندي ويهندي، خوابن ۾ به. مان صبا لاءِ سوچڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ تو شروع ڪري ڇڏيو هو. هوءَ مون کي ياد به نه هوندي هئي ۽ تون مون کي ياد ڏياري ڇڏيندي هئين. اصل ۾ صبا ذهني طور تنهنجي ذهن تي ’ڊامينيٽ‘ ڪري وئي هئي . ڪجه نه هوندي به، تو هن کي گهٽو ڪجه بڻائي ڇڏيو هو. تو صبا کي ايترو ته پنهنجي مٿان سوار ڪري ڇڏيو هو. جو هوءَ هرو ڀرو منهنجي خيالي محبوبا ۽ تنهنجي دشمن بڻجي وئي هئي. انهي ڳالهه تان روز وڙهڻ لڳا هئاسون. ڪلاس ۾، رستن مٿان ۽ گهر ۾، تو کي هميشه صبا جي ذڪر کان روڪيندو هوس. ۽تون وڌيڪ شدت سان هن لاءِ ڳالهائڻ لڳندي هئينءَ. صبا، منهنجي تو پاران مڙهيل، نه ختم ٿيندڙ ڪهاڻي بڻجي پئي هئي. هڪ ڀيري ته تو هن جو ايترو ذڪر ڪيو جو مان ايبنارمل ٿي ويو هوس. ان ۾ تنهنجو ڏوهه نه هو. تو کي احساس هو ته هوءَ تو کان وڌيڪ ’اٽريڪٽو‘، ’سيڪسوئل‘ ۽ اسٽائلش هئي. ۽ مون کي ڀريون ڀيرو شدت سان احساس ٿيو هو ته تنهنجي ’بولڊنيس‘ اصل ۾ تنهنجي اوٽائين جو ’ماسڪ‘ هئي. تو کي پاڻ تي ويساهه نه هو، تنهنڪري تون مون تي به ويساهه ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ صبا تنهنجي لاءِ هڪ ذهني عذاب بڻجي وئي هئي. منهنجي ڪري صبا جو وچ ڪاريڊور ۾ اپمان ٿيو هو، جنهن جو مون کي ڏک هو. چاهيو هئم سندس گهر وڃي معافي وٺڻ پر تنهنجو مانُ ٽوڙڻ نه ٿي چاهيم. ڇو ته مون توسان سمورين سچاين سان محبت ڪئي هئي. تڏهن ئي ته مون کي تنهنجا سمورا ’ڪامپليڪس‘ تنهنجي سونهن جو حصو لڳندا هئا. تڏهن ئي ته مان پنهنجي سموري ’سوشل لائيف‘ کي الوداع چئي ڇڏيو هو. تنهنجو رويو منهنجي هر دوست سان ڪيڏو ڪڙو هوندو هو؟ منهنجن دوستن کي تو سدائين پنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾، ٿوهر جي نه ٽٽندڙ ديوار

سمجهيو هو. نہ چاڻ ڪيترا ڀيرا، منهنجن دوستن ڪي منهنجي آڏو نيچ بڻايو هيئي. پر پوءِ بہ هنن مون وٽ اچڻ نہ ڇڏيو هو. ها، هنن اچڻ گهٽائي ضرور ڇڏيو هو. هڪ ڀيري علي، ڪراچيءَ مان ڪهي مون سان ملڻ آيو هو. پاڻ فائينل جي ڪلاس ۾ ويٺا هئاسون، هن ڪي ڏسندي ئي تنهنجو موڊ خراب ٿي ويو هو. پوءِ بہ جڏهن هو نہ اٿيو هو تہ هن کي ڪليل لفظن ۾ نڪري وڃڻ لاءِ چيو هيئي. ۽ هو نڪري وڃڻ بدران مرڪڻ لڳو هو. مان هن سان گڏجي وڃڻ لڳو هوس تہ تون ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي هٿ ۾ جهليل نڊيڙي ڪينچي پوري سگهہ سان مون ڏانهن اڇلائي هئي. ڪينچي هوا ۾ اڏامندي منهنجي ڪنڌ کان اڏرندي وڃي دروازي ۾ ڪتي هئي. ويٺل ڇوڪرين کان رڙيون نڪري ويون هيون. ٻاهر نڪتا هئاسون تہ علي مرڪي چيو هو: ’تنهنجي محبوبا ۽ منهنجا زال ۾ ڪوبہ فرق ناهي. اصل ۾ اسان جون زالون ۽ محبوبائون اسان جن دوستن کي پنهنجون ڀاڃون ٿيون سمجهن.‘

پوءِ جڏهن ڪراچي هليا هئاسون تہ ٽئين ڏينهن عليءَ جي ئي گهر رهياهئاسون! ريڊيو تي توکي نيوز ڪاسٽر جي نوڪري ملي وئي هئي. تون مهيني جا آخري ٻارهن ڏينهن شام جو ريڊيو وڃڻ لڳي هئينءَ، مان اڪثر تو وٽ ايندو هوس. توهان جي نيوز سيڪشن ۾ منهنجو دوست ظهير بہ ساڳين ڏينهن تي نيوز ٽرنسليٽ ڪندو هو. تون هن جي خاندان کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندي هئينءَ. هڪ ڀيري حيرت مان چيو هيئي:

’يار، ڪمال آهي......... ظهير چڱي امير خاندان جو آهي. پوءِ بہ تن سؤن جي لاءِ ٽاڪ منجهند جو ڪٿان کان ڪهي ٿو اچي......؟‘

هڪ ئي سيڪشن ۾ ڪم ڪرڻ سبب، تون ظهير سان فري ٿي وئي هئينءَ. ۽ تنهنجي، منهنجن ٻين دوستن جيان بيحد عزت ڪرڻ لڳو هو. جنهن ڏينهن تو وٽ اچي نہ

سگهندو هوس، ظهير توکي ريڊيو جي گيٽ تان رڪشا پڪڙي ڏيندو هو. ۽ مان بي اونو ٿي ويو هوس. ڇو تہ مان چاهيندو هوس تہ توکي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ پهچي. ظهير جيترو قدآور ۽ سمارٽ هو، اوترو ئي سياڻ جو سلڇڻو.

منهنجي انهيءَ ناردمُني دوست، جنهن کي تو منهنجي جاسوسيءَ تي لڳائي ڇڏيو هو ۽ جيڪو پنهنجا فرض، ڪنهن پگهاردار جاسوس جيان نڀائي رهيو هو، جنهن توکي اهو چئي مون کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ چيو هو: ’جيڪو شخص پنهنجي ماءُ سان سچو ناهي، سو ڀلا توکي ڪهڙي سچائي ڏيندو.‘ ۽ جنهن. شروع شروع ۾ ظهير کي تنهنجي لاءِ چيو هو، ’اڙي يار، مان سنجها کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. وڏي چڪرباز ۽ فلرٽ آهي. ڏسجانءِ هڪ ڏينهن پنهوںءَ کي ڇڏي هلي ويندي.‘ نہ مان پنهنجي ماءُ سان نفرت ڪندڙ هوس، نہ، ئي تون چڪرباز هئينءَ. اها ناردمُنيءَ جي عورت ۽ دوستيءَ جي باري ۾ محدود ’اينالائيسس‘ هئي. پر مان اڄ بہ ڪيس هڪ سٺي چترڪار ۽ ڀن شريف ماڻهن جي وچ ۾ جهيڙو ڪرائي، صفائيءَ سان گم ٿي ويندڙ جي حيثيت ۾ مڃان ٿو. ها اهي ٻئي ڳالهيون هن ۾ اتم موجود هيون!

ناردمُني صبا سان بہ اڪثر ملندو رهندو هو. ڪنهن ٻڌايو هوس تہ صبا انهن ڇوڪرين مان آهي، جيڪي وڏن وڏن ’پريزنٽس‘ تي هرکي پوندیون آهن ۽ هن محنت سان ڪمايل پئسن مان صبا کي قيمتي ’پريزنٽس‘ پيش ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. هو اهو ڪڏهن بہ ڄاڻي نہ سگهيو هو تہ عورت ۽ رشوت وٺندڙ باس ۾ ڪوبہ تعلق نہ هوندو آهي.

ڪراچي ويو هئس. ساڳئي ئي ڏينهن تي ڪنهن پهر، صبا بہ ڪراچي هلي وئي هئي. اهڙي سڌ توکي نارد مُني ڏئي ڇڏي هئي. جنهن ڏينهن واپس آيو هئس. ان رات جي

ڪنهن پهر صبا بہ واپس اچي وئي هئي. اهڙي سڌ بہ تو کي ناردمُني پنهنجو فرض سمجهي پهچائي هئي. توسان مليو هوس. تنهنجن نيڻن ۾ ساري جڳ جو درد پريل نظر آيو هئم. پاڳلن جيان مون کي ڏسڻ لڳي هئينءَ. ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهيو هوس. چاهيو هئم توسان ڳالهائڻ، پر تو سواءِ گهورڻ جي ڪجهہ بہ نہ ڳالهايو هو. ۽ مان واپس هليو آيو هوس. ٻيءَ رات نارد مُني سهڪندو سهڪندو مون وٽ آيو هو. چيو هئائين:

’يار وڏو چڪر ٿي پيو هو. وڏي محنت سان معاملي کي سنڀاليو اٿم‘ ڪنهن اڻ ڄاتل خطري جو احساس ٿيو هئم. چيو هئائين: ’منجهند جو اتفاق سان صبا ۽ سنجها، راحت حسين وٽ ملي ويون هيون. ٻنهين ۾ سخت ڏي وٺ ٿي هئي. اهو ئي راحت حسين جيڪو مون کي ٻنهہ ڪونہ وڻندو هو. سندس چهرو بہ ڪيڏو نہ ڀيانڪ هو.....؟ جنهن جي آفيس ۾ سڄي شهر جا جوڙا اچي رومانس ڪندا هئا ۽ هن کان پنهنجا مسئلا حل ڪرائيندا هئا. جيڪو پاڻ کي وڏو پامسٽ، سيڪالاجسٽ ۽ ائسٽرلاجيءَ جو ماهر سمجهندو هو. سندس چواڻي، هو اڄ تائين ٽيهہ عشق ڪري چڪو هو. پر مون کي حيرت هئي تہ هو پنهنجي اڪيلي زال کي بہ ’سيٽسفاءِ‘ ڪري نہ سگهيو هو. هوءَ ڪانئس گهڻا سال اڳ طلاق وٺي چڪي هئي. ڪيس سڄي شهر ۾ ۽ خاص طور تي يونيورسٽيءَ ۾ ٿيندڙ عشقن جي گهڻي سڌ هئي. تون، مون کي بہ ڪيترا ڀيرا هن وٽ وٺي هلي هئينءَ، پر مان ڪڏهن بہ هن جي ڀيرن ۾ پاڻ وڃائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هئي. ڇو تہ مون ڪڏهن بہ ڪنهن ٽئين کي پنهنجي ذاتي معاملي ۾ داخل ٿيڻ جو حق نہ بخشيو هو. هميشہ چاهيو هئم. جو ڪجهہ بہ اسان ٻنهين جي وچ ۾ ٿئي. اسان تائين محدود رهي. پر تون هر سڃاتل جي آڏو منهنجي ۽ صبا جي شڪايتن جي ٻتالين کي ڪڙو ڪري، مارچ پاسٽ ڪرائڻ لڳندي هئينءَ، جيڪي تنهنجا پنهنجا پيدا ڪيل خوف هئا. ان وقت مون کي تو مٿان ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي. پر تون پنهنجي هر غلط

عمل کي حق سمجهي استعمال کندي هئنيءَ ۽ منهنجي هر صحيح عمل کي ظلم چئي رد ڪري ڇڏيو هيئي. ناردمُنيءَ ٻڌايو هو: راحت حسين وٽ، توهان ٻنهين ۾ سخت ڏي وٺ ٿـي هئي، ۽ منهنجي لاءِ چيو هيئي: ڀنهون.....؟ جنهن وٽ هڪ پينٽ هڪ شرٽ کان سواءِ آهي ڇا.......؟ جنهن کي مان جڏهن چاهيان، ڇڏي سگهان ٿـي. ۽ هن ڪنگلي کي مون کان سواءَ ’لفٽ‘ ڏيندو به ڪير؟ ناردمُنيءَ اهو به ٻڌايو هو تـه تنهنجن انتها جي گارين ۾ الزامن کي پوءَ صبا ٻارن جيان روئي پئي هئي. اها تنهنجي ظلم جي انتهائي هئي سنجها؛ نه ته صبا انهن مان هئي، جن جي اندر ۾ ڏک جا هزارين وائلن ڇو نه وڄي پون، پر لڙڪ ڪڏهن به سندس پنبڻين جي سرحدن کي پار ڪري نـه سگهندا آهن.

اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ کان پوءِ ڏک جو ٻاہر دونهون اندر ئي اندر منهنجي ساهه کي گهٽڻ لڳو هو. صبا اوچتو گن پوائنٽ تي اچي ويل بي گناهه ڇوڪري لڳي هئي. نارد مُني ويندي ويندي مون کي تنبيهه ڪري ويو هو، ’سياڻي شام جو تون مون کي ريڊيو اسٽيشن ٻاهران ضرور مل. ۽ خدا جي واسطي، سنجها توکي ڪجهه به چئي، جذباتي نـه ٿجانءِ، ڇو تـه هن کي سخت ڏک ۽ ڪاوڙ آهي.‘ ۽ مان سڄي رات سمنڊ جيان ڇلندي گذاري ڇڏي هئي.

ناردمُني ۽ مان ريڊيو جي گيٽ وٽ تنهنجو انتظار ڪري رهيا هئاسون. تون ڊيوٽي ختم ڪري ريڊيو جي گيٽ مان ڪنڊر ڇهري سان نڪتي هئينءَ. ۽ نستين وکن سان اسان ڏانهن اچڻ لڳي هئينءَ. منهنجي آڏو اچي ائين ڏٺو هيئي، ڄڻ مون تنهنجن ڏنل محبت ۾ پريٽ زهر ملائي ڇڏيو هو.

چپ چاپ هلندا ’حلال احمر‘ جو گيٽ کولي نيڙڙي پارڪ ۾ ويهي رهيا هئاسون.

ڪاوڙ ۽ ڏک منهنجي سيني ۾ اليڪٽرڪ ڪٽر ۾ اوچتو اچي، ٻه اڍ ٽي ويل هٿن جيان ڦٽڪي رهيا هئا. آخر تون اسان جي وچ ۾ هڪ ٻاهرين کي گهلي آئي هئينءَ؟ نارد مُني کير ٽيندو هو اسان جي محبت ۽ دکن جي وچ ۾ پُل ٻڌجڻ وارو........؟ تو کي هميشه چيو هئم، ’سنجها، تنهنجون ڏنل محبتون ۽ ڏک رڳو منهنجي لاءِ آهي. ان ڪري انهن تي رڳو منهنجو حق آهي. انهن جو اظهار ٻين آڏو ڪرڻ، معنيٰ تنهنجن ڏنل مقدس جذبن جا وچ رود تي ڪپڙا ڦاڙڻ آهن. ۽ تو کي ٻه منهنجن ڏنل جذبن جو احترام هئڻ گهرجي. ’پر فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾، ان ڪان پوءِ راهت وٽ پوري آواز سان صبا ۽ مون مٿان الزامن جي پٿر بازي، ۽ ان مٿان نارد مُنيءَ کي وچ ۾ آڻي تون منهنجن ڏنل محبتن ۽ دکن جا وچ رود تي هڪ ئي سٽ ۾ سيئي ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا هئا.

نارد مُنيءَ جي شڪي ڳالهين تو کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو هو. تون خيالن ۾ مون کي پاڻ کان الڳ ٿيندي ڏسي يا سمجهي. پاڻ کي ’ان سيڪيوئر‘ بڻائي ڇڏيو هو ان جي بچاءُ ۾ تون هر وک بنا سوچڻ جي ڪٽندي هلي وئي هئينءَ. اسان ۾ ويڇن جو بنياد رکڻ وارو نارد مُني هو، جنهن جي سڏ مون کي ته اڳ ئي پڇجي وئي هئي، پر تو کي نه. تو سدائين هن کي پنهنجو همدرد چاتو هو. مڃان ٿو هو تنهنجو همدرد هو، پر اهڙو همدرد جيڪو رڻ مان موتي آيل ماٺهوءَ کي گلوڪوز جي گلاس ڀري ڏي، پر ان ۾ سائنائيڊ جا ٻه ٽي ڦڙا وجهڻ نه وساري. تون مسلسل مون ڏانهن گهوري ريهي هئينءَ، ڀريل نيٽن سان. جن ۾ آخر تائين منهنجي خلاف ’سلوگنز‘ لهرائي رهيا هئا. شروعات ڪرڻ نه ٿي چاهيم. مون ڳالهائڻ ئي نه ٿي چاهيو. سڏ هيم ته منهنجي زبان مان هڪ لفظ ٻه ٽڙيو ته هر ڏسا ڏنڊ چانئجي ويندو ۽ سڀ ڪجهه وڃائجي ويندو. نارد مُنيءَ چيو هيئي: ’ڏس هي تو وٽ اچي ويو آهي.‘

تنهنجن نيٽن ۾ منهنجي خلاف لهرائيندڙ ’سلوگنز‘ وڌيڪ گهرا ٿي ويا هئا. نارد مُنيءَ

چيو هو: ’توهان کي ڳالهائڻ گهرجي......‘ چڻ پيٽرول جي ٽانڪيءَ کي ڪنهن تيلي ڏيکاري ڇڏي هئي.

’اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ کان بهتر هيئي مون کي ماري ڇڏين ها. تون......... تون منهنجين سمورين ڏنل محبتن کي ’ڊسٽ بن‘ ۾ اڇلي هليو وئين..........؟ هن ٽڪي جي ڇوريءَ سان راتيون گذارڻ لاءِ.......؟ راتيون....... گذارڻ.......؟ توکي پنهنجي سنجها جو بہ خيال نہ ٿيو....... رتيءَ برابر بہ نہ.........؟ انهن ڏينهن لاءِ سچايون ڏنيون هيئي.......؟ انهن ڏينهن لاءِ..........؟ مان مري ويندوس پنهون، مان مري ويندوس.‘ تنهنجن نيڻن ۾ لهرائيندڙ سمورا ’سلوگنز‘ لڙڪن جي سيلاب ۾ لڙهي ويا هئا. لڙهڻ لڳا ها.

’غلط آهي اهو سڀ.‘ لفظ زبان مان ڦٿڪي نڪتا هئم. رڙ ڪري چيو هيئي:

’غلط ناهي، صحيح آهي، تون هن سان گڏجي ڪراچيءَ ويو هئين. هن سان گڏ ڪراچيءَ مان واپس موٽيو آهين. هن ذليل ڇوريءَ سان. تون ڇا ٿو سمجهين.... آئون ايڏي بيوقوف آهيان.....؟‘ طنز تنهنجن چپن تي ڪنڊن تان سمڻ لڳو هو ۽ نيڻن ۾ ڌڪار.

’اها ئي تہ وڏي ٽريجڊي آهي.‘

’ها ها، مان بيوقوف آهيان. تڏهن ايڏو وڏو دوکو ڏنو اٿئي.‘

’تون منهنجين محبت جي انتهائي تائين ڪڏهن بہ پهچي نہ سگهندين، تون.......... مون کي ڪڏهن بہ سمجهي نہ سگهي آهين__‘

ڪاروڙ جي اُس مٿان ڏک جي شام ڦهلجي وئي هئي. ۽ سڀ ڪجهہ سرمائي ڌنڌ ۾ ڌنـڌ جي خواب ٻڌجي ويو هو. لڙڪ، آواز ۽ جسم سان گڏ ڌڏي ويا هئا. ڪجهـ بـ چوڻ کان سواءِ، جهرندڙ جيءَ سان اٿي بيٺو هئم. مون سان گـڏ تـون ۽ نـادر مُنـي اٿـي بيٺـو هـو. مئل آواز ۾ چيو هيئي: 'مان سـپاٽي ايـنـدس، انتظـار ڪـنـدين.........؟' هاڪـار ۾ ڪنـڌ لوڏي، وک وک ڊهندو هليو ويو هوس. نـ چاهيندي بہ منهنجا پير، صبا جي گهـر ڏانهـن گهلجي ويا هئا.

مون کي ڏسندي صبا جي چهري تي پرهہ ڦهلجي وئي هئي. چيو هئائين؛

'اڄ منهنجي دل چيو پئي، تون ضرور ايندين.'

'ڇو.....؟'

اڪيلي صوفيا تي ويهي رهيو هوس.

'تو کي سنجها ملي آهي........؟'

'نہ' صبا سان ڪوڙ ڳالهايو هئم. ۽ هن سڪون جي ڊگهو ساهہ کڻي چيو هو.

'شڪر آ'

ڇو........؟'

’خبر ٿئي ڪالهہ ڇا ٿيو هو....؟‘

’ڇا ٿيو هو....؟‘

’تون پورن ٽن مهينن کانپوءِ آيو آهين.‘

’ڪالهہ ڇا ٿيو هو.........؟‘

’تنهنجو نارد مُني دوست مون کي راحت حسين وٽ وٺي ويو هو. اهو چئي تہ راحت حسين مون کي گهرايو آهي.‘

’پوءِ؟‘

’مون کان اڳ سنجها ويٺي هئي. ۽ مان سمجهي ويئي هيس ڪجهہ غلط ضرور آهي.‘

’هون..........؟‘

راحت حسين مون کي چيو ’مان توکي پنهنجين ڌيئن وانگر سمجهندو آهيان.‘ چپ چاپ ٻڌندي رهي هيس، پوءِ چيائين: ’مون کي صاف ٻڌائي ڇڏ، تون پنهونءَ لاءِ ڪهڙا احساس ٿي رکين؟‘ چيومانس: ’سر، هو ڏاڍو سٺو آهي، بي انتها. منهنجي دل، ۾ هن لاءِ بي انتها عزت آهي.‘ چوڻ لڳو: ’تون هن سان ڪراچيءَ ۾ گهڻا ڏينهن رهي هئينءَ؟‘ ڏاڍي حيرت لڳي هئم تہ تون ۽ مون سان گڏجي ڪراچيءَ هلندين......؟ اهڙي

منهنجي قسمت ڪٽي. چيومانس: ’سر، آئون ڪراچي وئي تہ هيس، پر اڪيلي ۽ پنهنجيءَ ماءُ جي گهر رهي هيس. پر مون سان گڏ، مون ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ هو__‘ سنجها مسلسل مون ڪي گهوري رهي هئي. سندس چهرو باهہ جو الو ٻڻجي ويو هو. رڙ ڪري چيائين: ’هيءَ بڪواس ٿي ڪري، ڪوڙ ٿي ڳالهائي. سر، هن منهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. هن ذليل ڇوريءَ مون ڪان منهنجو سڀ ڪجهہ کسي ورتو آهي. هيءَ پوريون ٿي راتيون، هن سان گڏ سمهي آئي آهي. هن ڇوريءَ جو سواءِ ٻين جا گهر ڦٽائڻ جي ڪوبہ ڪم ناهي، خدا سندس سڪون برباد ڪيو آهي. ’سنجها ايڏو زور سان ڳالهايو هو، جو آفيس جا سڀئي ملازم ڪٺا ٿي ويا هئا. ۽ مان زندگيءَ ۾ ٻيو ڀيرو پنهنجن لڙڪن تي ڪنٽرول ڪري نہ سگهي هيس. مون کي سمجهہ ۾ اچا بہ نہ ٿو اچي تہ سنجها مون تي ايڏو وڏو الزام ڇا لاءِ مڙهي ڇڏيو آهي....؟ ۽ ها جڏهن سنجها چيو: ’اهو پنهون؟ جنهن وٽ هڪ پينٽ ۽ هڪ شرٽ ڪان سواءِ آهي ڇا... جنهن ڪي مون ڪان سواءِ چاهيندو ڪير....؟‘ تڏهن منهنجي دل چاهيو هو تہ چئي ڇڏيانس. مان؛ مان هن ڪي چاهيو آهي، مان هن ڪي چاهينديس. پر منهنجي اندر ۾ پرجي آيل دڪ ۾ منهنجا لفظ ٻڏي ويا هئا. رڳو ايترو چئي سگهي هئم، ’سر، اهو الزام آهي.‘ سنجها مون ڪي ٻيهر پوري سگهہ سان ذهن تي تري آيل گاريون ڏيڻ لڳي هئي. ايتريون گاريون، جو راحت حسين بہ ڪيس ڇنيي ڇڏيو هو ۽ سنجها اهو چئي تہ، ڪوئي بہ سندس ڪونهي، روئندي وڃڻ لڳي هئي. نارد مُنيءَ ڪيس ٻانهن ڪان روڪي جذباتي لهجي ۾ چيو هو: ’توڪي پنهونءَ ڪي ناهي ڇڏٽو.‘ اسان ٻئي الائجي ڪيتري دير روئيندين رهيون سين. اسان ڪي راحت حسين ڏاڍو سمجهايو هو. مان سنجها سان ان شرط تي پرتي هيس تہ هوءَ اڳتي ڪڏهن بہ ٻين جي آڏو تنهنجي بي عزتي نہ ڪندي ۽ سنجها مون سان ان شرط تي ڳالهيون آهي تہ مان هاڻ ڪڏهن بہ توڪي لفٽ نہ ڏيندس.‘

’تمام سٺو‘ اتي وچڻ لڳو هوس.

’ڪيڏانهن.......؟‘

’سنجها سان واعدو ڪري چڪي آهين.‘

’پر منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌ، جان.‘

’چئو.‘

’ويھہ.‘

ويهي رهيو هئس. صبا منهنجي کيسي مان سگريٽ جو پيڪيٽ ڪڍي سگريٽ چپن جي ڪمان ۾ ڪشي، چيو هو: ’پابنديءَ سان پيئڻ لڳو آهين؟‘

’ڪڏهن ڪڏهن خواهش ٿيندي آهي، بي حساب پيئڻ تي.‘ ماچيس ڏانهنس وڌائيندي، مون بہ سگريٽ چپن ۾ پڪوڙي چڏي هئي. صبا، پهرين پنهنجي، پوءِ منهنجي سگريٽ ساڳي تيلي سان دکائي هئي. ’تون مون کي سگريٽ پيئڻ کان روڪيندو ڇو نہ آهين؟‘

’تنهنجو پيا ڪٿي آهي؟‘

’ڏيالداس ويو آهي، ٻہ ڪلاڪ پيا آهن، سندس اچڻ ۾.‘

’ٻ تنهنجو پاڻ........؟‘

’ڇڏينس.‘

’تون مون کي، سگريٽ ڇڪڻ کان ڇو نہ روڪيندو آهين.؟‘

’تون ان ڪري منهنجي آڏو پيئندي آهين ڇا......؟‘

’هو و نم...... نہ.‘

’تو تي هرويرو جي پنهنجائپ وارو پوز هٽڻ نہ چاهيندو آهيان. تو کي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، تون پيئن ٿي.‘

’ضرورت؟ __ ضرورت تہ مون کي ٻين شين جي بہ پئي ٿي.....؟‘

’مثلن.........؟‘

’ڇا، هر ڳالهہ جي وضاحت ضروري آهي؟‘ صبا جي نيڻن ۾ ڪجهہ لهي آيو هو. مون وات ۾ پرجي آيل دونهين کي زبان جو ڏر ڏئي، سيني ۾ لاهي پوريءَ سگهہ سان هوا ۾ اڏاري ڇڏيو هو. مرڪي چيو هئائين:

’تون ئي ٻڌائي.......؟‘

’ڇا تو ڇئي سگهان؟‘

’سڀ کان وڏو انگ هوندي بہ، تو پاڻ کي زيرو بڻائي ڇڏيو آهي.‘

’زيرو اهو انگ آهي مس صبا، جيڪو جنهن بہ انگ جي آڏو لڳندو آهي تہ ان انگ جو ملهہ وڌي ويندو آهي.‘

’اڄ توکي ياد ڪيئن آئي آهيان؟‘

’ڏسڻ آيو هوس.‘

’ڇا......؟‘

’هڪ عورت جو عورت سان ڪيل واعدو ڪيترو سچو آهي.‘

’ان جي معنيٰ سنجها سان ملي آيو آهين.......؟‘

’هون‘

’توکي سنجها ڇا ٻڌايو آهي.......؟‘

’ڪجهہ بہ نہ.‘

’ڀريون ڀيرو عقل کان ڪم ورتو اٿئي.‘

’نہ، بيوقوفيءَ کان.‘

’تون هر ان ڳالهہ کي بيوقوفي ۽ بي ايماني سڏيندو آهين، جيڪا منهنجي سڪون جو سبب بڻبي آهي.‘ صبا اٿي اچي منهنجي پير ۾ ويٺي هئي.

’سنجها منهنجي محبت جي انتها آهي.‘

صبا رڻ نيٽڻ سان مون ڏانهن ڏسي هلڪو ڪنڌ ڌوڻي ٻاهر نڪري وئي هئي. واپس آئي هئي تہ سندس هٿن ۾ چانهہ هئي. هن ڪوپ منهنجي آڏو رکيل ٽيبل تي رکندي چيو هو:

’تو کي مون سان ڪراچي هلڻو پوندو.‘

’ضروري آهي......؟‘

’ها‘

’ڇو؟‘

’الزام تہ هونئين لڳي چڪو آهي، توسان گڏ سمهڻ جو.‘

’ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ ٿي چاهين؟ ‘

’منهنجي خواهش توسان گڏ رڳو ڪراچي هلڻ جي آهي. ‘

’رهنداسين ڪٿي.......؟

’جتي تون رهائيندين. ‘

’۽ جي ڪجهہ ٿي وڃي تہ.....؟ ‘

’چا ٿو فرق پئي؟ ‘ چوندي صبا جو آواز ترندي ترندي ٻڏي ويو هو.

’پاڻ کي بدنام ڪرائڻ ٿي چاهين.....؟ ‘

’بدناميءَ اجا ڪنهن ٻي شيءِ جو نالو هوندو آهي ڇا؟ ‘

’تو وٽ سنجهان ڪيل زيادتين جي معافي وٺڻ آيو هوس. ‘

’تنهنجي نالي تي مليل هر ذلت، مون کي هاڻ اعزاز محسوس ٿيڻ لڳي آهي. ‘

’اڇڪلهہ، تنهنجي پٺيان ميراثي بہ چريو لڳو پيو آهي؟ ايترو هينڊسم، ايترو فٽ، ايڏو قدآور، ڊانسر، بهترين سائيڪلسٽ ۽ ٻيو بہ الائجي ڇا ڇا.....؟ ‘

’مون کي ٻارن پالڻ جو شوق ڪونهي.‘

’ميراڻي توکي ٻار ٿو لڳي.......؟‘

’جنهن ماڻهوءَ ۾ ’آءِ لو يو‘ چوڻ جيتري ’ڪريج‘ بہ نہ هجي. تنهن سان ڀلا رومانس ڪهڙو؟‘

’ءِ نارد مُني........؟‘

’تنهنجي ان دوست جي ڏاڍي عزت ڪندي هئس. پر مون کي محسوس پيو ٿئي هن سڄي فساد جي جڙ اهو شخص آهي.‘

’ڪيئنءَ__؟‘

’جڏهن ڪراچي پئي ويس تہ ان شخص مون کان پڇيو هو. اهو بہ نہ واپس ڪڏهن ايندس.....؟ راحت حسين وٽ سڄو چڪر سندس ئي هلايل هو. تون ان شخص کان هوشيار رهجانءِ.‘

’اهو سڀ، هن جو تو سان پيار جو رد عمل آهي.‘

’ماءِ فوٽ.‘

’۽ هن جا پريزنٽز_ _؟‘

’مون نہ ورتا هئامانس، ناهيد کي ڏئي ويو هو.‘

’ناهيد؟‘

’ها ئي بليڪي........؟‘

’انگلش واري..........؟‘

’ها.‘

’جنهن جا روز نوان ’ريومرس‘ فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊورز ۾ ڊوڙندا وتندا ها........؟‘

’جناب.‘

’اڇ ڪلهہ ڪنهن سان آهي؟‘

’ڪوئي پنهور ڇوڪرو آهي. هڪ وڏي آرڪيٽيڪٽ جو پٽ آهي. ڇوڪرو ڪائنس سال ننڍو آهي.‘

’اهو ئي، جيڪو ايتري ننڍي عمر ۾ هيروئن جو استعمال ڪندو آهي. ۽ پنهنجي عمر کان وڏو نظر ايندو آهي.....؟‘

’تون ڪيئن سڃاڻينس.......؟‘

’هن جو پيءُ آرڪيٽيڪٽ ڪان وڌيڪ، انٽليڪچوئل ۽ انگريزيءَ جي اسڪالر جي حيثيت ۾ مشهور آهي.‘

’اڇا۔؟‘

’هن سان گهڻا ڏينهن رهندي؟‘

’شاديءَ جو پروگرام اٿن. ڇوڪرو عمر ۾ ننڍي هئڻ سبب ڪانئس ’ڊپريس‘ رهندو. ۽ وڏي ڳالهہ اها تہ ڇوڪري وٽ اهو سڀ ڪجهہ آهي جنهن جي ناهيد کي ڳولها هئي.‘

’توکي بہ تہ اهڙي ئي امير جي ڳولها آهي نہ؟‘

’اهڙا ماڻهو رڳو شادي ڪرڻ لاءِ بهتر ثابت ٿيندا آهن.‘

’۽ رومانس۔۔؟‘

’تو جهڙن سان ڪري، مڪمل لطف وٺي سگهجي ٿو. تو جهڙا جيڪي زندگيءَ، موت، ڏک سک کان سواءِ، سيڪس ۽ محبت کان پوءِ ايندڙ تباهڪارين بابت بہ ڪڏهن سامهون واري کي ڏسي، ڪڏهن پولارن ۾ گهوري، لفظن جا خواب ناڪ ڪنول تارين ۽ ڪڏهن لفظن جا پاري پٿر، هوائن جي سمنڊ ۾ ٻوڙڻ چاهيندا آهن.‘

’لفظن جا ’لينڊ اسڪيپ‘ تہ تون بہ سٺا ٺاهي ڄاڻين ٿي؟‘

’تو سان ملي، ڳالهائڻ جي سگهہ وڌي ويندي آهي.‘

’مان هلان ٿو.‘

’ۓ ڪراچي__؟‘

’ساري.‘

’ڇا واقعي ايڏي نيچ آهيان؟‘

’ڪير تو چئي..........؟‘

’هوندءَ سنجها ڇوندي هئي، اڄ تنهنجو رويو ٿو چئي؟‘

’آخر، اهو سڀ ڇو ٿي ڪرڻ چاهين......؟‘

’تنهنجي ناءُ تي مليل گاربون مون کي ايترو ’رائيٽ‘ تہ ڏين ٿيون تہ مان تو کي هڪ پيرو پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪنهن بہ طرف وٺي وڃڻ جو پورو حق رکان ٿي. هونئن بہ ماڻهو هاڻ مون کي تنهنجي نالي سان، گهٽو نہ تہ ٿورو ئي سهي، سڃاڻڻ لڳا آهن.‘

صوفيا تان اٿي ڪابي پاسي ٻڌيل ڪٻٽ جي شيشي جا تاڪ کولي، ڪتاب ڏسڻ لڳو هوس.

’ٻڌ، توکي راجندر، قرت العين، منٽو ۽ پريم چند وڻندا آهن نہ. مان هنن سڀين کي الڳ ڪري رکيو آهي. جيڪڏهن ڪٺي وجڻ چاهين تہ پل ڪٺي وچ.‘

’پر هي ڪتاب تي تنهنجي مميءَ جا يادگار آهن؟ جيڪي توکي تنهنجي ممي جيترائي پيارا آهن؟‘

’الائجي ڇو—تون بہ مون کي مميءَ جيترو ئي پيارو ٿيندو پيو وڃين.‘

’تنهنجو ڳالهيون ذهين ٻارن جيتريون سندر ۽ پياريون آهن.‘

’ٿينڪ يو.‘

صبا پٻن تي ٻيهي، هٿ ڦهلائي، ڪٻٽ جي مٿئين حصي ۾ الڳ ڪري رکيل ڪتابن جو سيٽ ڪڍي، مون ڏانهن وڌايو هو.

’ٻڌ، تنهنجي ممي سهڻي آهي؟‘

’هڪدم گريس فل.‘

’منهنجي ننڍڙي لاکون خواهش رهي آهي تہ ڪنهن وڏي عمر جي گريس فل ليڊيءَ

سان رومانس ڪريان.‘

’ڇا مطلب_؟‘

’مطلب؟ مطلب تہ تنهنجي ممي مون سان رومانس ڪندي؟‘

’بڪواس نہ ڪر. پڇ هتان.‘ صبا پنهنجي ڇهري پٺيان پرجي آيل ڪل ڪي روڪيندي ڇيو هو.

’مان سنجيدهہ آهيان؟‘

’مان توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿي، توکي ڪنهن سان بہ رومانس ڪونهي، سواءِ هن جي.‘

’ها ائين تہ آهي.‘

’اهو سڀ پنهنجي جاءِ تي هميشہ قائم رهي. پر اهو بہ ياد رکجانءِ تہ ’سيٽرڊي‘ تي ٻارنهن وڳي مان تنهنجو ڪيفي جارج وٽ انتظار ڪنديس. ۽ مون ڪي سُڌ آهي تہ تون ايترو بہ مئل ذهن ناهين جو انسان جذبن جو احترام نہ ڪرين؟‘

’اِهو اُن ڏينهن جي، انهن لمحن تي ڇڏي ٿا ڏيو؟‘

’اچي وئي منهنجي ريشمي گڏي.‘

امڙ جو آواز صبح سان ڪن پيو هئم. رلي هٿائڻ بنائي سمجهي ويو هوس تہ، تون اچي وئي آهين. مو اندازو لڳايو هو تہ، تو هاڻ امان کي پاڪر پاتو آهي. هاڻ چشمو لاهي، ڪلهن تي پيل ڪاري تر سان هلڪن گول گلن واري چادر لاهي ويڙهي آهي. ۽ ناسي لفافي مان، ڪارو روئو ڪڍي چادر لفافي ۾ وجهي ڇڏي اٿئي. ۽ هاڻ، تون منهنجي ويهاڻي جي هيٺيان پيل سيف جي چاٻي ڪڍنديئن.... هڪ ڪن ڪان پوءِ، تنهنجي هٿ جو گسڪو ويهاڻي جي هيٺان ٻڌو هئم پوءِ سيف کلڻ ۽ بند ٿيڻ جو ٺڙڪو بہ. منهنجي ويهاڻي جي هيٺيان تنهنجي هٿ جو گسڪو ٻيهر ٿيو هو. تو چاٻي واپس رکي ڇڏي هئي.

اهو سڀ نہ ڏسندي بہ سمجهي ويو هوس تہ. تنهنجو ڇهرواداسي ۽ گنڀيرتا جي ڪوهيڙي ۾ وڪوڙيل آهي. ڇو تہ هن ڪان اڳ بہ گهر ۾ پير پائيندي هئينءَ، تہ سڀ ڪان پهرين تنهنجي ڇٽڪٽين آواز سان ڇيل ٻول: ’اسلام عليڪم‘ ۽ پوءِ تنهنجا شرارت ۾ ٻڏل ٺهڪ گهر جي هر ونگ ۾ پينگهہ ٻڌي لڏڻ لڳندا هئا ۽ پوءِ وراندي يا ڪمري ۾ ويٺل يا ستل، مهنجي وڏي ياءُ تي جرح ’هن تيليءَ کي ڏسو...... اڃا تائين ستو پيو آهي؟ اڙي اُٿ خدا جا ٻندا ڪجهہ گهم ڦر. ڪاءُ پيءُ تہ ٿلهو ٿيءُ.... ياڃائي، مڙ سنهين کي ڪجهہ ڪاراءِ پيار تہ ڏسڻ ۾ اچي....؟‘ ’اڙي تون وري ڪاڏي ٿي ڊوڙندي وتين ڪونج؟‘ منهنجي ننڍڙي ڀائٽيءَ کي ٻانهن ۾ جڪڙي چوندي هئينءَ، ’هان!!؟ هيڏا وڏا ننهن؟ گندي، هنن هٿن سان کائيندي آهين.؟ آئوچ_ هاڻي تنهنجن ۽ ڇاچنهين جي ننهن ڪتڻ جو ذمو بہ مون ڪنيو آهي؟‘ ۽ منهنجي ذڪر سان گڏ ڇڻ استين گن جي پوائنٽ مون انهن ٿي ويندي هئي. ’هن نواب صاحب کي ڏسو.... اڃا تائين ستو پيو آهي.‘ ٻئي ڪن ۾ منهنجي مٿان پيل رليءَ کي پوري سگهہ سان سٽ ڏيندي هئينءَ. جنهن جي مون کي اڳ ۾ سڌ هوندي هئي. تنهنجي ڪري، مان رليءَ

ڪي اندران ئي ٻنهين هٿن سان مضبوط پڪڙي وٺندو هوس. 'آئون چوانءَ ٿي ڇڏ.' ۽ منهنجا هٿ رليءَ ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي ويندا ها. 'نہ ٿو ڇڏين....؟ چڱو بيهہ.' ڪجهہ ڪنن ڪان پوءِ، تون سٽ سان منهنجي مٿان رکي لاهي ڇڏيندي هئينءَ. هٿ ۾ پريل گلاس ٿورو پاسيرو ڪندي چوندي هئينءَ: 'اڙين ٿو يا.... هاريانءِ؟' ۽ آئون ٿهڪن ۾ پئجي ويندو هوس، تنهنجو ڇڙڪڻو ڏمڪي ڀڏل آواز ٻڌي گول ڪليل نيڻ ڏسي.

'اڙ.... ڪليل ڇو پيو....؟ مان ڪو لطيفيو ٻڌايو اٿمانءِ!'

اٿندي، وڌيڪ ٿهڪن ۾ پئجي ويندو هوس. مون کي تنهنجي ڪيل رعب تي ڏاڍي کل ايندي هئي ۽ مان تومٿان ڪوڙو رعب ڪڍهن بہ ڪجهہ سيڪنڊن ڪان وڌيڪ ڪري نہ سگهندو هوس، خبر نہ اٿم ڇو..... تڏهن بہ مون کي ڏاڍي کل ايندي هئي. ۽ مان ٿهڪن ۾ پئجي ويندو هوس.

'ڇو چپ آهين......؟ پنهونءَ ڪجهہ چيو اٿئي.....؟' ادي وڏيءَ جو آواز ڪن ٻريو هئم. مٿل آواز ۾ چيو هيئي:

'نہ، بس ائين ئي.'

'ها ها، چيو هوندس پنهونءَ ڪجهہ.' امان جو آواز ٻريو هو. 'ڇورا. سنجها سان ڇو وڙهيو آهين.....؟' امان منهنجي منهن تان رلي هٽائي ڇڏي هئي.

'ڇڏينس آئي، هن کي سمهڻ ڏي. هن کي مون کان وڌيڪ ملي وئي آهي.' چوندي تہ منهنجي مٿان نظرون ڪپائي ڇڏيون هيون.

'ڪير آهي__؟ مون کي ٻڌا، چنڊا تہ پتي اچانس، گهر وڃي. 'امان تو کي ڳراٽڙي پائي

عجيب لهجي ۾ چيو هو. ’تو کان وڏيڪ بہ ڪا ٿي سگهي ٿي؟‘ تون امان جي هنج مان مون ڏانهن فاتحاڻي انداز ۾ نهارڻ لڳي هئينءَ. امان ۽ ادي وڏي توکي ڪيڏو چاهيندي هيون؟ مون کان بہ وڌيڪ. هنن ذهني طور توکي پنهنجو ڪري ورتو هو. تونئي تہ امان ۽ ادي وڏيءَ کي پنهنجائپ جو شديد احساس ڏياريو هو. ۽ هنن توکي پنهنجي ملڪيت سمجهي ورتو هو. ڪيڏيون ساديون هونديون آهن اسان جون مائر ۽ ڀينرون؟ ۽ مان پنهنجي لاءِ وٺي آيل هر شيءِ تنهنجي نالي سان منسوب ڪري ڇڏيندو هوس.

’امان، هي سلوار قميص ڏس؟‘

’ڏاڍي سٺي آهي. گهڻي ورتي اٿئي؟‘

’ان ڏينهن ڪراچي ويا هئاسون نہ، سنجها وٺي ڏني هئي، ’گليمرون‘ تان.‘

’نياڻي کي وٺي ڏين سو تہ گهوريون، اجا بہ خرچ تو ڪرائينس_؟ ماڻهوءَ کي ڪو حياءُ ٿيندو آهي.‘

هري شئي وٺي آڻي ڏيندي هئينءَ. ڪڏهن شيونگ ڪريم، ڪڏهن رومال، ڪڏهن جوراب، ان ڪري بہ تہ تنهنجي اوڊر هڪ وڏي جنرل اسٽور تي هلندي هئي. پر جڏهن بہ مون وٽ پئسا ايندا هئا. تون حساب ڪولي ويهي رهندي هئينءَ. مون کي تنهنجي اها ڳالهہ وڻندي هئي. انهن ڳالهين ڪري ئي تون مون کي ڪڏهن اجنبي نہ لڳي هئينءَ ڪيڏو ’بولڊ‘، ’ريئلسٽڪ‘ چو نہ هجان... پر سنڌي هجڻ جي ناتي آئيڊيل ازم ڪنهن ڀار جيان منهنجي قميص جو دامن جهليو آيو آهي. اهو منهجو آئيڊيل ازم ئي

هو جو محبتن ۾ توکي سدائين ڏيڻ چاهيو هئم.

هونءَ بہ مون تو کان ڪڏهن ونڻ نہ چاهيو هو. (سواءِ پيار ۽ ڏکن جي) سڏ هئم تنهنجون گهرجون منهنجن گهرجن کان ڳريون هيون. تڏهن ئي تہ تن سؤن جي خصيص رقم لاءِ يونيورسٽيءَ مان سڌو ريڊيو هلي ويندي هئينءَ. ۽ انهن مليل تن سؤن مان، ڏيڍ سؤ رڪشائن جي حوالي ٿي ويندا هيئي. گهر ۾ ڊسترپ هئڻ ڪري بہ شايد تون گهر کان گهڻو پري رهڻ چاهيندي هئينءَ. توکي پنهنجي ماءُ سان اڪثر اها شڪايت رهندي هئي تہ هن کي رڳو پنهنجا پٽ پيارا آهن. تنهن ڪري هوءَ پنهنجي هر ڪاوڙ تو مٿان هاري ڇڏيندي آهي.

تنهنجي بابا جي وفات کان پوءِ، توهان جو گهر مسئلن جي چانوٽي پئجي پيو هو. سڀ کان پهرين توهان پنهنجي پريس وڪٽي ڇڏي هئي. پوءِ تنهنجين ڪرائين مان سونيون چوڙيون غائب ٿي ويون هيون. هڪ ڏينهن روئٽهارڪي لهجي ۾ چيو هيئي: ’بابا سائينءَ پنهنجي حياتيءَ ۾، منهنجي ٿيڻ واري گهوٽ لاءِ جيڪا ٻن تولن جي سوني منڊي ۽ راڊو واچ وٺي رکي هئي، ڪالهہ منهنجو ڀاءُ وڪڻي آيو. سچ پنهون، ڪالهہ ان ڳالهہ تي مون اڏاڍو احتجاج ڪيو هو. يار_ اسان ڏاڍا ’ڪرائيسس‘ ۾ ڦاسي ويا آهيون. جنهن مسواڙ جي گهر ۾ سالن کان رهندا پيا اچون، تنهنجو مالڪ هاڻ گهر جي ان حصي کي پنجاهہ هزار ۾ وڪڻڻ ٿو چاهي. مجبورن اهو اسان کي وٺڻو پوندو. پنهون، مون کي بابا سائين جي تو لاءِ ورتل واچ ۽ منڊيءَ جي وڪامجي وڃڻ جو بي انتها افسوس آهي.‘ ۽ مون کي راڊو واچ، منڊيءَ جو هلڪو بہ ڏک نہ ٿيو هو. مون تہ هميشہ تنهنجن چپن تي مرڪ پوپٽ، نيڻن ۾ سک جا ڪرڻا ۽ هٿن ۾ خوشيءَ جا گل ڏسڻ چاهيان هئا. پر تون منهنجين ڏنل سچاين کي دوکو، ۽ ٻين جي دوکن کي ازلي سچائي سمجهي، منهنجي ڏنل مرڪ تي پوپٽن کي پنهنجن چپن جي ڪنڊن تان اڏاري

چڙيو هو ۽ گذري ويل ٽن سالن ۾ جنهن سچائيءَ سان تنهنجي نيڻن ۾ سک جا ڪرڻا پويا هئا، تن کي تو روئي روئي ٺاري رک بڻائي ڇڏيو هو. ۽ منهنجن ڏنل خوشيءَ جي سمورن گلن کي تو هوائن ۾ اڏاري ڇڏيو هو.

هنڌ ڇڏي، وهنجي، تيار ٿي توسان گڏ هلڻ لڳو هوس. ’اهو سڄو ڏينهن فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾، رستن مٿان گڏ هوندي به، تنها تنها ۽ ويجهو هوندي به دور دور گهمندا رهيا هئاسين. اهڙن موقعن تي ماٺ رهندو هوس يا پنهنجي منهن ڳائڻ لڳندو هوس. ها، اداسيءَ ۾ پنهنجي منهن ڳائڻ منهنجي عادت ۾ شامل آهي. الائجي گهڻن ڪلاڪن جي ماٺ ڪان پوءِ، تو منهنجي ڪک ۾ چهنڊڙي پاتي هئي.

’پٽ، مان جيڪڏهن مري وڃان، تو کي ڏک ٿيندو.....؟‘ اهڙن موقعن تي توکي چاهيندي به ڏسي نه سگهندو هوس. بنا ڏسڻ جي چيو هئم:

’تنهنجي مري وڃڻ کانپوءِ، ڪائنات مون لاءِ پنهنجو سمورو موهه وڃائي ويهندي، اهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن هوندو؟‘

’تو کي مون سان ڪيترو پيار آهي......؟‘

’تون منهنجي آڪسيجن آهين.‘

’۽ صبا .........؟‘

’توکي نارد مُنيءَ ٿي ٻڌايو آهي نه، ته آئون صبا سان ڪراچي ويو هوس.......؟‘

ماٺ ٻڌجي وئي هئينءَ.

’تون ڪي مون سان محبت آهي نہ سنجھا؟‘

تومون ڏانهن ڏسي هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ڇڏيو هو.

’پوءَ تون مون تي يقين ڇو نہ ٿي ڪرين!‘

’ڪريان ٿي.‘

’پوءِ هي نارد مُني.... هي راحت حسين. اهو سڀ ڇا هو....؟‘

’واعدو ڪر، نارد مُنيءَ کي نہ ٻڌائيندين؟‘

’نہ‘

’تنهنجي ۽ صبا جي ڪراچيءَ وڃڻ جو ۽ گڏ موٽڻ جو اطلاع نارد مُنيءَ ئي ڏنو هو. پر يار مان حيران آهيان.... توهان ٻئي هڪ ئي ڏينهن ڪيئن هليا ويا هئا؟ ۽ واپس بہ‘

’نارد مُنيءَ ان ڏينهن مون کي صبا سان گڏ ڏٺو هو؟‘

’نہ جهنم ۾ هٽين. آئينده نہ مان راحت حسين وٽ ويندس، نہ نارد مُنيءَ سان

ڳالهائيندس. هو سڀ اسان ٻنهين کي الڳ ڪري ڇڏيندا؟‘

’توکي سڌ آهي تہ نارد مُني صبا سان رومانس ٿو ڪري. پر جيڪڏهن صبا ڪيس لفٽ نہ ٿي ڏي تہ مان ڇا ٿو ڪري سگهان....؟‘

’ڇڏينس، جهنم ۾ هٽينس. پنهنجو ڇا؟‘ تو پنهنجي ٻانهن منهنجي چيلهہ ۾ ورائيندي منهنجي ڇهري ۾ ڏسندي چيو هو:

’ڏس نہ......؟‘ ڏٺو هئم تو ڏانهن خالي نهار سان.

’ناراض آهين.........؟‘

’نہ‘ لهجي ۾ زوري آندل خاليپڻو.

’ياڪي پاڻ؟‘

۽ لڪائڻ چاهيندي بہ مرڪ منهنجي چپن تي سرڪي آئي هئي. پهاڙين تان لهندي توکي ٻانهن ۾ ڪٽي ورتو هئم. تون رڙيون ڪندي رهجي وئي هئينءَ. مان پهاڙيءَ جي اڌ گهڙيل لاهيءَ تان ڊوڙندو هليو ويو هوس.

ڇنڇر تي تقريبن هڪ وڳي، ڪيفي جارج وٽان لنگهيو هوس. صبا، ميڊيڪل اسٽور واري گهٽيءَ مان نڪري آئي هئي. چاهيندي بہ لنوائي نہ سگهيو هوس. ڇڻ اڳيان ديوار اچي وئي هئي. صبا، ٻارن جهڙي مرڪ سان مون ڏانهن وڌي آئي هئي. هڪدم

چوڻ لڳي:

’مون کي يقين هو، تون ضرور ايندين.‘

’توکي تہ ٻارنهين تائين هليو وڃڻو هو.‘

’منهنجي واچ ۾ اوسين ٻارنهن نہ وڄن ها، جيسين تون نہ اچين ها.‘

’پر مان توکي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان تہ توسان هلي نہ سگهندس....‘

’ڇو_؟!‘

’مجبوري آهي.‘

’اهڙي ڪهڙي مجبوري اٿئي........؟‘

’ڪنهن ٻئي پيري هلنداسون......؟‘

صبا جي چهري تي ڪجهہ دير اڳ جيڪي خوشيءَ جا چنڊ چڙهي آيا هئا، الهي ويا هئا. ۽ سندس چهرو رات جو پوين پهر تي پيو هو. اڌ اجهاٽل نيٽن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي هئي. ٻهِ ڪوماٽيل چپن ۽ ڍرڪيل ڪنڌ سان بغل ۾ پرس هٽي، پير تي پير رکي وڃڻ لڳي هئي. سندس ريشمي وار هوا جي جهوٽن تي لونڊڙين پنيان جهاتيون پائي مون کي ڏسڻ لڳا هئا. صبا ڪجهہ وکن جي فاصلي تي بٽيل، ڪراچيءَ جي بس اسٽاپ

تي بيهي مون ڏانهن نهارڻ بنا، ننهن تا پالش لاهڻ لڳي هئي.

ڪراچيءَ جي بس، اسان ٻنهين جي وچ ۾ اچي، ڪجهہ گهڙيون بيهي هلي وئي هئي. ڏٺو هئم، صبا مسلسل ننهن تان پالش لاهي رهي هئي. ڏانهس وڌي ويو هئم صبا ڪنڌ ڇهري ۾ پريل نيٽن سان مون ڏانهن نهاريو هو. چيو هئم:

’او-ڪي. پر منهنجي ڪيسي ۾ رابيل جي گلن کان سواءِ ڪجهہ ڪونهي.‘

صبا هٿ وڌائي منهنجي ڪيسي مان سمورا گل ڪڍي پنهنجي پرس ۾ وجهي ڇڏيا ها. ۽ پرس مان چار سؤ ڪڍي منهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيا ها. (اها منهنجي پهرين بي ايماني هئي توسان.) چو تہ اهي پهرين ڳالهہ هئي جيڪا گذريل ٽن سالن کان توکي نہ ٻڌائي هئم، ۽ نہ ٻڌائي سگهو ڪيو هئم. چو تہ توسان رهي مون کي شدت سان احساس ٿيو هو، زال يا زال جهڙي محبوبا سان هر وقت سچ ڳالهائڻ بيحد هاڃيڪار ثابت ٿيندو آهي. صبا مون کي پنهنجي ڪزن سان ملايو هو، جو ڪيس ڏاڍو چاهيندو هو. بيشڪ هن جو مهانڊو ۽ هڏ ڪاٺ نارد مُنيءَ جهڙو هو، سواءِ معمولي فرق جي. هو بيحد آرٽسٽڪ نيچر، پر پائڻ جي معاملي ۾ رف لڳو هئم. رئڪ ۾ رکيل ڪتابن ۾ بائيبل کان اداس ڪيپٽال ۽ ڪامو؛ هر من هيس ۽ ڪافڪا کان وٺي ميڪسم گورڪيءَ تائين ڪتاب پنهنجي خيالن ۾ گم هئا. ذهن ۾ صبا جا جملا رڙهي آيا هئا: ’پپا چوندو آهي، اهڙي سست ۽ ڪاهل ڇوڪري سان تنهنجي شادي ڪرائي توکي جهنم ۾ اڇلڻ جي برابر آهي.‘ تہ هي ان سست ڪاهل نوجوان جو ڪمرو هو. مون سوچيو هو. هن ڪٽل جينز جي ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي مون ڏانهن وڌايا هئا. مون کان اڳ صبا سگريٽ کڻي ورتو هو. پهرين هن منهنجو پوءِ صبا جو آخر ۾ پنهنجو سگريٽ جلايو هو. ۽ سوٽو هڻي چيو هئائين:

’توهان وٽ زندگيءَ لاءِ ڪهڙو ’ڪانسيپٽ‘ آهي؟‘

’زندگيءَ کي پنهنجي ڪابہ معنيٰ ڪونهي.‘

’پر ان جملي کي تہ پنهنجي معنيٰ آهي؟‘

’ها، ساڳيءَ طرح جيئڻ لاءِ بہ اسان کي ٻي معنيٰ زندگيءَ کي ڪانہ ڪا معنيٰ ڏيڻي پوندي آهي. اهڙيءَ طرح زندگيءَ کي پنهنجي پاران ڏنل ڪا معنيٰ، ماڻهوءَ جو ڪائنات ۾ موهہ پيدا ڪري وٺندي آهي. ۽ ماڻهو ڪائنات جي رفرنس سان زندگيءَ کي پيار ڪرڻ لڳندو آهي.

’ڇا اڪيلو رهي جي نہ ٿو سگهجي....؟‘

’ٿي سگهجي ٿو۔ پنهنجي ذات جي ڄاڻپ لاءِ رشتن جو سهارو وٺڻو ئي پوندو. پر اهو هٿراڌو ئي ڇو نہ هجي.‘

’معنيٰ تہ رشتا ماڻهوءَ جي پنهنجي ذات جي ڄاڻپ لاءِ ضروري آهن......؟‘

’بلڪل۔ زلزلي ۾ سڀئي رشتا، سسي سوڙها ٿي، پنهنجي اندر گم ٿي ويندا آهن. ۽ جي رهجي بہ ويندو آهي تہ رڳو انٽريسٽ.‘

’انٽريسٽ.........؟‘

’ان زلزلي ۾ ماءَ جو پار لاءِ رڙڻ، ڪنهن نوجوان جو پنهنجي محبوبا ڪي چرين وانگيان سڏڻ، يا ڪنهن ڪنجوس دولتمند جو دولت لاءِ پاڳل بڻجي وڃڻ؛ اصل ۾ اهو سڀ ان ڳوليندڙ ماڻهوءَ جو ان گم ٿي ويل شئي ۾ انٽريسٽ جو ڪارڻ آهي. توهان ڪنهن بہ شئي جي وٽڻ، پيار ڪرڻ، پائڻ ۽ وڃائڻ ڪي ذات جي دائري مان ٻاهر ڪڍي نہ ٿا سگهو.‘

’۽ چوائس؟‘

’جنهن ڇوڪريءَ ڪي اڄ مان شديد چاهيان ٿو، ضروري ناهي تہ شاديءَ ڪان پوءِ ڪيس ايڏو شديد چاهيان.‘

’مون نہ سمجهيو........؟‘

’ماڻهوءَ جي وڏي ٽريجڊي اها آهي پيارا، جنهن شئي ڪي هو حاصل ڪري وٺندو آهي، تنهن مان موهہ وڃائي ويهندو آهي. منهنجي ننڍڙي ڀائٽيءَ جو موهہ رانديڪن ۾ اوسين هوندو آهي جيسين اهي دڪان جو شوڪيس ۾ هوندا آهن. حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ اهي يا تہ گهر جي ڪنڊ ۾ پيا هوندا آهن، يا پنهنجون ٽنگون ٻانهون وڃائي ويهندا آهن.‘

’توهان جو ڳالهيون مايوس ڪندڙ آهن.‘ ۽ مان ٺهڪ ڏئي ڪلي پيو هوس. صبا نيٽن جي هلڪي دڏڪي سان پڇيو هوس:

’ڪيئن، اهي نہ آونچي شئي..........؟‘

’اسان جي وڏي ٽريجڊي اها آهي، تہ اسان ’اينالائسنس‘ ڪرڻ جي سگهہ رکون ٿا. ۽ جڏهن شعور جي هٿ سان ڪائنات جي حقيقتن تان پردو کڄندو آهي، تہ ماڻهو اڪيلو ٿي پوندو آهي.‘ مون آخر ۾ چيو هو.

شام جو مان ۽ صبا هرويرو ايلفيءَ ۽ بوهري بازار ۾ رلندا رهيا هئاسون. شام جي سرمائي ڏنڌ ۾ سائين بورڊ چمڙن جيان جاڳي پيا هئا. روڊن تي ڪارن جي پيهہ وڌي ويئي هئي. آسمان تي ڪٽان ڪٽان سنبل جي انبڙيءَ مان ڦٽي نڪتل ميرانجهڙي ۾ نرم ڪپهہ جهڙا ڪڪر تري رهيا هئا. ۽ گهميل هوا ۾، اڳيان پويان، ساڄي کابي، خوبصورت نيڻ، نرم گرم چپ، شفاف ڪرايون ۽ خوشبوءَ ۾ ٻڏل ٺمڪڙن جي وڏ ڦڙي ۾ پڇندي بہ، توسان گڏ يونيورسٽيءَ جي سانتيڪن روڊن مٿان هٿ ۾ هٿ ڏئي، وک وک هلندو رهيو هوس.

رات جو صبا پنهنجي مميءَ جي گهر هلي وئي هئي. ۽ آئون گهرن نيٽن واري ڪهاڻيڪار دوست وٽ هليو ويو هوس. هن پنهنجي گنڀير آواز ۾ مرڪندي چيو هو:

’اڄ ڪهڙي پار جي هوا گهلي آهي، جنهن توکي هتڙي پڄايو آهي.......؟‘

’ماني ڪاڌي ٿئي........؟‘

’نہ‘

’مان ٺاهي ڪارايانءِ، يا هيٺ هلون؟‘

’هيٺ ٿا هلون.‘

فلئٽ جون ڏاڪٽيون لهندي پڇيو هئائين:

’پاڃائي سنجها ڪي نہ وٺي آيو آن ڇا......؟‘

(منهنجا اڪثر دوست توکي پاڃائي ڪري سڏيندا هئا. سنجها، هي منهنجو اهو دوست هو، جنهن پاڻ کي ڪڪڙ جو پلاءُ رڌي کارايو هو. پلاءُ کائي حيران ٿي وئي هئينءَ. تہ ڪو مرد اهو بہ کهاٽيڪار، ايڏو سٺو رڌ پچاءُ ڪري سگهي ٿو.....؟ منهنجا دوست جن سان تون ڪڏهن بري هلي هئينءَ، تن وٽ جڏهن بہ ويا هئاسون تہ هنن پنهنجا نيڻ اسان جن پيرن ۾ دورمئٽ جيان وڇائي ڇڏيا هئا.) چيو هومانس:

’سنجها ڪي تہ نہ۔ پر صبا سان گڏجي آيو آهيان.‘

’صبا...........؟‘

’سنجها جي ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهندي آهي.‘

’سنڌياڻي آهي؟‘

’نہ، مهاجر.‘

’سنجها کي ڇڏي ڏنئي چا_؟‘

’تون سمجهي سگهين ٿو.......؟‘

’نہ، پر تو ڳالهہ ئي اهڙي ٻڌائي.........؟‘

منهنجو هي ڪهاڻيڪار دوست، آگرين تي ڳڻڻ ڪان مٿي جيترا رومانس ڪري چڪو هو. ڏهن سالن کان ڪراچيءَ ۾ رهندي بہ مون کي دادو ڪئنال جي ڪپ تي لڳا سنجهيءَ جي وڻ جهڙو لڳندو آهي. جنهن جي ٿڌي ڇانوءَ ۾ ڪو واٽهڙو ڪنڌ هينان پٽڪو ڏئي، ڪي گهڙيون آرام ڪري سگهي. يا جنهن هينان ڳوٺ جا ٻار پنهنجا ڪپڙا، ڊاڪون ۽ چونئريون رکي پير ۾ وهندڙ ڪئنال ۾ ٽپ ڏئي، تڙڳي تڙڳي، ٿڪي ٿڪي اچي ساهي پٽن، عورت، منهنجي دوست جي جيئڻ جو سبب هئي. چوندو آهي: مون کي حيرت ٿيندي آهي.... جڏهن ماڻهو چوندا آهن، محبت رڳو هڪ وار ٿيندي آهي. ڪيس دوستن جي رومانسز ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق رهندو آهي. منهنجو هو ڪهاڻيڪار دوست پاڻ کي پوڙهو سمجهندو آهي ۽ مون کي هميشہ شادي ڪري ڇڏڻ جي تلقين ڪندو رهندو آهي. جڏهن تہ چمار ۾ مون ڪان وڏو هوندي بہ ننڍو لڳندو آهي. ۽ اٽيرٽيل بہ.

صبح جو صبا ڪريم آباد جي پل وٽ منهنجو انتظار ڪري رهي هئي. رڪشا مان لٿو هئس تہ ٿڌو شوڪارو ڀري چيو هئائين:

’ايتري دير.......؟‘

’ٿي وئي.‘

’منهنجي دل ۾ وسوسا پيدا ٿي پيا هئا.‘

’ڇو......؟‘ اسان ٽريفڪ هٽڻ ڪري، ڏاڍيان ڳالهائيندا هلڻ لڳا هئاسي.

’مون سمجهيو، تون واپس هليو وئين..........؟‘

’ٻه ڪو ٻه ڪو هوندو آهي صبا. پوءِ اهو ننڍو هجي يا وڏو. پر ان جو اهو مطلب نہ ونجـانءِ تہ مان توسان رومانس ٿو ڪريان...... توکي شايد سُڌ نہ آهي، تہ مان پنهنجي دل سنجها جي پرس ۾ وساري آيو آهيان.‘ صبا پرس کولي منهنجي آڏو ڪندي چيو هو:

’هي ڏس، تنهنجن رابيل جي گلن جي مهڪ سان منهنجو سڄو پـرس ڀريـل آهـي. رات مان هن پرس کي پنهنجي ويهاڻي جي ڀر ۾ کولي سمهي پئي هيـس. ۽ الائجـي ڪيـترن مهينن کان پوءِ بنا سليپنگ پلز جي گهري ننڊ ستي هيس.‘

’توهان سليپنگ پلز کان سواءِ ننڊ نٿيون ڪري سگهو؟‘ منهنجـو آواز ڀرسـان لنگهـي ويندڙ تيز رفتار بس جي هارن ۾ دٻجي ويو هو.

’ڇا.......؟‘

’سليپنگ پلز کائڻ کان سواءِ بہ تہ ننڊ ڪري سگهجي ٿي؟‘

’گورين ڪائڻ سان يادن جي ٽريفڪ جو عذاب پهچائيندڙ گوڙ ذهن ڪان ڪوهين ميل پري هليو ويندو آهي.‘

’بڪواس ٿي ڪرين؟‘

’ڪائي ڏس تہ خبر پئجي ويندئي.‘

’ڪاڏي هلون؟‘

’جيڏانهن تون چاهيندين؟‘

’حيدرآباد هلون؟‘

’ڇو؟‘

’هيڏي ٽريفڪ ۾ اچي، مون کي پنهنجي حيثيت ٻڙي محسوس ٿيندي آهي؟‘

توئي ڇيو هو.......؟‘

’ڇا_؟‘

’تہ ٻڙي اهو انگ آهي، جيڪو جنهن بہ انگ جي اڳيان لڳي تہ ان جو تعداد وڌي ويندو

آهي؟‘

ٺڪ نڪري ويو هئم ’ڏاڍي سوئر آهين.‘ مرڪي پئي هئي ۽ سندس مرڪ روڊ تان خالي ويندڙ ٽيڪسيءَ کي سڏڻ ۾ گم ٿي وئي هئي. ٽيڪسي زوردار بريڪن سان فوٽ پاٿ وٽ اچي ڄمي وئي هئي. ويهندي چيو هئائين: ’ڪلفٽن.‘ ٽيڪسي لالو کيت ڏانهن ڊوڙڻ لڳي هئي. چيو هئم: ’صبا لطيفو ٻڌندين؟‘ ’ٻڌاءَ‘. هن هڪ نظر مون تي وجهي دريءَ کان ٻاهر ڏسندي چيو هو. مان بال پين شرٽ مان ڪڍي، ڪولي سندس ويڪري ڳلي مان جهاتيون پائيندڙ ڇاتين مٿان ليڪ پائي ڇڏي هئي. هن ڇرڪ ڀري ڊرائيور ڏانهن ڏٺو هو، جيڪو پنهنجن خيالن ۾ گم هو. ٺهڪن ۾ پئجي ويو هوس.

’سمنڊ کي ڏسي توکي ڇا محسوس ٿيندو آهي؟‘

سمنڊ جي ڇولين کي ڏسندي، پيرن مان سينڊل لاهي هٿن ۾ ڪٽندي پڇيو هئائين. مون جوراب بوٽ ۾ وجهي بوٽ جون کهيون پينٽ جي بليٽ سان ٻڌندي چيو هو:

’سمنڊ مون کي رابيندرناٿ ٽئگور جي گيتا انجلي لڳندو آهي. مون ٽئگور جي گيتا انجلي سدائين جوتا لاهي الٿي پلٿي هڻي پڙهي آهي، ۽ محسوس ڪيو اٿم پنهنجي جسم تي سندس جملي جي هر لهر کي سمنڊ جي ڇوليءَ جيان. مون کي جڏهن ٻه سمنڊ گهمڻ جو شوق جاڳيندو آهي، ٽئگور کي پڙهندو آهيان.‘

’ٽئگور جيڪو بنگال جو شاعر آهي........؟‘

’ها.‘

’مون سندس شاعري تہ نہ پڙهي آهي. پر سندس تصويرون ڏٺيون آهن. هن جي چهـري ۾ بہ سمنڊ جيڏي ئي گهرائي ۽ جلال ڀريل نظر ايندو آهي.‘

هڪ تکي ڇولي اسان جي پيرن کي ڇهندي ڪناري جي آخر تائين هلي وئي هئي ۽ واپس ويندي اسان جي پيرن جي ترين مان واري جا ذرا ڪسڪائيندي هلي وئي هئي. اداس هوندي بہ خوشي منهنجي سرير ۾ سمائجي وئي هئي. ڪجهہ گهڙين لاءِ ڪناري جي ٻيءَ پڪ سچو شهر لهر بڻجي ويو هو. صبا ڏانهن ڏٺم هئم، سندس نيڻن ۾ ٻليءَ جي اکين جهڙي روشني ڦهلجي وئي هئي. سندس ڀريل چپ گل تي ويهندڙ پوپٽ جي پرن جيان ڦڙڪي ويا هئا. ٻي لهر آئي آهي (جڻ منهنجو برين واش ڪري وئي هئي.) صبا سامهون هوندي بہ سمنڊ جي ٻئي پار نظر آئي هئم. شايد مان بہ هن کي ائين نظر آيو هئم. صبا ٻانهون ڦهلائي مون ڏانهن وڌي هئي. هن جي ٻانهون منهنجي چيلهہ ۾ ويڙهجي ويون هيون، جيئڻ ڇِو جي جهوڙي ۾ نانگ. ۽ منهنجا هٿ صبا جي تراڪڙي ڇهري ۾ پرجي ويا هئا. پاڻيو هئم جڻ ڪُٽپ ڪان ٻاهر تيولپ جا گل هٿ جي ٻڪ ۾ سمائجي ويا هجن، ۽ گلن جي گهٽائيءَ جي ڪري منهنجو ٻڪ وڏيڪ ويڪرو ٿي ويو هجي. جهڪندو ئي هليو ويو هوس. منهنجا چپ، منهنجو سمورو وات ڪنهن هلڪي گرم ۽ مٺي شئي سان تر ٿي ويو هو. الائجي ڪيترين لهرون پيرن جي ترين مان واري ڪسڪائي هليون ويون هيون........؟ ڏار ٿيا هئاسي تہ چيلهہ چيلهہ پڳل هئاسي. واري ڪسڪي وڃڻ ڪري پير نندڙين کڏن ۾ ڪتل هئا. مون کي ياد اچي ٿو، اهڙي ئي هڪ ڊگهي ۽ گهري ڪِس مون توکي رات جي پوئين پهر ۾ آرٽس فيڪلٽيءَ جي ٻاهرين پارڪ ۾ ڪئي هئي . ان رات توهان فائينل وارن کي فيڪلٽي جي آڊيٽوريم ۾ فيئرويل ڏني هئي. ٽيلي اسٽار ۽ سندس ٻولڙين کي ڏسي تنهنجو موڊ خراب ٿي ويو هو. اسان ٻاهر نڪري آيا هئاسي. پارڪ ۾ پسار ڪندي، تارن کي ڏسندي چيو هيئ: ’دل

چاهي ٿي، توکي ڪِس ڪريان.‘ تو منهن مٿي ڪري، اکيون ٻوٽي ڇڏيون هيون. هوا جو ٿڌو جهوٽو گهليو هو ۽ پارڪ جي ننڍڙي گيٽ وٽ يوڪلپٽس جي سهاري بيٺل چنبيليءَ جي هٻڪار سڄي سرير ۾ ڦهلجي وئي هئي. ۽ پوءِ سموري آڪاش تي چپ چمڪي پيا هئا. ڪليل، اڌ ڪليل. وسندڙ ٻرندڙ چپ.

ٽئين ڏينهن شام جو صبا مون کي ساڳي ئي پل جي ڪنڌ وٽ ملي هئي. هلڻ لڳا هئاسي. صبا چيو هو:

’مون کي وٺي هل.‘

’ڪاڏي......؟‘

’پنهنجي دوست جي فليٽ تي.‘

’تون مون سان ڪنهن پبلڪ پليس تي هجي يا خالي فليٽ ۾ ڳالهه ساڳي آهي.‘

’اها منهنجي خواهش آهي.‘

’او-ڪي.‘ ٽيڪسي پڪڙي فليٽ تي اچي ويا هئاسي. چابي مون وٽ هئي. انٽر لاڪ ۾ چابي گهمائيندي سوچيو هئم........‘ جيڪڏهن صبا جي جاءِ تي تون هجين ها، ته منهنجي چابي گهمائڻ کان پوءِ هينڊل ضرور تون گهمائين ها.‘ اسان اندر اچي ويا هئاسي. صبا پرس ڪتابن جي ڍير تي اڇلي، پاڻ پلنگ تي اهلجي پئي هئي ۽ مان ٻئي پلنگ تي. سڄو ڪمرو لاڙڪاڻي جي زيتونن جي خوشبوءَ سان واسيل هو جيڪي

منهنجي دوست کي ڪوئي ڳوٺان اچي ڏئي ويو هو. پلنگ هيٺان جهڪي زيتونن جو ٽوڪرو ڇڪي ٻاهر ڪڍيو هئم. هڪ زيتون پاڻ کنيو هئم ۽ ٻيو صبا ڏانهن اڇلايو هئم. صبا زيتون ۾ چڪ هڻي ايرندي پاسي واري ڀت مٿان لڳل پوڙهي جي تصوير جي ڀنڀي ڏاڙهيءَ ۾ ڏسندي پڇيو هو:

’هي ڪير آهي......؟‘

’ٽالسٽاءِ.‘

’ٽالسٽاءِ، جنهن جو اينا ڪرينينا لکيل آهي.....؟‘

’ها اهو ئي.‘ کن رکي چيو هئم:

’توکي شايد سڌ نہ هجي، پر اها حقيقت آهي تہ، هن شخص جي زال هن سان ڏاڍيون ۽ عوبتون ڪندي هئي. ايڏيون جو هي مولائي عورتن کان هميشہ لاءِ الرجڪ ٿي ويو هو.‘

’هڪ ڏينهن تنهنجي بہ اهڙي حالت ٿيندي.‘

منهنجو زيتون ۾ چڪ اڏ رهجي ويو هو. ٺهڪ نڪري ويا هئم. صبا چيو هو:

’پر نہ_ تون بچي ويندين. ڇو تہ مون کي يقين آهي سنجها توسان شادي بلڪل نہ ڪندي. تون ڀل ان کي منهنجي جيلسي ئي سمجهہ.‘

ٿڪن جي گوڙ ۾ گم ٿي ويو هئم. صبا ٻيو ٻيرو ساڳيان جملا چيا هئا، مان ٻيو ٻيرو دل کولي کليو هئم، ۽ مون کي ٻيو ٻيرو عورت جي عورت مٿان جيلسي تي ڏاڍي کل آئي هئي. جڏهن ٿڪ هوائن ۾ غائب ٿي ويا هئا، تہ صبا جي هٿ ۾ هڪ چڪ جيتري زيتون کي ڏسندي چيو هئم:

’تون اهڙيون ڳالهيون فقط ان لاءِ ٿي ڪرين، تہ جيئن سمورا زيتون تون ڪائي وڃين، مان رڳو ڪلندو رهان........؟‘

’نہ۔ هي بہ تون ڪائي ڇڏ.‘ هن آخري هڪ چڪ جيترو بچيل زيتون مون ڏانهن اڇلايو هو. ۽ منهنجي هٿ واري هڪ چڪ لڳل زيتون ڏانهن اشارو ڪندي چيو هئائين:

’اهو مون کي ڏي........‘

مون زيتون هن ڏانهن اڇلايو هو جنهن کي هن ٻنهين هٿن ۾ جهپي ورتو هو. اسان ٻئي چپ چاپ زيتون ڪائڻ لڳا هئاسون، بلڪل ائين جيئن ٻير جي ٽارين تي نوريئڙا ٻنهين هٿن ۾ ٻير پڪڙي ڪترڻ لڳن. صبا زيتون ڪائي چيو هو:

’ٻڌ.‘

’چئو.‘

’سگريٽ پيئندين.........؟‘

’ورتيون اتئي چا؟‘

’نہ، اسٽيپ فادر جون رات چورايون هئم.‘ هن سگريٽ پرس مان ڪيندي ٻئي پنهنجي چپن ۾ پيڪوڙي جلايو هيون. ۽ هڪ وڏائي چيو هئائين:

’اچي وٺ.‘

مون هٿ وڌائي ڪائنس سگريٽ ورتي هئي. سوٽي هٽڻ سان محسوس ٿيو هئم، ڄڻ صبا جي لپسٽڪ جي خوشبو دونهن سان گڏ اندر ۾ سمائجي وئي هجي. صبا بہ ٿي گهرا سوٽا هڻڻ کان پوءِ چيو هو: ’ڪالهہ سڄي رات مان خواب ۾ سمنڊ وارو منظر ڏسندي رهي هيس. صبح جو مون کي محسوس ٿيو هو ڄڻ سڄي رات مان پنهنجي بستري تي نہ پر سمنڊ جي ڪناري گذاري هجي.
’خواب ڪڏهن بہ ساپيا نہ ٿيندڙ خواهشن جا ڏنڌلا عڪس هوندا آهن. مس صبا حميد.‘

’ڏنڌلا عڪس_ ڏنڌلا، اڙي ها. صبح جڏهن وهنتس پئي تہ منهنجو ڌيان تنهنجي ڪالهوڪي ٻڌايل لطيفي ڏانهن هليو ويو. مون کي باٿ روم ۾ ڏاڍي کل آئي هئي. پر مميءَ جي ڀؤ کان کل کي گهٽي ڇڏيو هيم. ۽ مان چاهيندي بہ پنهنجي ان حصي کي نہ صابڻ ملي سگهي هيس، نہ ٽاول سان مهٽي سگهي آهيان. ڏسندين.........؟‘

صبا ڪياڙيءَ وٽان هُڪ کولي ڪابو هٿ پٺيان ورائي زپ کي هيٺ کسڪائي ڇڏيو هو.

’هي ڏسـ؟ پر ٿورو ڏنڏلو ٿي ويو آهي.‘

’هونم‘

’ڏس آهي نہ......؟‘

صبا جي چپن تي سوپ جي هلڪي مرڪ ۽ نيڻن ۾ نيري روشني پرتجي وئي هئي. نيري روشني جيڪا صبا جي نيڻن مان نڪري ڪمري ’۾ ڦهلجڻ لڳي هئي. سڄو ڪمرو هلڪو نيرو ٿيندو ويو هو. چيو هئائين: آ ونٿ، هي چلو تون پائي ڇڏ.‘ ڏسٽي آڱر مان چلو لاهي مون ڏانهن وڌايو هئائين.

’مون کي اهڙين شين سان ڪابہ دلچسپي ناهي.‘

’ها ها مون کي خبر آهي، پر هن کي تون پائي ڇڏي.‘

’ڇا ڪندس پائي.........؟‘

’مون کي خوشي ٿيندي. هٿ ڏي.... پليز؟‘

هٿ وڌائي ڇڏيو هئم. صبا منهنجين مختلف آڱرين ۾ چلو لاهڻ ۽ پائڻ لڳي هئي. آهستي آهستي نيرو ڏنڏ وڌيڪ گهرو ٿي ويو هو. نہ ڄاڻ ڪهڙي پل صبا، چلي سان گڏ پنهنجيون سموريون آڱريون منهنجي آڱرين جي پورن ۾ پيهي ڇڏيون هيون. محسوس ٿيو هئم، ڄڻ سمنڊ جي تہ ڏانهن وڃڻ لڳو هوس. سيئي آواز سمنڊ جي

سطح تي رهجي ويا هئا. سڄو ڪمرو نيرن لهرن سان ڀرجي ويو هو جن ۾ صبا هوريان هوريان ترندي مون تائين پهچي وئي هئي. بلڪل ائين جيئن سمنڊ جي اندر ماڻهون پنهنجي وجود جي ڳوراڻ وڃائي ويهي ۽ اڏامڻ لڳي لهرن جي ٻانهن تي. صبا جا ريشمي وار، نيرين لهرن تي ’سلوموشن، ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٿيندا منهنجي چهري جي چوڌس ۾ ڦهلجي ويا هئا. سمنڊ جي اونهائي ۾ ڪرڻ لڳي هئم. ۽ منهنجا هٿ بد خواسيءَ ۾ صبا جي لسي پنيءَ تي ريڙهيون پائڻ لڳا هئا جيئن مٿانهين تان هيٺ ڪرندڙ شخص جا هٿ پهاڙ جي اڀي سڌي سنواتي حصي ۾ هيٺاهينءَ ڏانهن ڪرڻ کان بچڻ لاءِ حفاظتي هنڌ ڳوليندا آهن. پنهنجي ساڄي ڇاتيءَ مان شديد تڪليف جو احساس ٿيو هئم. پوري سگهه هٿن ۾ ميڙي صبا کي پاڻ کان ڌار ڪري ڇڏيو هئم. صبا ٻئي پلنگ تي ڪري. ٻنهين هٿن جون آڱريون نرم وارن ۾ ڦيهي ٻڏل ساهن سان ٿڪن ۾ پئجي وئي هئي. ڀانيو هئم ڇڻ سمنڊ جي تهه ڏانهن ويندي امالڪ سمنڊ جي سطح تي پهچي ويو هوس. نيرو ڌنڌ گهوماتي ڪائي گيلري ڏانهن ڪلندڙ دريءَ جي سيرن مان غائب ٿي ويو هو. ۽ شهر جو سمورو گوڙ، گيلري جو دروازو پار ڪري ڪمري ۾ ڦهلجي ويو هو. ڊگها ڊگها ساهه کڻڻ لڳو هوس، وات ڪولي پوري سگهه سان. ساهن تي قابو پائي صبا ڏانهن ڏٺم هئم، جيڪا مون ڏانهن ڏسي مرڪي رهي هئي. ساڄي ڇاتيءَ ۾ پوسراڻ وڌي وئي هئي. ڪنڌ جهڪائي ڏٺو هئم، صبا جي ڏندن جي ڇاپ ٿڪ ڏئي رهي هئي. هوءَ پرس مان هيئر برس ڪڍي وارن ۾ ڏيڻ لڳي هئي. پوءِ ننڍڙو آئينو ڪڍي کاٻي هٿ ۾ جهلي، ساڄي هٿ سان چپن مٿان لپسٽڪ ترڪائڻ لڳي هئي. ڪال بيل وڳي هئي، دروازي ڏانهن ويندي صبا ڏانهن ڏٺو هئم، صبا جا هٿ تڪڙ ۾ پنيءَ ڏانهن وڌي ويا هئا. آواز ٿيو هو: (ززز ززز). ۽ سندس هٿ ڪيا ڙيءَ وٽ اڇي بيهي ريهو هو. منهنجو ڪهاڻيڪار دوست اندر اچي ويو هو. مون صبا ڏانهن اشارو ڪري چيو هو: ’صبا حميد فخري.‘ صبا جي چپن تي مرڪ جي هلڪي ڪريم حرڪي پئي هئي. ’صبا هي منهنجو دوست ڪهاڻيڪار آهي. ڏهن سالن کان

ڪراچيءَ ۾ رهندو پيو اچي. پر هن ۾ ڪراچي جي ماڻهن جي ڪا بہ خاصيت پيدا ٿي نہ سگهي آهي، بلڪل ائين جيئن اڄ تائين سنڌس بستري ۾ هڪ بہ منگهڻ پيدا نہ ٿي سگهيو آهي... هي مون کي هن فليٽ ۾ رهندي بہ دادو ڪئنال جي ڪپ تي لڳل سنجهي جي گهاٽي وڻ جهڙو لڳندو آهي.'

منهنجي دوست جي چهري تي چپن کان وڏيڪ نيڻ مرڪڻ لڳا هئا. اهڙو احساس شايد ڪيس بہ ٿيو هو ۽ هو ٿڪ ڏئي مون سان گڏ پلنگ تي ويهي رهيو هو. ڪاري مان زيتون ڪڍي صبا کي ڏيندي چيو هئائين:

'في الحال هن کان وڏيڪ مان توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري ٿو سگهان.......؟'

صبا زيتون ۾ هلڪو چڪ هنيو هو. هن مون ڏانهن اشارو ڪري پڇيو هوس:

'هن ۾ ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي، جو توهان سان گڏ هيستائين هليون آيون آهيو......؟'

صبا منهنجي نيڻن ۾ نيڻ اڙائي چيو هو:

'هن جي نيڻن وانگر هن جون ڳالهيون بہ خوبصورت آهن. هن جي ڳالهين وانگر هن جو انداز بہ خوبصورت آهي.' کن رکي صبا پڇيو هوس:

'هن ۾ توهان کي ڪا خاص خامي نظر آئي آهي ڇا..........'

'جي؟.......جي نہ.'

صبا جي اوچتي سوال تي منهنجو دوست ڪجهہ پريشان ٿي ويو هو. صبا چيو هو:

’دير ٿي وئي آهي.‘ ۽ اسان اٿي بيهي رهيا هئاسون.

بس ڪراچيءَ جي ٽول پلازا پار ڪري، ريڊ انڊينز جي ڪمان مان پوري سگهہ سان ڇڪي ڇڏي ڏنل تير جيان هوائن ۾ اڏامڻ لڳي هئي. ڪليل دريءَ مان هوائون اندر ڌوڪي آيون هيون. صبا جا ريشمي وار منهنجي منهن تي ٽڏڙا ڪيڻ لڳا هئا. صبا پرس کولي لفافو ڪيندي چيو هو: ’نيزا کائيندين.........؟ مان جڏهن بہ واپس ويندي آهيان، ممي مون کي نيزا وٺي ڏيندي آهي تہ جيئن منهنجو سفر مصروف گذري.‘

هن هلڪو گلابي رومال پنهنجي هنج ۾ پکيڙي، سمورا نيزا مٿان پرتي ڇڏيا هئا. پوءِ رومال جي ڇئني ڪنڊن کي پاڻ ۾ ملائي رومال کي هٿن ۾ مهٽڻ لڳي هئي. مهٽي رومال کولي ڇڏيو هئائين. نيزن جو سمورو ناسي تہ رومال کي چهٽي پيو هو. نيزو آڱر ۽ آڱوٺي ۾ جهلي مٿيون کوپو نينهن سان لاهڻ لڳو هوس. صبا پهرين منهنجي آڱرين ۾ ٽٽندڙ نيزي کي، پوءِ مون کي ڏسي مرڪي پئي هئي. مرڪندي چيو هئائين: ائين نہ هيئن کاءُ. وڏيڪ آسانيءَ ۽ مزي سان کائيندين، صبا نيزو آڱوٺي ۽ آڱر جي سهاري جهلي، سندس اڌ حصو ڏندن وچ ۾ ڏئي هلڪي چپ ڏني هئي تہ نيزي جو اڌ کوپو هن جي ڳاڙهن چپن جي اندر جرڪندڙ ڏندن وچ ۾ رهجي ويو هو. جنهن کي هن ٻئي هٿ سان ڪڍي آڱر ۽ آڱوٺي جي مٿان ظاهر ٿي پيل ڳپ کي ڏندن سان ڪٽي ورتو هو. مون مرڪي ٻيو نيزو ڏندن ۾ رکيو هو تہ صبا چرچي ۽ ٽوڪ جي گڏيل سڏيل لهجي ۾ چيو هو:

’سنجها سان رهي تو ماڻهو واريون عادتون وساري ڇڏيون آهن؟‘

مون ڏندن ۾ جهليل نيزو ڪليل دريءَ مان ٻاهر اڇلائي ڇڏيو هو.

’تو ڪي ايڏي وڏي جملي ڳالهائڻ جو حق ڪنهن بخشيو آهي صبا.......؟‘

منهنجي لفظن جي سرد هوائن صبا جي چهري ۽ هٿن تي ڄڻ پارو ڪيري وڌو هو. هوءَ وساٽل نيٽن سان مون ڏانهن تڪڻ لڳي هئي.

’مان سنجها لاءِ هڪ ڀ ڪوتو اکر ٻڌڻ ڪي پنهنجو، سنجها جو ۽ پاڻ پنهنجو ايمان سمجهندس. ڇو تہ سنجها منهنجي وجائجي ويل سپنن جي ساپيا آهي.... ۽ تون انڪري سني آهين، بي انتها عزت لائق، جو تنهنجي لڏل سپنن جي ساپيا وجائجي وئي آهي. ان هوندي بہ تون پريل ميڙ ۾ پنهنجي سمورين پيڙائن ڪي لڪائي پرپور ٿهڪ ڏيڻ جي فن کان واقف آهين.‘

صبا هوريان هوريان نيڻ کڻي منهنجي سرد چهري تان نگاهون هٽائي ڪيتري دير کان هڪ هنڌ پيل هٿن ڏانهن ڏٺو هو. پهريان هڪ آڱر ڇوري هئائين، پهريان ڪجهہ پوءِ ڪجهہ وڌيڪ. هن هنج ۾ هڪ ٻئي مٿان رکيل هٿن جي سمورين آڱرين کي ڇورڻ شروع ڪيو هو. ۽ هٿ کڻي دريءَ جو سڄو شيشو کولي ڇڏيو هئائين. هوا، زنا جي ڏوهہ ۾ ڇڏائي پڇندڙ ڏوهيءَ پنيان ڪنهن مچريل هجوم جيان، اندر ڏوڪي، هر طرف ڦهلجي وئي هئي. صبا ڪليل دريءَ مان پٺ ڏانهن ڊوڙندڙ بي انت ڦهليل ميدان جي آخر ۾ نظر ايندڙ سرمائي ڏنڌ ۾ ويڙهيل پهاڙي سلسلي ڏانهن تڪڻ لڳي هئي.

’سنجها اڄ تائين تو مٿان جيڪي الزامن جا ڦاها اڇلايا آهن تن جو پڇتاءُ اٿم. ۽ـ ۽ ان جي پڇتاءُ جي پوڳنا ڪي گهٽائڻ لاءِ آئون سنجها سان ويساهه گهاتي ڪري توسان هليو آيو هئس. رڳو تنهنجي هئڻ جي احساس کي جيئري رکڻ لاءِ....۽ اڄ مان جيڪڏهن تو آڏو پنهنجي اندر جي سمورين سچاين سميت اعتراف ڪري به ڇڏيان، ته منهنجي اندر ۾ توسان ۽ تنهنجي جسم سان محبت ڪرڻ جو جذبو پنهنجي سموري سگهه سان جاڳي پيو آهي تڏهن به ڪو فرق نه پوندو ڇو ته ڪوبه ماڻهو هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ سچي ۽ شديد محبت ڪري نه ٿو سگهي.‘

هڪ ئي مهل ڪيترا لڙڪ، صبا جي نيڻن جي پڇڙين مان ڇڏائجي، هوائن ۾ ڦيريون پائي منهنجي ڳلن، ڇپن ۽ نڪ تي پٽڪڙن ٻارن جي نرم گرم هٿن جيان ڇهتي پيا هئا.

’صبا........‘

هن سرمائي ڏنڊ ۾ ويڙهيل پهاڙي سلسلي ڏانهن گهوريندي وجايل لهجي ۾ پڇڪيو هو:

’هون.‘

’توکي سدائين خوش ڏسڻ چاهيو هئم. پر تنهنجن ڏکن ۾ واڌارو آڻڻ کان سواءِ توکي ڪجهه به ڏئي نه سگهيم. مون کي ناڪاميءَ جو احساس هميشه رهندو.‘

’هميشه کان ائين ٿيندو آيو آهي....‘

’ها صبا، جاڳ ۾ ننڊ جي وچ ۾ لڏل سپنن جي ڪابہ حقيقت نہ هوندي آهي.‘ ٻيهر ڪيترا لڙڪ هوائن تي اڏندا منهنجي نرڙ ۾ لوندڙيءَ وٽ ننڍڙن هٿن جيان چنبڙي پيا هئا.

’صبا، دري بند ڪري ڇڏ. تنهنجا لڙڪ منهنجي اندر ۾ وڍ وجهي رهيا آهن.‘

صبا هڪدم منهن ورائي منهنجن نيٽن ۾ نيڻ کپائي چيو هو:

’تون ڇا ٿو سمجهين....مان هر ڳالهہ تي، ٻارن وانگر روئڻ وارن مان آهيان........؟ هي تہ هوا جي دٻاءُ تي زور نڪري پيل پاٽي آهي.‘

صبا جو آواز ويهجي ويو هو. هن پنهنجو ٻانهون دريءَ جي ڪارنس مٿان کپائي تنهن مٿان ڪنڌ ڍرڪائي ڇڏيو هو.

’مون کي خبر آهي، تون ڏاڍي بهادر آهين. تڏهن ئي تہ تنهنجي ڳالهہ جو مانُ رکندي توسان آخري پيرو ملڻ آيو هوس.‘

’اڄ ڪان پوءِ مون سان نہ ملندين.......؟‘

’نہ‘

صبا جهٽڪي سان دري بند ڪري ڇڏي هئي ۽ سيئي هوائون رڙيون ڪنديون پٽ ڏانهن رهجي ويون هيون.

’اڄ ڪان پـوءِ منهنجا پيـر انهـن سـمورين هيـنـاهين ڏانهـن ڪڄـنـدا، هـن ڪـان اڳ جـن لاءِ منهنجي ذهن ۾ رڳو تصور ايندو هو.‘

پوءِ مان هن ڪي روز نئين ڇوڪري سان ڏسندو هوس. اڪيلو مان نہ، تو بہ ڏٺو هو. صبا مون ڪي ڏسي، انهن ڇوڪرن سان ڳالهائيندي وڏا ٺهڪ ڏيڻ لڳندي هئي. هن جا ٺهـڪ جيڪي ڪڏهن مون لاءِ اڇا ڪبوتر هوندا هئا، پوءِ ٽانڊا بڻجي پيا هئا. پر مون هـن ڪـي ڪڏهن بہ نہ روڪيو هو. سڌ هئم صبا ايڏي آسانيءَ سان هـر ڪنهـن آڏو وڇائجڻ واري نہ هئي. پوءِ بہ الائجي ڇو.... هن ڪي ٻين سان ڏسي ڏک جي ابت ڪنڊڙي منهنجي ڳلـي ۾ اڙي پوندي هئي. جنهن جو عذاب سڄي جسم ۾ پرٽجي وينـدو هـو. اهـو ڏسڻ ڪـان پوءِ، تون پرسڪون ٿـي وئي هئينءَ. صبا سان روز نئيـن ڇـوڪري ڪي ڏسي تنهنجـن شفق رنگ چپن تـي مرڪـي جـي ڪـونجن جي قطار اڏرڻ لڳنـدي هئي. ۽ تنهنجا نيـڻ مـون ڪـي چـوڻ لڳنـدا هئا: ’ڏٺئي، اهـا ٿئي مـس صـبا حميـد. جنهـن ڪـي تـون پـوتر سمجهندو هئين......؟‘

’هي ڇلو ڪنهن ڏنو اٿئي........؟‘

منهنجي آڱر ۾ پاتل صبا جي ڇلي ڏانهن شڪ جي نگاهہ سان ڏسندي ڇيو هيئي.

’هي منهنجي ڪوي دوست جي آهي. ڪالهہ ڪراچيءَ مان واپس ايندي ڏيڻ وسري ويو هئم‘

ڪوڙ ڳالهايو هئم. ڇو تہ ڪوڙ مون ڪي پنهنجي ڇوڏاري ڪنهن مضبوط قلعي جهـڙو

محسوس ٿيڻ لڳو هو. ۽ سچ جا سمورا رستا وچوڙي جي رڻ ڏانهن ويندي نظر آيا هئم.

’لڳي ته ليڊيز ٿو......؟‘

’ها، شايد زال جو اٿس.‘

تون چلي جي سونهري روشنيءَ ۾ غور سان ڏسڻ لڳي هئينءَ، ڄڻ چلي ڏيندڙ جو چهرو سونهري روشنيءَ ۾ ڳولڻ لڳي هئينءَ، ڪجهه به نه پسي چلو منهنجي چيچ مان لاهي پنهنجي ڏسٽي آڱر ۾ پائي چيو هيئي:

’ڏس، هاڻ وڌيڪ خوبصورت ٿي لڳي نه......؟‘

چلي پيل آڱر ڏانهن هلڪي مرڪ سان ڏسڻ لڳي هئينءَ. سوچيو هئم، توکي جيڪڏهن چلي ڏيندڙ جي سڏ پئجي وڃي ته جيڪر ان چلي کي ايڏي سگهه سان آسمان ڏانهن اڇلائي ڇڏين، جو ڌرتيءَ جي ڇڪ وڃائي هميشه لاءِ پولارن ۾ گم ٿي وڃي. چيو هئم:

’هون، زبردست ٿو لڳي.‘

۽ تو پنهنجين ساهڙين کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته، هي چلو مون توکي مڱڻي تي وني ڏنو آهي. منهنجن گهڻن دوستن ۽ تنهنجين ڪجهه ساهڙين کي اها ڄاڻ هئي ته اسان جو مڱڻو ٿي چڪو آهي.

توکي ياد آهي........؟ هڪ شام منهنجي هڪ ڏنگي دوست، ظهور کي رازداريءَ مان ٻڌايو هو: ’پنهون ۽ سنجها هفتو اڳ ڪورٽ ميريج ڪري ڇڏي آهي. پر في الحال ان ڳالهہ کي آئوٽ ڪرڻ نہ ٿا چاهين. تنهنڪري في الحال تون بہ ڪنهن کي نہ ٻڌائج.‘ منهنجي ان ڏنگي دوست کي سڏ هئي تہ ظهور کي جنهن ڳالهہ تي زور ڏئي روڪبو، تنهن کي سڄي شهر ۾ اخبار بڻائي ڇڏيندو آهي. ظهور منهنجي ڏنگي دوست سان ان راز کي راز رکڻ جو واعدو ڪري، ٽيليفون بوٿ هليو ويو هو. ۽ پنهنجي ڪزن پپوءَ کي جيڪو منهنجو تمام پيارو دوست آهي، ٽيليفون تي ٻڌايو هئائين:

’هڪ نئون انڪشاف، پنهونءَ ۽ سنجها ڪورٽ ميريج ڪري ڇڏي آهي.‘

رات جو منهنجو ڏنگو دوست مون وٽ آيو هو ۽ هٿ ٻڌي چيو هئائين: ’توکان جيڪڏهن ظهور يا ڪو تنهنجي سنجها سان ڪورٽ ميريج بابت ڪجهہ پڇن، تہ ها چئي ڇڏجانءِ، ڪجهہ ڏينهن لاءِ نئين چينج ٿي پوندي.‘ ٻئي ڏينهن صبح سان پپوءِ منهنجي گهر آيو هو. ان مهل تون منهنجي پيرن ۾ پاٽل بوٽ جون ڪهيون ٻڌي رهي هئينءَ. پپوءِ رڙ ڪري چيو هو: ڪانگريٽچوليشنز‘ توکي سلام ڪري، مون کي ياڪر پائي ڳچيءَ تي چمي ڏئي چيوهئائين: ’اڙي ياڙيا، يارن کان بہ لڪائي ڪيئي........؟‘

مون پنهنجي اندر ۾ اٿلون ڪائيندڙ کل کي مرڪ جي ٻنڌ ڏيئي چيو هو: ’في الحال اها ڳالهہ سيڪريٽ رکڻي آهي. مون پنهنجي گهر وارن کي بہ نہ ٻڌائي آهي.‘

’چو يلا.......؟‘

’يار سنجها جون ڪجهه مجبوريون آهن.‘

’ڪهڙيون مجبوريون.........؟‘ تو ٻئي بوٽ جي ڪهين ڪي ڳنڍ ڏيندي ٻارن وانگر پڇيو هو.

’اها، پاڻ ٻنهين جي شاديءَ جي خبر.........‘

’ها اهڙي خبر جيڪڏهن منهنجي گهر پهچي وڃي تہ ڪهرام مچي وڃي.‘ تو ڪلندي چيو هو.

’اڇا .........؟ بهرحال ’يو آر گريٽ.‘ اسان جي پوري لڏي ۾ توهان ٻئي بهادر آهيو. مون امڙ کي بہ ٻڌايو آهي. ڏاڍي خوشي ٿي. چيو اٺائين سياٽي شام جي ماني اچي اسان وٽ کائون.‘

’پر ڪهڙي خوشيءَ ۾___؟ تون وائڙي ٿي وئين هئين. اک پڇي چيو هو مانءِ:

’پنهنجي شاديءَ جي خوشيءَ ۾.......؟‘ تو ڪي سُڌ هئي تہ مان ۽ منهنجا دوست اڪثر اهڙيون شرارتون ڪندا رهندا آهيون.

تون ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي ٺهڪ ڏئي کلي پئي هئينءَ ۽ ڪلندي مون کي پاڪر پائي چيو هيئي؛ ’اڙي ها، پاڻ ايترو تہ گڏ رهيا آهيون جو هاڻ تہ لڳي ٿو پنهنجيءَ شاديءَ کي سال گذري ويا آهن.‘

پپوءِ مرڪي چيو هو: ’لڳندو ٿہ ائين آهي.‘

’اسان تنهنجي دعوت قبول ڪيون ٿا پر ٿوري ڦير ڦار سان.‘

ڪهڙي ڦيرڦار؟‘

’اها تہ شام جي نہ پر سياٽي منجهند جي ماني توهان وٽ.‘

’ها اهو ٺيڪ آهي.‘ تو مرڪي چيو هو.

پپوءِ جي امڙ اسان کي ڪيڏو پيار ڏنو هو......؟ سندس شخصيت پرهہ جي پهرين سج جهڙي ۽ سندس آواز پرهہ جي پهرين سج جي ڪرڻن جهڙو تازگي ۽ جلا بخشيندڙ هو. اسان ڊائننگ ٽيبل تان اٿي ڊرائنگ روم ۾ اچي چانهہ پيئڻ لڳا هئاسون تہ اوچتو صبا جو ذڪر ڪٿي وٺي هئينءَ. حيران ٿي ويو هئم. تون مون تي الزام هڻڻ لڳي هئينءَ ۽ مان پنهنجي صفائيءَ ۾ ڳالهائڻ لڳو هوس. ڪنهن وڪيل جيان امڙ منهنجي پيش ڪيل صفائي ٻڌي، تو کي تاڪيد ڪيو هو: ’ڏيءَ تو کي پنهنجي گهوٽ تي يقين ڪرڻ گهرجي.‘ تون ماٺ ٿي وئي هئينءَ ۽ مان ذلت جي احساس ڪٿي توسان گڏ ٻاهر نڪري آيو هوس.

ٻاڻ يوڪَلپٽس ۽ سرينهن پيريل روڊ لتاڙي اتي پهتا هئاسون جتي پهچي سمورا آواز ٻاهر رهجي ويندا هئا. تو منهنجي اگهاڙي سيني تي اپريل ذري گهٽ ڪاري ٿي ويل چڪ کي ڏسي رڙ ڪئي هئي:

’هي ڇا هي.....؟‘

’ڇا هي؟‘

وائڙن جيان پنهنجي اگهاڙي سيني جي ساڄي پاسي صبا جي لڳايل چڪ کي ڏٺــو هئم. رڳو هڪ پل لاءِ ڪڪو ڪو ٿي ويو هوس. ۽ پوءِ ٺهڪ ڏئي کلي چيو هئم:

’اها راهل جي مهرباني آهي.‘

’راهل__؟‘

’عليءَ جو پٽ ناهي.....؟ جنهن لاءِ تو بوهري بازار مان شرٽ ۽ پينٽ بہ ورتي هئي؟‘

’پرهي ڏند تہ ٻار جا نہ ٿا لڳن.......؟‘

’هن جا اڳيان بہ ڏند بلڪل ماءُ وانگر تيز ۽ ويڪرا آهن.‘

’ڇا ڪيو هئس تو......؟‘

’ڇهنڊري پاتي هئي مانس ڇنڙ ۾.‘

تون ٺهڪ ڏئي کلي پئي هئينءَ ۽ پوءِ چڪ مٿان آڱريون ڦيري افسوس مان چيو هيئي:

’ڪيڏو تہ زور سان چڪ پاتو ٿئي حرام زادي....؟‘

’۽ هنن جي باري ۾ توهان جي ڪهڙو خيال آهي؟‘

مون ڏورن ۽ ڪلهن وٽ تنهنجن پاتل چڪن ڏانهن اشارو ڪري پڇيو هو.

’مان تہ پائيندوس، منهنجي مرضي. تون ڪير ٿيندو آهين ڙي مون کي روڪڻ وارو؟‘ تون پنهنجا ڏند منهنجي ڪاڇي اُرهہ ۾ ڪپائي چڙيا هئا. تنهنجي چڪ جي شدت جيڏي تيز ٿي وئي هئي اوترو منهنجي اندر ۾ پيدا ٿي پيل خوف آٿربو ويو هو. ۽ اسان لهر لهر لڙهندا هليا ويا هئاسون. محبتن جي وادي ڏانهن.

صبا جي گهر ڏانهن ويندڙ سمورن رستن مٿان ڦٽي پيل منهنجي همدردي ۽ خلوص جا وڻ موسمي ٻوٽن جيان سڙي ڇانيرِ بڻجي ويا هئا.

اسان رستن تي مليا هئاسون ۽ بنا ڪجهہ ڳالهائڻ جي هليا ويا هئاسون. صبا کي ڏسي نيڻن ۾ اجنبيت پيرجي ويندي هئي. ۽ مون کي ڏسي هن جي نيڻن ۾ اداسيءَ جا پيلا گل ڦٽي پوندا هئا. سندس چهرو جنگ کانپوءِ آخري بچي ويل ماڻهوءَ جهڙو ٿي پوندو هو. ان گهڙيءَ هن جون ڪچيل وکون سست ۽ منهنجيون وکون وڌيڪ تيزيءَ سان کڄڻ لڳنديون هيون.

مجان ٿو سنجها، جڏهن صبا مون کي اتفاق سان نظر آئي بہ هئي، تہ منهنجو وجود طوفان جي زد ۾ اچي ويل شاهہ بلوط جيان ٽڙڪات ڪندو ڏرتيءَ ڏانهن ڪرڻ لڳندو هو. پنهنجا سمورا ڪم وساري، اخبار جي ڦاٽل ٽڪر جيان رستن ۽ گهٽين ۾ اڏامڻ

لڳندو هوس. انهن گذري ويل ڏهن مهينن ۾ هڪ پيرو، صبا مون کي فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور مان لنگهندي ڏسي بيهي رهي هئي، چيو هئائين: ’ٻڌ‘ بيهي رهيو هوس.

’تو منهنجو چلو سنجها کي ڏئي ڇڏيو آهي....؟‘

’ها.‘

’ڇو؟‘

’مون ۾ ۽ سنجها ۾ ڪو فرق آهي ڇا؟‘

’مان رڳو اهو ڄاڻان ٿي، تہ چلو مو تو کي ڏنو هو.‘

ديوار ٻڌجي ويو هوس، چيو هئائين:

’ڪنهن جي ڏنل محبتن جي امانتن کي بہ سنڀالي سگهڻ جي قوت نہ ٿو رکين؟‘

’سنجها مون کي مليل سمورين محبتن ۽ امانتن جي مالڪ آهي.‘

’چلو يا تنهنجي آڱر ۾ هجڻ گهرجي يا سنڌوءَ جي لهرن ۾.‘

’ساري صبا.‘

’مون کي تنهنجي ساري جي ضرورت ناهي.‘

’مان توکي ڇلي جي قيمت ڏئي سگهان ٿو؟‘

’تون پيو ڏئي ٻہ ڇا سگهندين........؟‘

’مان ڄاڻان ٿو، رابيل جهڙين اجرين ۽ سڳنڌ ڀريل عقيدتن ۽ نئين چاول ٻار جي سرير جهڙين گرم محبتن جي موٽ دنيا جو ڪوبہ امير ترين ماڻهو پئسن سان لڳائڻ چاهي بہ تہ لڳائي نہ سگهندو. پر صبا.....‘

’مون تي خوبصورت لفظن جا ڦاهـا نـہ اڇلاءِ مـان ڄـاڻي چڪـي آهيـان، خوبصـورت لفـظ رڳو ذهنن تي حڪومت هلائڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن.‘

’مون کي تيز ٿي ڪرين...........؟‘

صبا جي چپن تي مرڪ ڪنهن خوبصورت خنجر جي نوڪ جيان چمڪي پئي هئي. چيو هئائين: ’تيز هميشہ جيئرن ماڻهن کي ڪبو آهي.‘

ان کان اڳ جو ڪـو جـواب ڏيـان، صبا ڪجهہ پريـان بيـنـل ڏانهس سچاتل نظرن سان تڪيندڙ سهڻي نوجوان ڏانهن ريشمي وار لهرائيندي مرڪي هلي وئي هئي.

تنهنجي پاران صبا کي مليل ذلت، مـوٽ ۾ صـبا جي ڊگهي مـاٺ ۽ ان مـاٺ جي پـٺ ۾ مون لاءِ ڇپ هنيل پيار. ها، رڳو پيار ڇو تہ هن ڪڏهن بہ مـون سان ڪـو وڏو واعـدو نـہ

ڪيو هو. ڪلهي تي ڪنڌ ڍرڪائي، ڪو وڏو ڪوڙ نہ ڳالهايو هو. صبا ڪڏهن بہ منهنجن هٿن تي هٿ رکي، نيٽن ۾ نيڻ اٽڪائي نہ چيو هو:_ ’مان توسان شادي ڪنديس. پوءِ ڀلي چو نہ مون کي سڀ ڪجهہ ڇڏڻو پئي. پوءِ ڀلي چو نہ تون مون کي فوٽ پاٿ مٿان ٽينٽ هڻين ڏين. ۽ جيڪڏهن تون مون کي نہ ملين، تہ مان ڪنهن کي بہ نہ ملندس. مون توکي چاهيو آهي. تنهنڪري منهنجو سرير هميشہ تنهنجي امانت رهندو. هن سرير تي هميشہ تنهنجي هٿن، چپن جي روشني چمڪندي رهندي. هنن نيٽن ۾ هميشہ تنهنجي ياد ڪنهن بن ۾ واچوڙي جيان گهوماٽيون ڪائيندي رهندي. ۽ جيڪڏهن تون مون کي نہ ملين، مان سماج جي سمورين موسمن سان ٽڪر کائي، پنهنجي وجود کي تنهنجي ياد جو المناڪ کنڊر بڻائي ڇڏيندس.‘

ها، صبا ڪڏهن بہ گنڀير آواز ۾ لڙڪ ڀريل نيٽن سان مون ڏانهن ڏسي ائين نہ چيو هو. هن تہ رڳو مون کي چاهيو ٿي. ۽ موٽ ۾ رڳو چاهتن جا ڳاڙها گلاب ٿي ونڻ چاهيا. شادي تہ هن ڪنهن امير ماڻهوءَ سان ڪرڻ چاهي هئي. مون کي اهو چوندي ڪابہ هٻڪ نہ ٿي ٿئي صبا کي تنهنجي ڏنل ذلتن، منهنجي اندر صبا لاءِ محبت جو جذبو جاڳائي ڇڏيو هو. پر مون پنهنجي اندر صبا لاءِ جاڳي پيل جذبي کي، سمورن محبت جي احساسن کي گهر ۾ گهڙي آيل چور سمجهي، ضمير جي ٽڪٽڪيءَ تي چاڙهي ڇڏيو هو. پهرين مون پاڻ کي توهان ٻنهين جي وچ ۾ ڪنهن قيمتي تاج جيان سمجهيو هو. جنهن کي حاصل ڪرڻ وارو سلطنت جو مالڪ ٿي سگهيو ٿي. اهڙي احساس منهنجي اندر مڳي پيدا ڪري ڇڏي هئي. پر ڪجهہ عرصي گذرڻ کان پوءِ، اوچتو مون کي محسوس ٿيو هو، مان توهان ٻنهين جي وچ ۾ ڪنهن فوٽبال جيان رهيو هوس. جيڪو توهان جي عورتاڻي انا پرستيءَ ۾ هوڏ جي لتن ۾ لتاڙجي رهيو هو. ۽ مون پنهنجي دل جي ان چئمبر مان جنهن ۾ صبا لاءِ هر نيڪ ۽ سچي جذبي جا ويو ڪارڊ پيل هئا، ڪڍي يونيورسٽيءَ جي ڇڙواڳ هوائن ۾ اڏاري ڇڏيا هئا.

مان جيڪو ڪڏهن چڙواڳ هوائن وانگر هوندو هوس. توسان ملي ڊنڊ ۾ بيٺل پاڻيءَ جيان ٿي پيو هوس. فيڪلٽيءَ جا ڪاريڊور، ڪلاس روم، يوڪلپٽس ۽ سرينهن سان ڀريل روڊ، پهاڙيون، ديوين جا ننڍڙا جهنگل ۽ هن گهر جو ڪمرو، ڪاٻ تہ ڦير ڦار نہ آئي هئي انهن ۾ ايترو وقت وهامي هن گهر جو ڪمرو، ڪاٻ تہ ڦير ڦار نہ آئي هئي انهن م ايترو وقت وهامي وڃڻ کان پوءِ بہ؟ سواءِ فيڪلٽيءَ جي ديوارن تان ڊاهي ويل پراڻن نعرن مٿان. نئين سر لڳي ويل نعرن جي..........؟ هڪ مخصوص من ۾ سرينهن جي ٽارين ۾ ٽڙي پيل ساڳين گلن جي.......؟ هن ڪمري ۾ اسان ٻنهين جي وچ ۾ ٿيندڙ عمل ۾. پر اهو سڀ ساڳيون هو. ساڳيو ٿي ويندو هو. ماڻهو سيني پر رڙهي يا پنيءَ پر رڙهي پر رڙهندو تہ پوءِ بہ ڏرتيءَ مٿان ئي نہ....؟ ڪيڏي نہ محدود زندگي بڻجي وئي هئي؟ مون ڪي هر منظر چئن ڏگهين ديوارن ۾ ڦاٿل نظر اچڻ لڳو هو. پنهنجي هن ڪمري وانگر؟ ڪڏهن ڪڏهن توسان گهمندي محسوس ٿيندو هو ڄڻ اسان ٻئي گهلجي رهيا هئاسون. ڄڻ ڪنهن اسان جي ڇيلهن ۾ ڪو ڏگهو ڳرو نظر نہ ايندڙ زنجير ٻڌي ڇڏيو هو. هلڪي هلڪي بيزاري ڪر کڻڻ شروع ڪيو هو. جڏهن تون مون ڪي هن ڪمري ڏانهن هلڻ لاءِ چوندي هئينءَ، تہ منهنجي اندر ۾ عجيب موجھ ٿيڻ لڳندي هئي.... نہ چاهيندي بہ توسان گهلجڻ لڳندو هوس. ڇا هو هن ڪمري ۾.....؟ ساڳي کٽ، ساڳيو گلم، ساڳيا صوفا، اها ئي ڏاڪٽين پاسي ڪلندڙ دري، ۽ دريءَ کان ٻاهر ساڳيو منظر.... اها ئي تون، اهو ئي مان، ساڳيا چپ، ساڳيا هٿ، ساڳيا عمل..... نہ ڀيڙيءَ جي چلڻ جو گهرو احساس. مٿانهينءَ کان هيٺاهينءَ ڏانهن گسڪن جو سيسڙاٽ ڪڍي ڇڏيندڙ جذبو... ورجاءُ، ورجايل آسڻ..... موت ۾ ٿڪ شديد ٿي ويل. ۽ پوءِ نري ويل احساس سان برفاٽا هٿ، هٿن ۾ ڏئي ساڳين رستن مٿان گهلجڻ. ايترو ماٺ ڏسي پڇندي هئينءَ:

’چپ چو آهين.....؟‘

’ائين ئي.‘

’ڪجهہ ڳالهاءِ.....؟‘

’ڇا.....؟‘

’سڀ ڪجهہ تہ ڳالهائي ڇڏيو آهي. گهڻو اڳ، هاڻ تہ ڇڙا پڙاڏا آهن.‘

’بيزار ٿي ويو آهين مون مان ......؟‘

موٽ ۾ اندر جي سمورن جذبن کي لڪائي، خالي پيانڪ ٿڪ ڏئي پنهنجي نستين ٻانهن ۾ توکي ڀري چوندو هوس:

’ڪڏهن ماڻهو پاڻ کان بيزار ٿيو آهي ڇا.....؟‘

۽ تون هزارين ڀيرا اڳ پڇيل سوال ورجائيندي هئينءَ:

’مون سان ڪيڏو پيار اٿئي......؟‘

جو منهنجي بيزاريءَ کي توائيءَ ۾ بدلي ڇڏڻ لاءِ ڪافي هوندو هو. پر مان پاڻ تي جبر ڪري ڪوڙ ڪو رومانٽڪ جواب ڏئي ڇڏيندو هوس. اندر ۾ پيدا ٿي پيل ماٺ وڏيڪ

گهري اونهين تي ويندي هئي. ۽ مان مات جي ماري ڇڏيندڙ خاموشيءَ کان ڊڄي توسان گڏ هلندي کيترائي گيت، غزل، آزاد نظم، وايو هڪ ٻئي پٺيان جهونگارڻ لڳندو هوس. اندر ۾ پيدا ٿي پيل ماري ڇڏيندڙ خاموشيءَ کان؟ يا لائجي تنهنجي پڇيل سوال ’چپ ڇو آهين؟‘

جي خوف کان. پر اهو سڀ هوندي به ڪا ڇڪ هوندي هئي جا اسان ٻنهين کي اڪيلائين ۾ هڪ ٻئي لاءِ سوچڻ تي، شدت سان ياد ڪرڻ تي مجبور ڪندي هئي.

تون پنهنجي آخري سال جون سموريون ٽيسٽون ڏئي چڪي هئينءَ. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٿيسز به سبمٽ ڪري ڇڏي هيئي. رزلٽ نڪرڻ تائين پاڻ ملندا رهيا هئاسون. رزلٽ نڪرڻ کان پوءِ تون پهرئين هفتي ۾ ٽي ڀيرا. وچئين هفتي ۾ به ڀيرا. ۽ آخري هفتي ۾ هڪ ڀيرو اچڻ لڳي هئينءَ. پنهنجي چيلهه ۾ نظر نه ايندڙ ڀاري زنجير ڇڻ ڊور پئجي ويو هو. منظرن جي چوڌاري ديوارون ته نظر آيون هئم، پر ڪجهه دور دور. ۽ پهريون ڀيرو مان پاڻ کي ڊگهي عرصي جي نظر بنديءَ کان آزاد ٿيل محسوس ڪرڻ لڳو هوس. سيئي ڏنل ڀيچرا ۽ وڻ ڏوتل ۽ اجرا محسوس ٿيا هئم.

مهيني جا آخري ٻارنهن ڏينهن تنهنجو ريڊيو تي ڪانٽريڪٽ هوندو هو. مهيني جي انهن ڏينهن ۾ تنهنجي ڇوڻ تي روز شام جي تو وٽ اچڻ لڳو هوس. تنهنجي ڊيوٽي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه ڪلاڪ پاڻ ڪڏهن اولڊ ڪئمپس جي ليڊيز پارڪ ۾، ته ڪڏهن شهاب (منهنجو دوست) جي ڊرائنگ روم ۾ گذارڻ لڳا هئاسون. پابندي سدائين مون کي قيد جي احساس ڏياريو آهي سنجها! پر مون هميشه تنهنجي چيل لفظن جو مانُ رکيو هوندو. مان ته انهن منجها آهيان، جيڪي پاڻ عذاب جي پلصراط تان لنگهي به پنهنجين محبوبائن سان ڪيل واعدا پاڙيندا آهن. ۽ تنهنجي خواهش

جي احترام مون لاءِ آسماني ڪتابن پاران موڪليل حڪم جيڏو ئي اهم ۽ احترام لائق هو. اها ٻي ڳالهه آهي تہ انسان هجڻ جي ناتي، هن سماج ۾ رهندي جتي ٻيا بہ رهن ٿا، ڪڏهن ڪڏهن ٻين جي جذبن جو نہ چاهيندي بہ احترام ڪرڻو پوندو آهي. منهنجي وڏي ٽريجدي آها آهي سنجها تہ مان ڪنهن جي بہ بي عزتي ڪري نہ سگهندو آهيان. ٽي وي تي ايندڙ سيريز 'ورلڊ ايٽ وار' (World at war) ۾ ڪڏهن بہ جرمنن جو يهودين کي لتون مڪون ۽ منهن ۾ ٺڪون هڻڻ وارو سيڪيئنز ايندو هو، تہ مان نہ چاهيندي بہ اٿي هليو ويندو هوس. مون کي لڳندو هو، جڻ اهو سڀ ڪنهن يهوديءَ تي نہ پر مون تي وهي رهيو هجي. ان ويل مان ننهن کان چوٽيءَ تائين ذلت جي احساس ۾ ڪرڻ لڳندو هوس.

انهن منجهان آهيان، جن لاءِ ٻار وڏن کان وڌيڪ عزت لائق هوندا آهن. مون کي ياد ٿو اچي..... هڪ پيري پوريءَ رفتار سان (شهر جي روڊن تي آهستي هلي نہ سگهندو آهيان) هڪ اسڪول جي گيٽ وٽان لنگهي رهيو هوس جتي ٻار رسيس هئڻ سبب شيون کائي رهيا هئا، منهنجو ڪچيل هٿ هڪ پنجن سالن جي ٻار جي هٿن ۾ جهليل ڪچورين جي پليٽ تي لڳو هو ۽ پليٽ ڪچورين سوڌي وچي روڊ تي ڪري هئي. يقين ڪر. ان مهل مون کي پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي. مون هن ٻار کي تمام گهڻي معذرت سان اڪٽ چميون ڏئي معافي گهري هئي. ۽ ڪچورين واري کي هڪ پليٽ جي جاءِ تي ٻن پليٽن جا ڏوڪڙ ڏئي هليو ويو هوس. تون ان کي نفسيات جي ٻوليءَ ۾ ڪنهن بہ ذهني بيماريءَ جو نالو ڏئي سگهين ٿي. مون کي ان جي پرواهہ ناهي. مان تہ موڊ ٺيڪ تي پريل روڊن مٿان زور سان ڳائيندي، انڌن کي روڊ پار ڪرائيندي، يا پوڙهن جي مٿن تي ٻار ڍورائڻ ۾ ڪوبہ شرم يا عار محسوس نہ ڪيو آهي. اهو سڀ ڪرڻ کان پوءِ مون کي پنهنجي هئڻ جو احساس وڌيڪ شدت سان ٿيو آهي.

ها تہ مون چيو پئي، تنهنجي خواهشن جو احترام مون لاءِ آسماني ڪتابن ۾ موڪليل حڪمن جيترو اهم رهيو آهي. ۽ جيئن تہ انسان هئڻ جي ناتي هن سماج ۾ رهندي جتي اسان جهڙا ٻيا بہ رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن انهن جي جذبن جو احترام بہ ڪرڻو پيو هوندم. اهڙن موقعن تي يقينن مون ڪان تنهنجي ڪيل خواهش جي عمل ۾ ڪوتاهي ٿي وئي هوندي. جنهن تي تون هميشہ جيان ڏمري بہ هونديءَ (اها تنهنجي منهنجي لاءِ شديد محبت هوندي هئي الائجي تنهنجي ذهن جي ڪنڊ ۾ مون لاءِ رهجي ويل شڪ آ؟)

اها حقيقت آهي تہ تنهنجي دير سان اچڻ ڪري، سرد پئجي ويل محبت جي جذبي ۾ نئين سر، گرمي پيدا ٿي وئي هئي. توڪي گهٽا ڏينهن نہ پسي لڳندو هئم هوائن مان آڪسجين ختم ٿيندي پئي وڃي. اندر ۾ گهٽ وڌي ويندي هئي. جڏهن توڪي اچڻو هوندو هو، اها رات ٻارن وانگر عيد جي صبح جو اوسيئڙو ڪندي اڌ جاڳ اڌ ننڊ ۾ لڏل خوابن ۾ نوان ڪپڙا پائي، مٺائيءَ جي دڪانن تان چانديءَ جي ورڪن ۾ ويڙهيل مٺائي وٺندي گذري ويندي هئي. صبح جو ساجهر اک کلڻ جي باوجود هنڌ ۾ پيو هوندو هوس. تہ جيئن هميشہ جيان تنهنجي سينڊل جو رومانٽڪ آواز، پرس سڻڻ ۽ مخصوص چٽڪٽي لهجي ۾ 'اسلام عليڪم' جو سرهاڻ ڦهلائي چڏيندڙ آواز، پوءِ پنهنجي ويهاڻي جي هيٺيان چابيءَ جي ڳولها ۾ تنهنجي آڱرين گسڪڻ سان گڏ سيف کلڻ جو آواز ٻڌي، آخر ۾ پيرن وٺان تنهنجي هٿن سان رليءَ جي سٽ سان ڏار ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳندو هوس. تون ايندي هئينءَ تہ منهنجي اندر تنهنجي انتظار ۾ سڪي ويل وڻن جي ٽارين ۾ چڻ سوين رنگن جون ربينون ۽ رومال لهرائڻ لڳندا هئا. پر توسان ملڻ پڇاڙا سيئي منظر ساڳين چئين ديوارن ۾ بند ٿي ويندا هئا. تون اچڻ شرط ڪنهن نہ ڪنهن جهيڙي جو بنياد وجهي چڏيندي هئينءَ، ۽ مون ڪي تنهنجي اچڻ جي خوشي، پنهنجي مرتئي جو ماتم لڳندي هئي. محسوس ٿيڻ لڳو هئم تون پنهنجي

چيله ۾ نظر نہ ايندڙ ڳري زنجير جي بار کان بيزار ٿي پئي هئينءَ. نہ چاهيندي بہ گهلجڻ لڳي هئينءَ ان اسهہ بار هيٺ.

مهيني جي پوين ٻارنهن ڏينهن ۾ تو وٽ پابندي سان اچڻ لڳو هوس. پهريان نيوز سيڪشن ۾ پوءِ نہ چاهيندي بہ گيٽ جي ٻاهر. هڪ شام جو گهمندي ڦرندي چيو هيئي:

’ريڊيو جو عجيب ماحول آهي. تنهنجو روز اچڻ تو لاءِ بہ تڪليف ڏيندڙ هوندو.....؟ تنهنڪري اڳتي مان پاڻ تو وٽ ايندي رهندوس. ڪڏهن ڪو ضروري ڪم پيو بہ تہ ظهير کي ميسيج ڏئي ڇڏيندوس. هو توکي پهچائي ڇڏيندو.‘

پوءِ تون پندرهين ڏينهن اچڻ لڳي هئينءَ. امان، ادي وڏي ۽ منهنجي ننڍڙي ڀائيٽي رابيلا تنهنجي کوٽ محسوس ڪرڻ لڳيون هيون. امان اڪثر تنهنجي دير ڪرڻ تي پريشان ٿي پڇندي هئي:

’سنجها کي تہ وٺي اچ..... ڏاڍي ياد ٿي اچي. بيمار تہ ناهي.....؟‘

رابيلا منهنجي سيف تي لڳل هڪ ٻئي جي چيلهن ۾ ٻانهون ڦاسائي نيٽن ۾ گهوريندڙ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي تصوير کي ڏسندي چوندي هئي:

’پنهون؟ هي تون آهين نہ.......؟‘

’ها، ۽ هيءَ ڇوڪري ڪير آهي.....؟ مان پڇندو هومانس. رابيلا جي چهري تي مائيڪل اينجلو جي ناهيل پينٽنگز ۾ معصوم فرشتن جي چهرن تي نظر ايندڙ مرڪ

جھڙي لڪا ٽيڻ لڳندي هئي. نندڙا هٿ ڳلن تي رکي چوندي هئي:

’سنجها چاچي.‘ نندڙا هٿ پڪيڙي وڏي ويل ننهن کي ڏسندي چوندي هئي:

’پنهون......؟ پنهون؟ ڪڏهن ايندي؟ چاچي سنجها، ڪڏهن ايندي؟؟‘

۽ مان توکي ريڊيو تي ٽيليفون ڪري، اچڻ لاءِ چوندو هوس، تون ايندي هئينءَ تہ تنهنجي ايندي ئي محسوس ٿيندو هو جڻ گهر جي پٿين کي نئون رنگ لڳي ويو هجي. امان، ادي وڏي، رابيلا سڀ ڪيڏا ٻهڪي پوندا هئا.

پندرنهن ڏينهن بدران مهيني ۾ هڪ ڀيرو اچڻ لڳئينءَ، گهر ۾ پير پائيندي تنهنجي منهن تي ٽڪ ۽ بيزاريءَ جا سيئي اداس رنگ پکڙجي ويندا هئا. سيني سان ملي پئجي رهندي هئينءَ، ڪڏهن انب جي وڻ هيٺيان، ڪڏهن ورانڊي ۾، هڪ ڏينهن تون منهنجي پر مان اٿي، سيف تي لکيل پنهنجي ۽ منهنجي نانءَ جا حرف اکوڙي ڇڏيا هئا. ڪنهن ٻئي نہ تو منهنجي دل جي ديوار تي لکيل مقدس عبارت کي پنهنجن وڏن ننهن سان کرڙي ڇڏيو هو. جڻ منهنجي دل يونيورسٽي جي ڊپارٽمينٽ جي ڪا ديوار هئي جنهن تي تنهنجو نالو نہ، پر ڪو سياسي نعرو لکيل هو..... منهنجي پر ۾ ويهندي کرڙيل نانءَ ڏانهن ڏسي مرڪندي چيو هيئي:

’صبا جو نانءُ لکي ڇڏجان.‘ ذهن ۾ پرجي ويل ڪاوڙ ۽ ڏک هٿن ۾ اٿلي پيو هو. هٿ هوائن ۾ ڪجهي واپس موٽي آيا هئا. ان لاءِ جو اهو سڀ ڪنهن ٻئي نہ، تو ڪيو هو. ۽ توکي منهنجي هر شئي مٿان اڌيڪا هو، سيف ۾ پيل هر شئي کان وٺي منهنجي جسم جي هر حصي تائين. ڪيلاش ٻڏجي ويو هوس، جنهن جي هر ڏسا برف سٽل هوندي

آهي ۽ اندر آڳ.

تو. ڪي پنهنجي ماءُ جو ڏاڍو خيال ٿيڻ لڳو هو ۽ پنهنجي پيءُ کان شديد خوف. پوءِ تو ڪڏهن به هن ڪمري ڏانهن هلڻ لاءِ نه چيو.

هڪ ڀيري چيو هومانءَ ’هلون.....؟‘ عجيب بيزاريءَ مان چيو هيئي:

’نه، موڊ نه ٿو ٿئي.‘

محسوس ٿيو هئم. تون پنهنجي چيلهه ۾ ٻڌل، نظر نه ايندڙ ڳري زنجير کي ٽوڙڻ جي جاکوڙ ڪري رهي هئينءَ. اڪيلي سرر نه، ڪنهن ٻئي جي مدد سان. ديوارن ۾ قاتل سيئي منظر ڏڏڻ لڳا هئا ديوار سميت. چاهيندي به تو ڪي ڪِس نه ڪئي هئم. نظر آئي هئم چپن مٿان لڳل لپسٽڪ ۾ اجنبيت جي هلڪ هلڪي ڪاراڻ.

هڪ ڏکي وچوٽي کان پوءِ آئي هئينءَ، چيو هيئي:

’ڊپارٽمينٽ هلڻو آهي.‘

’ڪنهن وٽ........؟‘

’ظهير وٽ.‘

’باٽني.......؟‘

’ها.‘

’تنهنجو مودِ آف آهي؟‘

’بِڏائيندي مانءَ.‘

رستي ۾ چيو هيئي: ’اسان جي سيڪشن انچارج اسان جي ٽائپسٽ کي چيو پئي، ظهير چئي ٿو، سنجها پمريان هڪ ليڪڪ سان عشق ڪندي هئي، پوءِ هڪ آرٽسٽ سان، ۽ هاڻ منهنجي پويان هٿ ڌوئي پئجي وئي آهي.‘

چڻ بن ۾ باهہ لڳي وئي هئي. ڪامندو هليو ويو هوس. ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو هوس. توکي ظهير سان ملائي هليو ويو هئم. چو تہ ظهير سان ڦٽائڻ نٿي چاهيم. اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ تون مون کي فيڪلٽيءَ جي ٻاهرين پارڪ ۾ ملي هئينءَ. اسان سانت جي رڻ ۾ پٽڪندا رڙهڻ لڳا هئاسون. پنهنجي منهن ڳالهايو هيئي:
’مون کي تہ اڳي ئي يقين هو، ظهير ائين نہ چيو هوندو...... اها ڪنهن ٻئي جي حرامپائي آهي.‘

ڪجهہ بہ نہ ڪچيو هوس. گهر اچي ڪمري جي ڇت سان لڳل ڪٽ کي ٽيڪ ڏئي اهلي پيو هوس. ۽ تون منهنجي هنج ۾ ليٽي مون ڏانهن تڪڻ لڳي هئينءَ. تنهنجا نيڻ تنهنجي اندر ۾ ڪجهہ لڪل هئڻ جي شاهدي ڏئي رهيا هئا. ڀريل آواز ۾ چيو هئم:

1983ع پنهنجي وڇوڙي جو سال آهي.

هلڪو چرڪ نڪري ويو هيئي، تو تڪڙ ۾ منهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيو هو. لڳو هئم ڄڻ پنهنجي وات تي هٿ رکڻ چاهيو هيئي. پر غلطيءَ ۾ منهنجي وات تي رکجي ويو هيئي. مئل آواز ۾ چيو هيئي:

’اٿين نہ ڇئو.....‘

تو پنهنجو هٿ هٽائي، خشڪ ٿي ويل لپسٽڪ هاٽان چپ منهنجي چپن تي پهريائين رکي، پوءِ ڇهٽائي ڇڏيا هئا. الائجي ڇو......؟ تنهنجا چپ چڪجي سخت ٿي ويا هئا. چيو هئم ٿورو هٽندي:

’ٿورن ڏينهن ۾ ڪيل واعدن سان گڏ ڪس ڪرڻ بہ وساري ڇڏيو اٿئي؟‘

ٿڙيل ساهن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي هئينءَ. خالي آواز ۾ چيو هئم:

’ڪس، تير تاٽيل ڪمان جهڙن چپن جو نہ، ماڪيءَ سان ڀري اڳتي وڌائي ڏنل سپين جهڙن چپن جو نالو هوندو آهي.‘

تو ڍرا پئجي ويل اڌ ڪليل چپ اکيون ٻوٽي، منهنجي هنج مان ڪنڌ ڪڍي مون ڏانهن وڌائي ڇڏيا هئا. ٿريل آواز ۾ چيو هئم:

’ياد ڪري ڇڏ اها ڳالهہ، ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪم اچي ويندئي.......؟‘

تون اڪيون ڦاڙي وائڙائپ مان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي هئين.

هڪ سڄاڻ چيو هو:

’نارد مُني چئي ٿو، سنجها هاڻ پنهونءَ کي سمجهي وئي آهي. وٽس وڃڻ ڇڏي ڏنو اٿئين.‘

درد جو ڪان سيني ۾ کپي ويو هئم، ٿڪ ڏئي ڪلي پيو هئس.

ٻن مهينن ڪان پوءِ آئي هئينءَ. بيزاريءَ ۽ ٿڪ سان گڏ اداسيءَ جو رنگ ٻــ ڇهري تي ڪٽي، گهڻي دير ويهڻ ڪان پوءِ مٺل آواز ۾ چيو هيئي:

’مان توسان شادي ڪري نہ سگهندوس. مون کي پنهنجن ڪيل واعدن تي ڏک آهي. اصل ۾ مون کي اهو سڀ اڳ ۾ ٻڌائي ڇڏڻ گهربو هو... پر اڳ ۾ مون کي اهو سڀ ايڏو ناممڪن نہ لڳندو هو. جيڏو هاڻ ٿي پيو آهي. منهنجو پياءُ الائجي ڇو، تو ڪان ڏاڍو چڙيل آهي. چئي ٿو مان پاڻ کي شوٽ ڪري ڇڏيندس.... مان توسان رومانس ڪيو آهي، مان توسان رومانس ڪندي رهندوس... منهنجو جسم، منهنجا نيڻ، منهنجا چپ، منهنجا هٿ، هميشہ تنهنجا رهندا. توسان نہ، تہ ڪنهن سان بہ شادي نہ ڪندوس.‘

صبا جا جملا سقراط جي آخري تقرير جي سٽن جيترائي امر لڳا هئم. ’سنجها توسان رڳو رومانس ٿي ڪري، رڳو رومانس.‘...........من ۾ اٿلي پيل درد کي لڪائڻ لاءِ ٿڪ ڏئي ڪلي پيو هوس. چيو هيئي:

’مون کي خبر آهي، تنهنجا ٿهڪ جيڏا اونچا آهن، تنهنجو درد اوڏو گهرو آهي.

’درد.....؟ درد جو زهر تہ ناگا ساڪي ۽ هيرو شيما جي تباهي کان بہ اڳ هوائن ۾ مليل آهي.‘

اداس لهجي ۾ پڇيو هيئي:

’منهنجي مري وڃڻ جو ڀڏي روئيندين.......؟‘

’گهڻو اڳ، هر ڳالهہ تي ٻار ٻڄي روئي ڏيندو هوس. هاڻ چاهيندي بہ روئي نہ سگهندو آهيان.... ڪجهہ ڏينهن ٿيندا، هڪ جلوس تي گولي هلائيندي پوليس منهنجي هڪ جگري يار کي شوٽ ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ هن ڪوبہ نعرو نہ هنيو هو. هو تہ ٿڌي پاڻيءَ جي ڳولها ۾ نڪتو هو. ان ڏينهن کان روئڻ جي ڪوشش ۾ آهيان، اندر سڄو تنور ٻڄي ويو آهي. ٻاهران لباس جو برف ۾ ڍڪيل آهيان.....لڳي ٿو سمورا لڙڪ اندر جي ڇر سبب ٻاڦ ٻڄي اڏري ويا آهن......‘

اٺندي چيو هيئي:

’مان ايندي رهندوس.... تون ٽيليفون ڪندو رهجانءِ؟‘ تو کي بس اسٽاپ تي ڇڏڻ هليو هوس، اوله طرف نهاريو هيئي.

لهندڙ سورج جا سمورا اداس رنگ تنهنجي عينڪ جي شيشن تي لهي آيا هئا.

مونجهه وڌي وئي هئي. ڪراچيءَ هليو ويو هئم، پنهنجي دوست عليءَ وٽ. سندس گهر ۾ سانت لڳي پئي هئي. هو ڊسٽرب ٿي لڳو ڊرائينگ روم ۾ صوفا تي اڌ ستل، ڪجهه سوچي رهيو هو. مون کي ڏسندي خوشيءَ مان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو هوس. چيو هئائين:

’سنو ٿيو جو اچين وئين.......نيرن ڪئي اٿئي.........؟‘

’نه.‘

’اچ ته ڪرايانءَ.........‘

ٻانهن کان گهليندو هليو ويو هو. اڱڻ ۾ هٽرادو ٻٽيل بورچيخاني ڏانهن.

’پاپي ڪاٽي آ......؟‘

’ان کي ڇڏي.‘

هو ڊبل روٽيءَ تي مکڻ هڻڻ لڳو هو. ۽ مکڻ هڻي سيکڻ لڳو هو.

’ٻار ڪاٽي آهن.....؟‘

ڳليءَ ۾ راند ڪيڏندا هوندا.‘

اوچتو پر واري ڪمري مان هڪ وڏو سڏ ڪو اڀريو هو.

عليءَ زور سان چيو هو:

’روئو.........اجان زور سان رئو. آواز نہ ٿو اچي.‘

’ڪير ٿو روئي.........؟‘

’بس ڙي يار، روئي ٿي پنهنجن پاڳن تي.‘

ٿڪل ڏئي ڪلي پيو هئم. اهو سڀ مون لاءِ نئون نہ هو.

ها، ڪنهن ٻئي لاءِ نئون ٿي سگهيو ٿي. هن سلائيز ناهي. ڪجهہ مون ڪي ڏنا هئا ۽ ڪجهہ اندر ڪٽي ويو هو. ڪمري مان آواز آيو هو:

’آ.....اُٿ ڪاءُ.‘

’مان نہ ڪائيندس......‘ ۽ سڏ ڪن جو نہ ختم ٿيندڙ سلسلو.

’اٿ جان، ڪاءُ.‘

’مان نہ ڪائيندس نہ ڪائيندس....‘ ۽ سڏڪن جو نہ ختم ٿيندڙ سلسلو.

’مان چوانءِ ٿو، اٿي ڪاءَ.........؟‘

’ڇئي ڇڏيم نہ ڪائيِنديس. مون کي تنگ نہ ڪر.‘

اوچتو هڪ زوردار چماٽ جو آواز آيو هو. ۽ منهنجي دوست جو ڪاوڙ ۾ ٻڏل جملو:

’اٿ ڪاءُ، مان توکي جيڏو پيار سان چوان ٿو. اوڏي وڏي ايڪٽنگ ٿي ڪرين.........؟‘

سڏڪن جو سلسلو ڪجهہ وڌيڪ بلند، ڪجهہ وڌيڪ تکو ٿي ويو هو. هو ٻاهر نڪري آيو هو. سندس منهن تي ڪنهن ڪاوڙ جو تاثر نہ هو.

مون سان گڏ ويهي، سلائيز کائڻ لڳو هو:

’ڳالهہ ڇا ٿي آهي......؟‘

مون کي اک هٽي بلند آواز ۾ چيو هئائين:

’وڃي پڇيس...........؟‘

اندر ويو هوس. ڀاڀي اونڌي منهن پلنگ تي روئي رهي هئي. سڏڪن سبب سڄو جسم لڏي رهيو هوس.‘

’ڇا ڳالهہ ٿي آهي، ڀاڀي......؟‘

منهنجو آواز ٻڌي پاپي سانت بڻجي وئي هئي.

’عليءَ ڪجهہ چيو اٿئي.....‘ علي اندر آيو هو. چيو هئائينس:’ٻڌائينس ٻڌائينس.....؟‘ ۽ پاپيءَ جي سڏڪن جو سلسلو ٻيهر شروع ٿي ويو هو.

’ٻڌائينس نہ، پڇڻ آيو ٿئي.....؟‘ پاپي منهن مٿي ڪري ڏٺو هو. سڄول چهرو لڙڪن سان وهنتل هوس. سڏڪن وچ ۾ چيو هئائين:

هن ڪان ئي پڇي وٺ....؟“

’مان تہ اصل توکي ڪهاڙيون هنيون آهن....؟‘ علي جي لهجي ۾ هلڪي توڪ ايري آئي هئي، ۽ پاپي سڏڪن ۾ پئجي وئي هئي.

’اٿ تہ هلون ڙي.‘ عليءَ ٻانهن کان وٺي ٻاهر گهليندي چيو هو. پاپي تڪڙ ۾ پلنگ تي اٿي ويني هئي. رڙ ڪري چيو هئائين:

’تون ٻاهر نہ ويندين.‘

’ڳالهہ ڇا ٿي آهي، پاپي.....؟

’صبح جو نڪرندو آهي تہ رات جو بيگاهہ وقت ايندو آهي. گهر ۾ چوويهہ ڪلاڪ دوست هوندا ٿس. مان اڪيلي ٻن ٻارن کي ڪيستائين سنڀاليان.....؟ اڄ اسڪول ۾

ٻارن کان امتحان ونڻو هو، چيو مانس، اڄ تون اسڪول نہ وڃ ٻارن سان گهر ۾ هڄ. چيائين، هڪ کي تون وٺي وڃ. مان ٻار سنڀاليان يا اسڪول ۾ ٻارن کان امتحان وٺان....؟

..........سڄي گهر ۾ گاسليٽ هاري چڏيو اٿائين. باهہ پئي ڏنائين. '

سڏڪن جو سلسلو ٻيهر شروع ٿي ويو هو.

مون پڇيو هو:

'تہ ان ۾ وڙهڻ جي ڪهڙي ڳالهہ هئي.....؟'

عليءَ چيو هو:

'هيءَ اهو سڀ ٻارن سامهون ڪندي آهي.. رڙيون، واڪا، روئڻ....اڄ بہ ٻنهي ٻارن کي چماٽون وهائي، سامان ڪٽي پنهنجي گهر وڃڻ لڳي هئي.... تون ئي ٻڌاءِ، اهو سڀ ڏسڻ کان پوءِ ٻار 'ان سيڪيورٽي' جي مرض جا شڪار نہ ٿيندا........؟ سائيڪ ڪيس نہ بڻبا........؟...........اڇ هلون' هو مون کي ٻانهن کان وٺي گهلڻ لڳو هو. ٻاهر پيءُ پڙڪو ڏئي اٿندي چيو هو:

'وڃين ٿو تہ پنهنجي ٻارن کي بہ وٺيون وڃ. مان نہ سنڀاليندي مان. ۽ سيف منجهان ڪپڙا ڪڍڻ لڳي هئي.

’نہ سنياسين، پاڻ ئي فوت پات تي ڏکا ٿابا کائي وڏا ٿي پوندا. ‘

علي مون کي ٻانهن کان گهليندو ٻاهر وٺي ويو هو. ڳليءَ ۾ پاڇيءَ جا آواز پڙاڏا ڪرڻ لڳا هئا.

’آئون چوانءَ ٿي، وٺيو وڃ پنهنجا ٻار......؟‘ علي مون کي گهليندو ئي هليو ويو هو. چيم هئم:

’توهان کي نہ وڙهڻ گهرجي..........‘

’منهنجي شديد محبتن هن جو دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي.......‘

علي چوندي چپ ٿي ويو هو. محسوس ٿيو هئم، ان جملي کان پوءِ هن گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو هو. جيڪو مون بنا ٻڌڻ جي ٻڌي ورتو هو. اسان منهوڙي هليا ويا هئاسون. علي سمنڊ جي ڪناري تي ليٽي سمنڊ کي ڏسڻ بدران آڪاش جي وسعتن ۾ گهورڻ لڳو هو. مان سوچڻ لڳو هوس. (لو ميريج اهو جهاز آهي، جيڪو آڪاس جي بلندين تي پهچي امالڪ پنهنجو ٻارڻ وڃائي ويهي. ۽ تڏهن پيل تاري جيان ڪرڻ لڳي ڌرتيءَ ڏانهن پوري رفتار سان.) سوچي ڇڏيو هئم. محبتن ۾ يا شديد پيار ڪرڻ گهرجي، يا شديد نفرت. شادي هر گز نہ.

تنهنجي شادي نہ ڪري سگهڻ جي مجبوريءَ کي خوبصورت سبب ڏئي پاڻ کي آجو ڪري ڇڏيو هئم. ها سنجها، اها پيڙا جيڪا ماڻهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪرڻ کانپوءِ بہ وڃائي نہ سگهي. بهتر آهي ڪجهہ بہ نہ پائي پوڳيندو رهي......پائي وڃائڻ جي پوڳنا

ڪان وڃائي ڪجهہ نہ پائڻ جي پوڳنا وڏيڪ بهتر وڏيڪ سڦلتا واري هوندي آهي. پائي بہ ڪجهہ نہ پائي سگهجي. اهڙي پائڻ ڪان نہ پائڻ، ڪيڏي عزت جوڳي وک آهي.....؟ ها، ماڻهوءَ ڪي رڳو محبت ڪرڻ گهرجي. بي انتها ..... سيني ٻنڌڻن ڪان آزاد پيار، هوائن ۾ مٿي تمام مٿي نيري آڪاس جي وسعتن هيٺ اڏامندڙ اڇي ڪبوتر جهڙو اجرو پيار، مون کي مان هو تہ، تو مون کي نہ پائيندي بہ ايترو چاهيو ٿي. منهنجي من ۾ تنهنجو تقدس وڏيڪ گهرو ۽ سگهارو ٿي ويو هو. اهو سڀ سمجهي وٺڻ ڪان پوءِ منهنجو وجود بلڪ هلڪو، پوپٽ جهڙو ٿي ويو هو. ۽ مان سک جي ننڊ سمهي رهيو هوس.

هڪ ڏينهن منهنجو ساڳيو گهرين نيٽن وارو ڪهاڻيڪار دوست مون وٽ آيو هو. اکين ۾ نهاري گنڀير آواز ۾ چيو هئائين:

’ٻڌو آهي سنجها تو کي ڇڏي ڏنو آهي.......؟‘

منهنجي چپن مٿان اپريل گهاٽيون مچون بہ شايد چپن تي پکڙجي ويل مرڪ کي لڪائڻ ۾ ناڪام ويون هيون. جواب ۾ منهنجو دوست بہ هلڪو مرڪي پيو هو. چئو هئم:

’تنهنجو اهو جملو، بلڪ ائين آهي، جيئن ڪوئي ڪنهن کي چئي، هو ماڻهو ٻن سالن ڪان ساهہ کڻڻ بنا جي رهيو آهي.‘

منهنجو جملو ٻڌي، منهنجو دوست پنهنجي آواز جيان گنڀير ٿي چيو هو.

’سنجھا اڄ ڪلھ ريڊيو تي نيوز ٽرانسليٽ ڪندڙ ڪنهن ظهير ڇوڪري سان گھمڻ لڳي آهي....؟‘

ٿڪ منهنجي ڪاڪڙي جي گھٽ مان چونڪڙيون پرينڊا هليا ويا هئا.

’ظهير..... ظهير منهنجي پيارن دوستن مان هڪ آهي. بيحد سلجھيل ۽ سباجھو، ڪيس سُٺ آهي تہ سنجھا منهنجي محبوبا آهي.‘

’ٻڌائڻ واري کي شايد ان ڳالھ جي سُڌ ڪونهي.... نہ تو مون سان اهڙي ڳالھ نہ ڪري ها. ڇو تہ اسان سنڌي، پنهنجن دوستن جي محبوبائن کي پنهنجين ڀيڻن جيڏو ئي مقدس سمجھندا آهيون... اسان تہ انهن ويشائن ڏي بہ نہ ويندا آهيون، جن سان اسان جي يارن واسطا هوندا آهن.‘

هڪ ٻہ ڀيرا توسان ٽيليفون تي ڳالهائڻ چاهيو هئم. پر لائين ۾ گڙ ٻڙ هئڻ سبب منهنجو آواز تو تائين پهچي نہ سگھيو هو.

وقت گذارڻ لاءِ پيوءَ وٽ هليو ويو هوس. ڪيتري دير منهن ۾ تڪيندو رهيو هو. مرڪي پيو هئس:

’منهنجن نيٹن ۾ ڪو سچ وچائجي ويو اٿئي ڇا....؟‘ ڏکويل آواز ۾ چيو هئائين:

’ٻڌو آهي، تو ۾ ۽ ياڄائي سنجھا ۾ سيپريشن ٿي وئي آهي؟‘

وچون وٺي ويا هئم:

’آخر اهڙين غلط ڳالهين ڦهلائڻ ۾ ماڻهن کي ڪهڙا گنج ٿا ملن.....‘

ڏاڏا جڪ آيا هئم پپوءَ وٽان بنا چانهه پيئڻ جي هليو ويو هوس.

تنهنجي اچڻ جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو هوس. يا شايد ماڻهن جي ڳالهين منهنجي انتظار ۾ شدت آڻي ڇڏي هئي. صبا جي چواڻي توکي پاڻ تي ڊامينيٽ ڪري ڇڏيو هئم. ايترو جو منهنجو وجود تنهنجي نانءَ جو پڙاڏو بڻجي پيو هو، توکي پسي پنهنجي هئڻ جو احساس جاڳي پوندو هو.... منهنجي جيون ۾ تون پهرين ڇوڪري نه هئينءَ سنجها؛ جنهن سان محبت ڪئي هئم: بلڪل ائين جيئن تنهنجي جيون ۾ مان پهريون ڇوڪرو نه هوس جنهن سان تو محبت ڪئي هئي. توکان اڳ منهنجي جيون ۾ جيڪي به آيون هيون ۽ هليون به ويون هيون، تن جي هلي وڃڻ تي منهنجو اندر ڪڏهن به هيروشيما بڻجي نه سگهيو هو. چاهيندي به راتيون جاڳي هنن کي ياد ڪري نه سگهيو هوس. شايد ان ڪري، جو هو سڀ منهنجي دل جو دروازو کڙڪائي، مون کان اجازت وٺي مون تائين پهتيون هيون ۽ تون پهرين ڇوڪري هئينءَ جنهن منهنجي دل جي دروازي کي پوريءَ سگهه سان کولي ڇڏيو هو. بنا کڙڪائڻ جي، بنا ڪنهن اجازت جي. ۽ اندران ڪنڍي هڻي مون تائين پهتي هئينءَ. تڏهن منهنجي ’ٽين ايج‘ محبوبا مهنجي دل جو دروازو بند ڏسي، اجهل محبتن جا ڪٽي آيل گل، سر جهڪائي واپس ڪٽي وئي هئي. ۽ پوءِ وفا انهن عقيدت جي گلن کي چپ چاپ پنهنجي ڪورس جي ڪتابن ۾ رکي ڇڏيو هو. اڄ تائين اهڙي ڇوڪري نه ڏٺي اٿم سنجها، جيڪا پنهنجن ڏنل مقدس جذبن جو ايمان پنهنجن نيڻن سان ڏسندي به سياري جي رات جيان ماٺ رهي. ۽ پنهنجي دل جي دروازي سان گڏ نيڻن جا سمورا تاڪ کولي انتظار ڪندي

رهي.

ڪنهن ٻڌايو هو ته ڪي بلڊ ڪينسر آهي. مون کي ياد اچي وئي هئي، سيفل ملوڪ ڍنڍ تي گذاريل اها شام. جنهن جا سيئي رنگ ڏسندي ڏسندي ڍنڍ جي شفاف جل ۾ لهرائيندا ٻڏي ويا هئا. مان بنا پٽ ڏانهن ڏسڻ جي توڏانهن ڊوڙندو هليو آيو هوس. پر تنهنجي ويجهو پهچي سڌ پئي هئم، تون ڪنهن جسماني بيماريءَ ۾ نه پر ذهني موجنجهارن جي دٻائن هيٺ پنهنجي وجود کي جيئارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئينءَ. انهيءَ زماني ۾ ڏٺم هئم. تون ننڍ جون گوريون گهٽائيءَ ۾ واپرائيندي هئينءَ. ايٽريون جو صبح جو ڊپارٽمينٽ ۾ ڳالهائيندي، گهمندي جهولڻ لڳندي هئينءَ. ساهت، آرٽ ۽ سياست تي جيڏو خوبصورت ڳالهائيندي هئينءَ، اوڏيءَ خوبصورتيءَ سان ڪوڙ به ڳالهائي سگهندي هئينءَ. ۽ جنهن مهل تو ڪوڙ ڳالهايو هو، ان ڳالهايل ڪوڙ کي گذرندڙ ڪنهن به گهڙيءَ ۾ ڪوڙ مڃڻ لاءِ تيار نه تي هئينءَ. اهڙا ڪوڙ تون رڳو پنهنجي بچاءَ لاءِ ۽ ٻين جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ جڳهه پيدا ڪرڻ لاءِ ڳالهايا هوندا. هر ڳالهه جي انتها تائين پهچڻ جي سگهه سان گڏ تون ڳالهائڻ جي ڏات کان به چڱي ريت واقف هئينءَ. منهنجا گهٽا دوست تنهنجي ڳالهين کان متاثر تي تنهنجي عزت ڪرڻ لڳا هئا. اڪيلائيءَ ۾ جڏهن به ويهي تنهنجي اينالائيس ڪئي هئم ان نتيجي تي پهتو هوس ته سنو ڳالهائڻ ۽ بولڊ نيس تو ۾ ان ڪري اپري آيو هيون يا تو پيدا ڪري ورتيون هيون جو تو ۾ ظاهري ڪو ايڏو خاص ’آٽريڪشن‘ ڪونه هو. پهرين محبت جي ناڪاميءَ تو ۾ سيڊازم ۽ انسيڪئورٽيءَ جو احساس پيدا ڪري ڇڏيو هو.... انهيءَ سبب تون مون سان ننڍين ڳالهين تي وڙهي پوندي هئينءَ. مون کي پاڻ کان هڪ پل لاءِ به الڳ ٿيڻ نه ڏيندي هئينءَ. پوِ اوچتو ئي اوچتو... تنهنجو چهرو، ٿڪ ۽ بيزاريءَ جو مهان پورٽريٽ بڻجي پيو هو. مون وٽ اچڻ ڇڏي ڏنو هيئي. ماڻهو عجيب ڳالهيون ڪرڻ لڳا هئا. ٻن مهينن کان پوءِ به جڏهن تون نه آئي هئينءَ ته انتظار

ڪري نہ سگھيو هوس. توکي ڏسڻ لاءِ منهنجا پير پاڻ مرادو ريڊيو اسٽيشن جي گيٽ ڏانهن وڌڻ لڳا هئا. جهوني پپر جي اوٽ ۾ بيهي تنهنجو انتظار ڪرڻ لڳو هوس. ۽ شام چڙهي پپل جي پنن مان ڇڻي سڄي حيدرآباد مٿان ڇانئجي وئي هئي. توکي ڏسڻ جي شدت وڏيڪ گهر ٿي وئي هئي. چاهيو هئم تون جلدي نڪري اچ. پر تون ٽائيم ڪان بہ ڪلاڪ دير سان نڪتي هئينءَ. ظهير توسان گڏ هو. مون کي سُڌ هئي تہ هو توکي گيٽ وٽان ئي رڪشا پڪڙي ڏيندو پر مان اهو ڏسي حيران ٿي ويو هوس تہ هو توکي گيٽ وٽان رڪشا پڪڙي ڏيڻ بدران تنهنجي پير ۾ هلڻ لڳو هو. توهان ٻئي هڪ ٻئي جي پير ۾ وک وک هلڻ لڳيا هئو. بلڪل ائين، جيئن اڳ تون مون سان انهن روڊن تي هلندي هئينءَ ۽ هلندي، ايندڙ رومانٽڪ مستقبل جا خواب ڏسندي هئينءَ....پير پير ٺهڪ ڏئي ٽڙي پوندي هئينءَ. اڄ انهن روڊن تي تون ظهير سان مرڪون ورهائيندي وڃي رهي هئينءَ. منهنجي پيار جي شهر تي دک جو ايٽم بم ڪري پيو هو، ۽ سڄو اندر هيروشيما بڻجي ويو هو. سموريون عقيدتون، محبتون ۽ تقدس جا پرزا هوائن ۾ اڏامڻ لڳا هئا. ذهن خالي، زبان ميٺ، نڙي ڪنڊن ڀريل سرنگھہ بڻجي پئي هئي. مرندڙ احساس ڪان منهنجا پير پاڻ مرادون توهان جي ڇڏيل پيرن مٿان ڪجهڻ لڳا هئا. تنهنجي پيرن ۾ پينسل هيل پاتل هئي، اها پينسل هيل سنجها، جيڪا تو منهنجي ڊائري پڙهڻ ڪان پوءِ لاهي ڇڏي هئي. اهو چئي تہ، ’هاڻ تون ڪڏهن بہ هيل جا آواز پاڻ ڪان پري ٻڌي نہ سگھندين. ڇو تہ مان تنهنجي آخري منزل آهيان. ۽ مان پنهنجون سمورين بچايل محبتون تو مٿان وارڻ چاهيان ٿي.‘

ان شام مان تنهنجي پينسل هيل جا آواز پاڻ ڪان پري ٿيندي ٻڌي، توڏانهن ڊوڙڻ چاهيو هو، نستين ڏنگن پُرندڙ وجود سان، بلڪل ائين، جيئن ڪو ٻار وچ شهر ۾ ناراض ٿي ويل ماءُ پٺيان ڊوڙڻ لڳي. تنهنجا زندگيءَ سان ٽمٽار ٺهڪ منهنجي جسم تي پريشر ڪڪر مان نڪتل ٻاڦ جيان لڳي رهيا هئا. ۽ مان وٽندڙ ٽڌ هوندي بہ

پگهرجي درياهہ ۾ ٻڏي ويو هوس. تون هيئنءَ جو ٻنا پٽ ڏانهن نهارڻ جي، خوابن جي نئين حسين واديءَ جي ڏنڌ ۾ ويڙهجي وڃي رهي هئينءَ. اڳتي گهٽو اڳتي. سموري جسم جي سگهہ، پيرن جي ترين ۾ ميڙي، هڪ ڳليءَ مان شارٽ ڪٽ ڪري توهان جي اڳيان اجنبين جيان وڃڻ لڳو هوس. مون ڪي اوچتو ڏسي ڇرڪجي وئي هئينءَ. مهينن کان لڪيل اندر جي ڳالهہ منهن تي وائکي ٿي پيئي هيئي. مون ڏانهن ڏسي ائين ڪلي ڏنو هيئي. جيئن پنهنجي ئي گهر ۾ چور ڪندي ڪو پڪڙجي پئي ۽ اندر جي خوف ۽ شرم کي لڪائڻ لاءِ کلي پئي ڦڪي کل. منهنجي ڇهري تي پاڻ لاءِ ڪابہ سڃاڻپ جي لڪا نہ ڏسي ڇيو هيئي:

’امان ڪيئن آهي......؟‘

’ٺيڪ آ_هي.‘ نڙيءَ مان اوپرو آواز نڪتو هو. ٻيهي نہ سگهيو هوس. دل جي ڌپ لپ ڌپ لپ آفريڪا جي گهاٽي جهنگل ۾ اماس رات جو. ڪنهن اداس شيديءَ جي گوڏن ۾ ڦاٿل نغاري مان نڪرندڙ دم دم ٻڌجي وئي هئي. جنهن جي پڙاڏي ۾ سڄو شهر جهنگل سراپجي ويو هو. ٽڙندڙ وڪن سان وڃڻ لڳو هوس. شهر جا سڀ دڳ قبرسان ڏانهن ويندي لڳا هئم. تو پنيان سڏ ڪيا هئا. ۽ مون کي اهي سڏ واٽ ويندڙ کان ٽائيم پڇڻ وارا محسوس ٿيا هئا. اسٽريٽ لائيٽس قبرن مٿان ٽمڪندڙ ڏيئا لڳيون هيون. سمورا خواب نيٽن مان اڏامي آسمان ۾ ٽمڪندڙ تارا ٻڌجي پيا هئا. پٽون ٻڌجي ويل روڊ مٿان پٽڪڻ لڳو هوس:

’او_نو. مون سان ويساهہ گهاتي.....؟؟ مون سان_؟؟.....؟؟_ هن آخر ائين ڪري ڇڏيو.....؟_ او، نو. امپاسيبل. امپاسيبل...... ناممڪن. هو منهنجو دوست.... هوءَ منهنجي محبوبا .... منهنجي زندگيءَ، منهنجي پٽني.... منهنجو دوست منهنجو موت_ منهنجي زندگي.... منهنجو موت، منهنجي زندگي، منهنجي محبوبا.... ويساهہ گهاتي

موسان .....؟..... پھنجي پٽي سان؟ پنھنجي دوست سان؟؟ مون سان.....؟ خدا سان؟ ۽ ...... اونو نو نو.... اهو سڀ ناممڪن آهي، امپاسبيل.......‘

اوچتو پٺيان ڪنھن چيو هو:

’چا ناممڪن آهي، چا ممڪن. سڀ ناممڪن آهي. سڀ ممڪن، جو ڪجھ آهي ممڪن ۽ ناممڪن جي وچ ۾ آهي. پائڻ ۽ وڃائڻ جي وچ ۾.‘

ڇرڪ ڀري پٺيان ڏٺو هئم. گوتم بيٺو مرڪي رهيو هو خشڪ چپن تي زبان ڦيري چيو هئم:

’تون_ گوتم_ آهين نہ........؟...........؟‘

ٺهڪ ڏئي چيو هئائين:

’دوستن کي سڃاڻن ڪڏهن کان ڇڏي ڏنو اٿئي......؟‘

’ڏس، مان.... هن وقت بہ توکي سڃاڻان ٿو. جڏهن تہ شھر جا سمورا رستا وسري ويا اٿم.‘

ٺهڪ ڏئي کلي پيو هو. ٻانھن ۾ هٿ وجھندي چيو هئائين:

’ڪا ڳالھہ ناهي. مان تنھنجي مدد ڪندس.‘ ۽ ڇرڪ ڀري پنھنجو هٿ منھنجي

ڪرائيءَ مان ڪڍي ڇڏيو هئائين.

’توکي تہ ڏاڍو بخار آهي؟‘

’مان ٺيڪ آهيان. تنهنجا هٿ ٺري ويا آهن.‘

’ڪجھہ پيتو اٿئي ڇا......؟‘

’نہ.... پيئاريندين..........؟‘

’سنجها ڪيئن آهي؟‘

ڪنهن پوريءَ سگھہ سان سيني مٿان ٺونشو وهائي ڪڍيو هو. ٻڏي ويو هوس، درد جي پئسفڪ ۾ــ ٻيهر پڇيو هئائين:

’سنجها ڪٿي آهي.....؟‘

’سنجها......‘ چيو هئم ’سنجها پنهنجي نئين پريميءَ سان.‘

گوتم ٺهڪ ڏئي چيو هو:

’ناممڪن.‘

ميت چپن تي زبان ڦيرائي جهيڻي آواز ۾ چيو هئم:

’سڀ ناممڪن آهي، سڀ ناممڪن؟‘

گوتم سرد آهه ڀري، منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهن وراهه چڙهي هئي.

گوتم منهنجن انهن دوستن منجهان هو _ جن سان چاهيندي به فري نه ٿي سگهبو آهي. جن سان پنهنجائپ هوندي به اوپرائپ محسوس ٿيندي آهي. جن سان ملي ڳالهائڻ کان ڪلڻ تائين، ڪلڻ کان هلڻ تائين سڀ ڪوڙو لڳندو آهي. اهڙن دوستن سان ملي منهنجو ساهه ٻوساٽجڻ لڳندو آهي. انهيءَ ڪري گوتم کي پري کان پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي، لنوائڻ لڳندو هوس. پر ان رات هن سان ائين اوچتو ملي پنهنجائپ جو شديد احساس ٿيو هئم. ان گهڙيءَ گوتم مون کي اهڙي ريلنگ لڳو هو، جنهن کي پڪڙي پاڻ کي هيٺياهينءَ ڏانهن ڪرڻ کان بچائي پئي سگهيس، پيرن کي ڏرتيءَ مٿان ڦٻائي هن سان هلندي چيو هئم:

’مون کي اڄ تنهنجي ڪمپنيءَ جي ضرورت آهي....؟‘

’مان توسان گڏ آهيان.‘ گهڙي رکي چيو هئائين: ’اڳ ۾ ڊاڪٽر وٽ هلون.‘

’نه مون کي وڊيو سينٽر وٺي هل.‘

’وڊِيو سينٽر....؟‘

’ها.‘

’ڪهڙي گيم کيڏندو آهين؟‘

’فراگر‘

’فراگر....؟....‘ جنهن ۾ ڏيڏر کي ٽريفڪ ڀريل شاهراهه پار ڪرائڻي پوندي آهي‘

’ها اهائي.‘

’ريلي ايڪس، ٽينڪ، گليگا، ٽائيم پائلٽ ڇو نه کيڏندو آهين؟‘

’مون کي انهن راندين مان ايندڙ ڌماڪن، جهازن جي سيٽين ۽ گولين جي آواز کان چڙ آهي.‘

’پر فراگر ته ڪوئي به نه کيڏندو آهي....؟‘

’مان کيڏندو آهيان، جنهن ڏينهن ڪنهن جي مدد ڪري نه سگهندو آهيان. جنهن ڏينهن سخت دکي هوندو آهيان.‘

وڊيو سينٽ هليا ويا هئاسو. ’فراگر‘ جي ڪيبن هميشه جيان خالي پئي هئي. ۽ ’اسٽار وارو گيمز‘ تي ماڻهن جا هشام متل هئا، هنن جي چپن تي ڀيانڪ مرڪ ۾ اکين ۾ وحشت ڀريل هئي. مان ڪائونٽر تان به ٽوڪن وٺي هڪ فراگر جي ڀانڊاري ۾ وجهي

ڇڏيو هو. ٽريفڪ، اسپيڊ سان ڊوڙڻ شروع ڪيو هو مان فراگر کي ٽريفڪ پار ڪرائڻ لڳو هوس. مسلسل فراگر کي ٽريفڪ پار ڪرائيندو رهيو هوس. ۽ بونس/ ثواب ڪمائيندو رهيو هوس. گوتم چيو هو:

’ڏهه ٿيڻ وارا آهن، يونيورسٽيءَ جي آخري بس هلي نه وڃي.‘

سنجها، وڊيو سينٽر مان ٻاهر نڪرندي ئي توکي ٻيهر ظهير جي پير ۾ هلندي ڏٺو هئم. پاڻ کي توهان جي پٺيان هڪ سين هئي جنهن جو ڪوبه چيڙو نه هو. جنهن ۾ هڪ پل لاءِ به وقفو نه پئي آيو. ان سين سان گڏ ڪوئي هو جيڪو مسلسل منهنجي دل مٿان خنجرن سان وار ڪري رهيو هو. پر مان هوس جو مئس ئي نه ٿي. رڳو ٽڙپيس پئي، رڳو ٽڙپيس پئي، خنجر جي نه کٽندڙ گهائن تي. ٻڏل ڏٺو هئم پاڻ کي پهاڙ جي چوٽي مٿان، ڳچهه منهنجو جيرو ٽڪڻ لڳي هئي_ (پروميٿس بڻجي پيو هوس)_ گوتم آخري بس ۾ سٽيل شاگردن ڏانهن ڏسندي چيو هو:

’سول هاسپٽل وٽ لهي پونداسون....؟‘

’نه مان ڪابه بخار جي گوري ڪائي، ٺيڪ ٿي ويندس.‘ گوتم سان سندس هاسٽل اچي ويو هوس. مون کي ڏسي، سندس روم پارٽنر ڪنهن ٻئي روم ڏانهن هليو ويو هو. گوتم پاڻيءَ سان ڀريل گلاس ۽ ’نولجين‘ آڻي ڏني هئي. گوري ڳهي گوتم جي ٽيبل تي پيل رف بوڪ ۽ بال پين کڻي، پلنگ تي ويهي پٺ کي ٽيڪ ڏئي تو ڏانهن ڪلڻ لڳو هوس. چا....؟ مون کي هن مهل چڱيءَ طرح ياد ڪونهي. پر مان لکندو رهيو هوس. منهنجي دل پنن تي ڊوڙندڙ بال پين کان وڌيڪ رفتار سان ڌڙڪي رهي هئي. جسم مان چر نڪرندي محسوس ٿي رهي هئم. گوتم ماني آڻي رکي هئي. چيو هومانس:

’مون کي ڇانهہ گهرجي گوتم، بنا کنڊ کير جي سخت ڪڙڪ...؟‘

ڪڙڪ ڇانهہ جا ڏک پريندو هليو ويو هوس. ان وقت مون کي ڇانهہ جي ڪوڙاڻ نہ جهڙي لڳي هئي. بلڪل ائين جيئن، نانگ جي ڏنگيل کي نم جو وٽو پيئڻ مهل ڦڪو محسوس ٿيندو آهي. ڇانهہ پي ٻيهر لڪڻ لڳو هوس. گوتم منهنجي اکڙيل ساهن کي ڏسي، هٿ ۾ جهليل ميگيزين هنڌ تي ڪليل ڇڏي، منهنجي پير ۾ اچي ويهي رهيو هو. لڪڻ بند ڪري ڏانهنس ڏسڻ لڳو هوس. همدرديءَ مان چيو هئائين:

’تنهنجي طبيعت نيڪ ناهي، تو کي آرام ڪرڻ گهرجي....؟‘

ڪوبہ خواب نہ ڏٺي سگهيو هوس. چيو هئائين:

’بتي وسائي ڇڏيان....؟‘

’ها، سيئي بتيون وسائي ڇڏ.‘

گوتم سڀ بلب وسائي ڇڏيا هئا. ڪمرو منهنجي اندر جي ڪنڊ بڻجي پيو هو. پلنگ تي سنئون ٿي ٻئي ٻانهون ڪنڌ هيٺان ورائي ڇڏيو هئم. اوندهہ رستا بڻجي پئي هئي. جنهن مٿان تون ظهير جي پير ۾ وک وک مرڪون ورهائيندي وڃي رهي هئينءَ. هر ڏسا تنهنجي پينسل هيل جا پڙاڏا گونجڻ لڳا هئا، پڙاڏا، جيڪي مون ڪان پري تي رهيا هئا. ڳچهہ منهنجو جيرو ٽڪڻ لڳي هئي. مان تنهنجن ٺهڪن جي پڙاڏن ۾ دفن ٿيڻ لڳو هوس. مونجهہ گلو گهٽجڻ لڳو هئو ۽ مون دروازو کولي ڇڏيو هو. گوتم پير ۾

رکيل ٽيبل ليمپ ٻار چيو هو:

’ڪيڏانهن .....؟‘

’ٻاهر.‘ ڊگها ساهه کڻڻ لڳو هوس. گوتم پيرن ۾ جتي پائيندي چيو هو:

’مان به هلان ٿو.‘

’نه، منهنجي ڪري پنهنجي ننڊ نه ڦِٽاءِ.‘

’مون کي ننڊ نه ٿي اچي.‘

هن هڪ ڪمبل مون ڏانهن وڌائي، ٻيو پاڻ کي ويڙهي ڇڏيو هو. اسان انٽرنيشنل هاسٽل جي سنسان ڪاريڊور مان هلندا، ٻاهر نڪري آيا هئاسون. وڻ ۽ رستا ٿڌي ۾ ويڙهجي اڪيلا ۽ اداس نظر اچي رهيا هئا، سورنهينءَ جي چنڊ جي مرٽينگهه روشنيءَ ۾ ٻاٽني ڊپارٽمينٽ وٽان لنگهندي چيو هئم:

’مون کي روئڻ نه ٿو اچي گوتم... مان روئڻ ٿو چاهيان.‘

گوتم اداس ٿي ويو هو. خالي آواز ۾ چيو هئائين، هوريان:

’مان تنهنجي درد کي محسوس ڪريان پيو دوست..... جنهن مان تون لنگهي رهيو آهين.... مان الاجي ڪيترين راتيون جاڳي، اداس راتين ۾ اڪيلائين جي زهر پيتو

آهي.. ۽ پي من ئي من ۾ سڏڪيو آهيان.‘

پڇڪيو هئم: ’اڄي ڳالهہ ڳالهہ تي روئي ڏيندو هوس. ....هاڻ وڏن وڏن وڇوڙن تي بہ چپر آلو نہ ٿو ٿئي... منهنجو اندر ٻني ٻڄي پيو آهي گوتم. مان روئڻ چاهيان ٿو.....‘

گوتم سگريٽ جلائي مون کي ڏنو هو، پيو پاڻ جلائي ڏگهو سوٽو هڻي سمورو دونهون سيني ۾ لاهي ڇڏيو هئائين. کن رکي پڇڪيو هو:

’روئندو اڄي مان بہ ڏاڍو هوس... پر هاڻ محسوس ٿيندو آهي، مري ويو آهيان....‘

ان رات ڏاڍو روئڻ چاهيو هئم. ٻارن جيان روڊ تي سمهي، اکين تي هٿ رکي، پاڻ کي روئارڻ لاءِ گذري ويل سمورن دکن کي ياد ڪرڻ لڳو هوس ۽ ياد اچي ويئي هئي. پنهنجي هڪ ڳالهہ، چيو هئم:

’گوتم، اڄي _ گهڻو اڄي جڏهن منهنجو وڏو پياءُ بيروزگار هوندو هو ۽ مان ٽيليفون اٽينڊنٽ، تنهن زماني ۾ پگهار مان ڪجهہ پيسا بچايا هئم. پنهنجي وڏي پياءُ کٽي چيو هئم، ’مون ڪجهہ پئسا گڏ ڪيا آهن، مون کي هڪ ڪوٽ وٺڻو آهي.‘ منهنجي وڏي پياءُ چيو هو: ’هل مان توکي لنڊا مان زبردست ڪوٽ وٺي ٿو ڏيان....‘ منهنجو پياءُ مون کي شهر جي مشهور لنڊا جي دڪان تي وٺي ويو هو.... هن مون کي پنهنجن هٿن مان ڪيترائي ڪوٽ پاريا هئا. پوءِ... هن کي بہ ڪوٽ وڻي ويا هئا. منهنجي پياءُ انهن مان هڪ جي قيمت پڇي هئي.... دڪاندار ڪوٽ جي قيمت منهنجي کيسي ۾ پيل پئسن کان ڪجهہ گهٽ ٻڌائي هئي. تڏهن منهنجي پياءُ، منهنجي کيسي ۾ پيل پئسن ۾ ٻئي ڪوٽ گهريا هئس. تڏهن مون رڙ ڪري چيو هو.. ’بہ نہ هڪ! مون کي هڪ ڪوٽ

گهرجي .....‘ ان گهڙيءَ منهنجي اندر جو مفاد پرست ماڻهو جاڳي پيو هو... نه چاهيو هئم، ته منهنجو پيءُ به منهنجن پيسن مان ڪوٽ وٺي. منهنجو وڏو ڀاءُ، مون کي ڏاڍو چاهيندو آهي....بلڪل ٻارن وانگر. اڄ جڏهن مان بيروزگار آهيان.... ته هو مون ڏانهن پابنديءَ سان پيسا موڪليندو آهي... پينٽ پيس... شرٽس.. پرفيومز.. يار، مان ڏاڍو سيلفش.. آهيان. ڪميڻو....‘

لڙڪ ريڙهيون پائي ڳنڀٽين وٽ مڙي آيا هئا. چيو هئم:

’منهنجا دوست مون کي مسخرو سمجهندا آهن... هو سمجهندا آهن..... مون کي ڪوبه غم، ڪوبه ڏک ڪونهي.... هنن ڪڏهن به منهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ناهي ڏٺو. مان جيڪو ايڏو خواش....‘

منهنجو ڳلو دک سان ڀرجي ويو هو. وڌيڪ ڇئي نه سگهيو هوس. گوتم مون کي ڀاڪر پائي چيو هو:

’مون کي خبر آهي، تون ڇا آهين.... مون کي خبر آهي ته تون هميشه ايترا وڏا ٽهڪ ڏئي ڇو کلندو آهين....‘

مون لڙڪن کي ٻانهن سان اگهندي، سڏڪن کي گهٽيندي چيو هو:

’گوتم.... ماڻهو محبتن جي موٽ ۾ ويساهه گهاتيون، دوستين جي نالي تي دوکا ڇو ڏيندا آهن....؟‘

’سيئي ماڻهو ’فراگر‘ کي رستو پار ڪرائي نہ سگهندا آهن دوست.‘

’ها.... اسان اڄ تائين ڪنهن کي بہ شربت ۾ زهر ملائي ڏئي نہ سگهيا آهيون، اڄ تائين... ڪنهن جي بہ پٺيءَ ۾ خنجر ڪپائي سگهيا اهيو..... ماڻهو، اهو سڀ ڪيئن ڪندا آهن....؟‘

’جيئرن احساسن وارا ماڻهو، ڪنهن جي بہ پٺيءَ ۾ خنجر ڪپائي نہ سگهندا آهن.‘ گوتم چيو هو.

مون کي ڇڻ ڪجهہ ياد اچي ويو هو، چيو هئم:

’ها... جيئرن احساسن وارا ماڻهو، ماڻهوءَ کي ماڻهونءَ هٿان مرندي ڏسي آتم هتيا ڪري ڇڏيندا آهن....‘

اسان ڳالهائيندا. پلڪندار آرٽس فيڪلٽيءَ جي پويان ڪٽي ويل پهاڙيءَ تي پير لڙڪائي ويهي رهيا هئاسون. چنڊ جو لاش رات جو درياهہ ۾ هوريان هوريان اولهہ ڏسا ڏانهن لڙهي رهيو هو. وڪلپٽس جي جهڳٽي ۾ علام آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار جو اڇو قبو سرچ لائيٽس جي روشنين ۾ وٽن وڃان، اپرندڙ چنڊ جيان اڌ روشن نظر اچي رهيو هو. تمام پريان حيدرآباد جون روشنيون هلڪي ڪوهيڙي ۾، تانداڻن جيان ٽمڪي رهيون هيون. گوتم. حيدرآباد جي روشنين ڏانهن تڪڙ لڳو هو.

مون وٽن مان اڌ روشن نظر ايندڙ قاضيءَ جي مزار ڏانهن گهوريندي چيو هو:

’مان آتم هتيا ڪري ڇڏيندس....‘

گوتم ڏڪي ويو هو. ڪلهن تان ڪسڪي ويل ڪمبل سرير سان ويڙهي ڇڏيو هئائين.

’خودڪشي مسئلن جو حل تہ ڪونهي دوست....؟‘

’مسئلن جو تہ ڪو بہ حل ڪونهي.... هر حل پنيان اڪث مسئلا ڇپ هنيون وينا آهن.‘

گوتم اداس ٿي ويو هو. چيو هئائينءَ ’اسان کي پنهنجي مائرن لاءِ جيئڻ گهرجي.... ڇو تہ ڪائنات جون سموريون بي غرض محبتون ماءُ کان شروع ٿي، ماءُ وٽ ئي اچي ختم ٿي وڃن ٿيون.‘ ڪن رکي گهٽيل آواز ۾ چيو هئائين: ’ننڍي هوندي مون ذهن ۾ هڪ ڇوڪريءَ جو اسڪيچ ٺاهي ڇڏيو هو. جتي بہ ويندو هوس، جتان بہ لنگهندو هوس، هر ڇهري ۾ پنهنجو آئيڊيل ڳولهڻ لڳندو هوس. پوءِ مهنجي مائٽن، منهنجي نہ چاهڻ جي باوجود منهنجي شادي ڪرائي ڇڏي..... جڏهن منهنجي شادي ٿي پئي ۽ منهنجي هٿن تي ميندي هنيئون پئي تہ مان ڳاج ڳائيندڙ ٽوليءَ ڏانهن ڏٺو هو. مان اهو ڏسي حيران ٿي ويو هوس تہ دهل وڄائيندڙ ڇوڪري بلڪل منهنجي تصوراتي آردش جهڙي هئي.... ان مهل مون کي ائين محسوس ٿيو هو ڄڻ منهنجو پير اوچتو ڪنهن بارودي سرنگهہ تي پئجي ويو هو. منهنجي جسم جا ٽڪر هوائن ۾ وکري ويا هجن.... وقت هٿن مان ڇڏائجي چڪو هو. اها سڄي رات مان پنهنجي زال سان گڏ ڪنهن لاش جيان پيو رهيو هوس.... پوءِ.....پوءِ هوريان هوريان ايڊجسٽ ڪري ڇڏيو هئم. پر موٽ ۾ ڇا مليو...؟ اداس راتين ۾ اڪيلائين جو زهر. پوڙهنا...... نہ ڪٽندڙ پيڙا.... رڳو ان لاءِ جو منهنجي زال جا مائٽ، منهنجي پيٽ کي سڪي رکي نہ سگهيا.... منهنجي پيٽ واپس گهر هلي آئي. موٽ ۾ منهنجي گهر وارن منهنجي زال کي گهر ۾ رهائڻ کان نابري

واري ڇڏي.... ۽ مان ٽن سالن جي ڏيءَ هوندي، بي انتها پيار ڪرڻ واري زال هوندي بہ، اداس راتين ۾ اڪيلائن جو زهر پيئندي بہ جيئندو رهيو آهيان... رڳو پنهنجي ماءُ لاءِ.... پوءِ، ڇا مون ڪي بہ آتم هتيا ڪري ڇڏڻ گھرجي....؟ مري وڃڻ گھرجي سيئي رشتا ڇڏي ......؟ ڇا ڏکن کان ڇوٽڪاري جو اهوئي حل وڃي رهيو آهي.....؟'

ان رات گوتم بلڪل پاڻ جھڙو لڳو هئم. چيو هئم:

'اسان سڀ هڪ جھڙا آهيون...... اسان جا دک ساڳيان آهن. ۽..... ۽ اسان سيئي فلئٽس جي ديوارن جيان هڪٻئي جي آسري بيٺل آهيون.....'

ان رات گوتم مون کي اهي ڳالهيون سمجھائيندو رهيو هو، جيڪي هن کان اڳ مان پنهنجن ڪيترن اداس دوستن کي راتيون جاڳي سندن من ۾ جيئڻ لاءِ اتساهہ جاڳائڻ لاءِ ٻڌائي چڪو هوس. سڀ پهاڙيون ۽ رستا روشن ٿي ويا هئا. ڪجھہ روئڻ ۾ ڪجھہ ڳالهائڻ ڪري مان ڪنهن حد تائين ريلڪس ٿي ويو هئم.

گھر پهچي اندر ٻيهر رجھڻ لڳو هو. ڪمري جون ديوارون سوڙهيون ٿيڻجي ساهہ ٻوساٽڻ لڳيون هيون. گھر تارچر ڪئمپ لڳو هئم. گھر مان نڪري بي مقصد رلڻ لڳو هوس هڪ ڳليءَ کان ٻي ڳليءَ تائين، هڪ روڊ کان ٻئي روڊ تائين. سوچڻ لڳو هوس ڪالهوڪي واقعي تي، اڪٽ ٻيرا سوچڻ جي باوجود...... اهي ڳليون اهي رستا جن تي ڪڏهن مون سان هوندي هئينءَ... تن مٿان ڪالهہ هن سان ائين پئي ٽلينءَ ڄڻ. اهو ڪو ٻيو نہ 'مان' هوس... ۽ 'مان' ڏارين وانگر آيس پئي تو پٺيان... 'مان جيڪو تولاءِ سورج هوندو هوس.... جنهن کي جڏهن نہ پسندي هئينءَ تہ تو لاءِ ڏينهن بہ رات ٿيڻجي پوندو هو... اهو 'مان' جنهن کي پاڻ لاءِ تون فوٽ پاٿن مٿان ٽينٽ هڻي ويهڻ لاءِ بہ

تيار هوندي هئينءَ. جيڪو تنهنجي سمورن ماڪ ڦڻل خوابن جو محور هوندو هو.....

ڪيڏي آرام سان تنهن کي ڇڏي ڏنو هيئي....؟ مون کي سڌ آهي جڏهن قربتن جي ماڪيءَ ۾ ويڇن جو لوڻ پئجي ويندو آهي، تڏهن نہ ملي سگهڻ جا سبب سولائيءَ سان ملي ويندا آهن/ پيدا ٿي پوندا آهن. (ماءُ جو امالڪ هر وقت بيمار ٿي پوڻ، پياءُ جي هر وقت ائين اوچتي آڏي پچا.....؟) ڪيڏو سهڻي نموني تو (مون کي) (مون کان) انڪار ڪري ڇڏيو هو...؟ ڪيڏي بيزار ٿي پوندي هئينءَ مون وٽ اچي...؟ پر هن سان ڪالهہ ڪيڏو ٺهيل نڪيل هئينءَ....؟ ڇڻ نوڪريءَ تان نہ، ڪنهن فنڪشن تان وري هجين.... ڪيڏي روشني هئي تنهنجن نيڻن ۾.....نہ ماءُ جي بيماري جو دک، نہ پياءُ جي آڏي پچا جو پئو.... تاندن جو مينهن وسندو رهيو هو، هلندو رهيو هوس پڇرندو ڪامندو رهيو هوس. شهاب ملي ويو هو. (اهو ئي شهاب سنجها... جنهن جي ڊرائنگ روم ۾ پرهہ جي پهرين پهر جهڙيون شامون گذاريون هيون سين)... اجهاٽل ڇهري ڏانهن ڏسي پڇيو هئائين: ’خير تہ آهي......؟‘

’خير......‘ فلمي مرڪ مرڪيو هئم.
ساڳي ئي ڊرائنگ روم ۾ اچي ويا هئاسون. ڏٺم هئم ان صفا ڏانهن جيڪو پنهنجي ويهڻ ڪان پوءِ الف ليليٰ جو قالين بڻجي ويندو هو ۽ پوءِ ان روشندان ڏانهن، جتي پنهنجون سچايون اڇلايا هيون، ڇيو هئائين:

’ختم ٿي ويو ڇا....؟‘

’ها.‘

ٿهڪ ڏئي ڪلي پيو هو: ’ان تي ايڏي اداس ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي....؟‘ ڪن رکي چيو هئائين: ’ڇوڪريءَ کي ماٽڻ ڪان پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي ڇڏي ڏجي. ڇو نہ ڇهجي وڃڻ ڪان پوءِ، ڇوڪري شادي ۾ گهوريل گلابن جهڙي ٿي پوندي آهي. مون کي ڏس..... الائجي ڪيتريون آيون، ڪيتريون ويون....؟‘ پيارا، موسمون ۽ ڇوڪريون تہ ’انجواءِ‘ ڪرڻ لاءِ ايندريون آهن.....؟‘ ذهني عذاب پيدا ڪرڻ لاءِ نہ.... چيو هومانس: ’تون عجيب ماڻهون آهين.....؟‘

مرڪ هن جي مرادنگي سان ٽمٽار منهن کي وڌيڪ حسين بڻائي ڇڏيو هو. اجري ڇهري تي نيڻ ڪليسا ۾ رکيل ٻن ميڻ بتين جيان جرڪي پيا هئس. هن اتي دري کولي ڇڏي هئي. مون سندس عقاب جي ٿلهيل پرن جهڙن ڪلهن ۽ شاهہ بلوط جيڏي قد ڏانهن ڏسي چيو هو:

’اڳي تون وزم پيئندو هئين.....‘

”پيئندين چا....؟“

’پيئار.‘

’اڳ ۾ ڪڏهن پيتو اٿئي.....؟‘

’نہ.‘

’سگريٽ جو سوٽ ٥ هٽي ويندو آهين.....؟‘

’باقاعدي.‘

’ٺيڪ آهي.‘

هو سگريٽ ٺاهڻ لڳو هو. ڪمري ۾ مخصوص بوءِ پکڙجي وئي هئي. شهاب سگريٽ کي بند ڪري مون ڏانهن وڌايو هو:

’آ_وٺ.‘ چيو هئائين:‘ هڪ ئي دم سان اندر ۾ پاتولي هڻي ويهي رهيل سمورا ڏک اک ڇنڀ ۾ اڏري ويندئي.‘ ڪش هنيو هئم. هٽندو هليو ويو هوس. شهاب مون ڏانهن مرڪي نهاريو هو. مرڪ هن جي چپن تان ترڪي منهنجي چپن تي پکڙجي وئي هئي. مرڪڻ لڳو هوس. مون سان گڏ ڪمري جون چارئي ديوارون بہ مرڪڻ لڳيون هيون.

’ڪيئن.....‘

’وا آآآ.....‘

سڀ وساري ويٺو هوس، ڪائنس موڪلائي ٻاهر نڪري آيو هوس. اُس هوندي بہ هري ڏسا ڪکر، ڇانئجي ويا هئا. وڻن جون لامون ڌرتيءَ تي پکڙجي ويون هيون. پلڪڻ لڳو هوس. مان پلڪڻ لڳو هئم، الائجي رستا پلڪڻ لڳا هئا....؟ نہ ڄاڻ ڪهڙي گهڙي رستا پلڪندي، تون مون کي ظهير جي پير ۾ هلندي نظر آئي هئينءَ ۽ منهنجي دل جنب جي پڙن جي وچ ۾ اڇي ويل ڪڻڪ جي داڻو ٻڌجي پئي هئي. موٽ ڪائي تڪين و ڪن ۾ اڪڙيل ساهن سان ’ڊيلڪس‘ ۾ هليو ويو هوس. ڪائونٽر تي ويٺل کي تنهنجي

ٽيليفون نمبر ٻڌائي، رسيور هٿ ۾ سوگهو جهلي جهرندڙ جيءَ سان وچندڙ رنگ جون سيٽيون ٻڌندو رهيو هئم ٻئي طرف ڪنهن رسيور ڪڍي ورتو هو:

’هيلو....؟‘ تنهنجي چٽڪڻُ آواز گونجيو هو. ’پنهون ٿو ڳالهايان......‘ نڙيءَ کي آلو ڪري ڏڪندڙ آواز کي وس ۾ ڪندي چيو هئم:

’ها، چئو.....؟‘

’سنجها، مون کي تنهنجي سخت ضرورت آهي.....؟‘

’ها مان ڪوشش ڪندوس اچڻ جي.‘

’پليز تون جلدي اچ....‘

’ها مان ايندوس....‘

’ڪڏهن.... ؟‘

’جلد.‘

’ڪڏهن جلد.....؟....؟‘

’جڏهن چئين.....؟‘

’هاڻي هلي اچ، پليز......؟‘

’هاڻي!!!؟‘ (عجيب ٺهڪ) ’ايمپاسيبل.‘

’سنجها پليز.....مان توسان ملڻ ٿو چاهيان.......؟‘

’ڇا؟!!؟‘

’پوءِ.....؟ سياڻي، سياڻي تہ اينڊينءَ نہ......؟‘

’سُياڻي_؟ نہ، سياڻي مون کي هڪ ضروري ڪم آهي.‘

’سنجها، سنجها مان ڏاڍو عذاب ۾ آهيان ..... تنهنجو مون سان ملڻ ضروري آهي. پليز ڪجهہ سمجهہ سنجها....؟‘

’مجبوري آهي.‘

’پر توکي مون سان محبت آهي.....‘

(هلڪو ٺهڪ) ’مون کي ڪنهن سان بہ محبت ناهي. سواءِ پنهنجي.‘

’مون سان بہ نہ.......؟‘

’مون چيو، نہ.......؟‘

’چئو چئو سنجها، توکي مون سان محبت آهي.....؟‘

(طنز گاڏڙ ٽهڪ) ’ها آهي.. بس.....؟‘

’مون کي ڪس ڪر....؟‘

(ٽهڪ عجيب ٽهڪ)

’سنجها پليز مون کي ڪس ڪر.....‘

’اڇا........؟!!!؟‘ ۽ هلڪي چمي ۽ جو آواز.

’توکي مون سان محبت آهي نہ......؟‘

’هہ آ آ آ‘ (احسان ڪندڙ لهجو)

’ظهير سان ڇو ٿي گهمين سنجهان....‘

’مون کي هن سان گهمندي مزو ٿو اچي‘

’رومانس ڪرڻ لڳي آهينس.....؟‘

’چئي ڇڏيم: مون کي ڪنهن سان بہ محبت ڪونهي...‘

’مون، مون کي تنهنجي گهرج آهي سنجها....؟‘

’ها ها مان ايندوس.‘

’ڪڏهن.....؟ ڪڏهن.....؟‘

’ٻئي ڏينهن.‘

’ٻئي ڏينهن....!؟..... سڀاڻي اچ نہ....؟‘

’چئي ڇڏيم پرينهن.‘

’....... ايندينءَ نہ........؟‘

(هلڪو ٺهڪ) ’ها ها آآآ‘

’سنجها........‘

’سنجها..........‘

’مان ٻڌان پئي.‘

’نوڪري ڇو ٿي ڪرين.......؟‘

’گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ؟‘

’ٽي سئو رپيا تہ مهيني تي توکي مان ڏئي سگهان ٿو؟‘

’ها، پر مان محنت سان ڪمائڻ چاهيان ٿي.‘

’سنجها.........؟‘

’ها، ڇئو؟‘

’ڇا هن وقت تائين، مان تنهنجي ڪابہ گهرج پوري نہ ڪئي آهي.....؟‘

’ٿورو ٿو ٿڦين......؟‘

ءِ مان ڪامندو هليو ويو هوس. ڪيڏي نيچ ٿي وئي هئينءَ، ڳالهائڻ ۾؟

’مون تہ ائين ڪڏهن ناهي سوچيو.......؟‘

’چوين تہ پيو......؟‘

’توکي تو چوان، توکي، تون جا مون لاءِ هميشہ بي لباس لفظ جيان رهندي آئي آهين.‘

چپ ٿي وئي هئينءَ.

’بي وقوف ٿو لڳان نہ توکي، هن وقت....؟‘

’تون ئي بي وقوف!!!؟‘ ٽهڪ، طنز ۾ بدل ٽهڪ، نہ ڪٽندڙ ۽ مان ڪرندڙ هيناهينءَ ڏانهن. ڦيربون پائي بولاٽيون کائي نہ ڪٽندڙ اونهائيءَ ڏانهن. ڪيڏو سستو لڳو هوس پاڻ کي....؟

گھر اچي ٿڪي پيو هوس اگھاڙي کٽ مٿان. چارئي ڏسائون منهنجي کٽ جي چوڏاري واچوڙي جيان ڦرڻ لڳيون هيون. اها سڄي رات جاڳڻ کان پوءِ بہ شام تائين، ننڊ منهنجي کٽ جي پيرانديءَ وٽ بيهي منهنجي حالت مٿان مرڪندي رهي هئي. تنهنجا ٽيليفون تي ڳالهايل جملا بگهڙ بڻجي منهنجو ماس پٽيندا رهيا هئا. مان ڏکما ڏکما ساهہ کڻندو گھر مان نڪري ويو هوس. ڊوڙندو رهيو هوس روڊ مٿان سکون جي ڳولها ۾ ۽ پوڳنائن جي پکيا بگهڙ ڊوڙندا رهيا هئا منهنجي ڪڍ چاهيندي بہ ڍير سان نہ مليو هوس. سنڌو شهر بگهڙن پربل جهنگل لڳو هئم. جڏهن چوڪيدار چور ۽ دوستين جا دعويدار، ڏاڙيل بڻجي ويندا آهن تہ ويساهہ هر شئي تان ڪڇي ويندو آهي، پاڻ تان بہ. منهنجو دوست ڍير.... دوست، منهنجو پيارو دوست ...... پر سڄو ڏوهہ ڍير جو بہ تہ نہ هو.........؟ ۽ سڄو ڏوهہ تنهنجو بہ تہ نہ هو....؟ سڄو ڏوهہ نارڊ مُني جو بہ تہ نہ هو....؟ پر، پر ڪجھہ ڏوهہ منهنجو بہ هو....۽ ڪجھہ ڏوهہ اسان ٻنهين جو بہ

هو....؟ ها ڏوهہ تہ اسان ٻنهي جو هو ۽ ڏوهاري تہ اسان مان ڪوئي بہ نہ هو......؟ اسان سڀ بي گناهہ هئاسي سنجها.....؟ ۽ پنهنجا پنهنجا فرض ايمانداريءَ سان نڀائي رهيا هئاسون، نباهي چڪا هئاسون.

سوچ جا سڀ سلسلا سوڙها ٿيندي هڪ ئي محور تي قرڻ لڳا هئا. پابنديءَ سان وزم پيئڻ لڳو هوس.

جنهن صبح جو تو ڪي اچٽو هو. ان صبح جو وزم گهٽي پيئڻ ڪري منهنجو گلو سالن کان سڪل کوهہ جينا ڪلرانجي ويو هو. چپ سڪل پنن جهڙا ٿي پيا هئا. ننڍڙي موريءَ تي ويهي تنهنجو انتظار ڪرڻ لڳو هوس. بس آئي هئي. پهرين اسٽاپ تي بيٺي بہ هئي. پر تون نہ لٿي هئينءَ. بس منهنجي پر مان لنگهي هئي. ڏٺو هئم تون فرنٽ سيٽ تي ويٺي هئينءَ. سمجهي ويو هوس، تہ تون انهن رستن تان اچڻ نہ ٿي چاهيو، جن ڪي اورانگهي ڪڏهن مون وٽ پيار وندڻ ايندي هئينءَ.

موريءَ تان اٿي اڳئين اسٽاپ ڏانهن هلڻ لڳو هوس. شايد تو مون کي موري تي ويٺل ڏسي ورتو هو، تڏهن ئي تہ گهر وڃڻ بدران، موريءَ ڏانهن هلڻ شروع ڪيو هيئي.....؟ سنسان روڊ جي هڪ ڪنڊ کان مان تو ڏانهن اچي رهيو هوس، ٻئي کان تون موڏانهن. تنهنجي ڪلهن تي پيل ڪاري تر واري چادر جا پلوءَ هوائن ۾ اڏامي رهيا هئا، تون سست وکن سان مون ڏانهن اچي رهي هئينءَ....ڪيتري عجيب ڳالهہ هئي سنجها...؟ ماڻهو سدائين ملڻ لاءِ وچڙندا آهن، ۽ اسان هميشہ وڇڙڻ لاءِ ملي رهيا هئاسون....؟!؟ لڙڪ نيڻن جي پليٽ فارم تي وچوڙو ٿيندي رڙهي آيا هئا ۽ دک گلي ۾ ريل جي سيٽي ٿيندي ڦاسي پيو هوس. اسان ٽا ٻڙجندا هڪ ٻئي اڳيان اچي بيهي رهيا هئاسون. ڪابي طرف ڳليءَ ڏانهن اشارو ڪري پڇيو هومانءِ:

1هن ٻليءَ مان، پاڻ اڳي ڪڏهن لنگهيا آهيون_؟‘ ڪنڌ کي ناڪار ۾ لوڏي چڏيو هيئي چيو هئم:

’هن ٻليءَ مان گهر تہ ويجهو آهي، پر مان توکي وٺي نہ هلندس، ڇو تہ ڪجهہ ٻليون، ڪجهہ رستا اهڙا بہ هجن_ توکان وچڙڻ پڇاڻان جن تان ڪڏهن لنگهان بہ، تہ مون کي ڪجهہ بہ ياد نہ اچي_‘

مئل آواز ۾ چيو هيئي:

’صحيح آهي....‘

پاڻ وڏو چڪر ڪاٽي ان پيچري تان گهر اچي ويا هئاسون، جنهن تان اڪثر مون وٽ ايندي هئينءَ. توکي پسندي، ئي امان جي اڌ اجهاٽل نيڻن ۾ پرهہ جي پهرين پهر جهڙو سوجهرو ڦهلجي ويو هو. ادي وڏيءَ جي چپن تي مرڪ جا هنج ترڻ لڳا هئا. رابيلا، رابيل جيان ٽڙي پئي هئي. تنهنجي منهن تي موت جي تار آٽيندڙ جهڙو تاثر چپ ماريو وينو هو. مئل منهن سان، بورچيخاني جي در کي ٽيڪ ڏئي، امڙ جي سامهون ويهي رهي هئينءَ ۽ امان سدائين وانگر تو آڏو پراٽين ٻالهين جون اڳڙيون کولي ويهي رهي هئي. چيو هئم:

’امان، هن سان پنهنجون ٻالهيون نہ ڪندي ڪر. هيءَ ويچاري اڳي ئي پريشان آهي.‘

ٻاهر وڄڻ لڳو هوس. تو منهنجي پٺيان ايندي چيو هو:

’ها، آئي مان پرائي آهيان نہ.....مون سان پنهنجوين ڳالهيون نہ ڪندا ڪيو.‘

گهر جي ٻاهران ٻٽيل جهوپڙيءَ ۾ ڪٽ تي اڇي آهلي پيو هـوس. تـون گهـر جـو در ڏئي ڪٽ جي ايس تي ويهي رهي هئيينءَ. نہ ڄاڻ ڪيتري دير، اجنبين جيان چپ چاپ ويٺا رهيا هئاسون. ماٺ منهنجي هنياوءَ تي ڇپ وانگر ڇانئجڻ لڳي هئي. چيم هئم:

’ڇڏڻ ٿي چاهين.......؟‘

’مجبوري آهي.‘

’اهو سڀ پهريان ڇو نہ سوچيو هيئي....؟

’اندازو نہ هئم.‘

’تو کي خبر آهي..... امان ۽ ادي وڏي، تولاءِ ڪهڙا خواب لڌا آهن....؟‘

’ها‘

’انهن جي خوابن جي تو وٽ ڪائي اهميت ڪانهي.....؟‘

”آهي.... پر.... مان ڇا ٿي ڪري سگهان....؟“

’تون ڪري بہ چا ٿي سگهين سنجها، سواءِ پاڻ ڪي ۽ ٻين ڪي فريب ڏيڻ جي...تون رڳو وڏا خواب ڏسي ۽ ڏيکاري سگهندي آهين.... مون کي خبر آهي تہ، مون کي خبر آهي تہ تون اداس ڳالهيون ڪري ماڻهن جي دلين ۾ ڀهريان همدردي، پوءِ محبت جو جذبو پيدا ڪندي آهين.... رڳو ان لاءِ جو تو ۾ ڪوبہ سيڪشوئل اٽريڪشن ناهي.... ڪابہ سڌي سنئين ڇڪ ڪونهي. مون سان ملڻ کان اڳ.... تو کي بلڊ ڪينسر هو.... ۽.... ۽ مون کي پڪ آهي، ظهير جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ، تون يقينن ڪنهن ٻيءَ ڀيانڪ بيماريءَ جو شڪار ٿي وئي هوندينءَ....‘

’تون بہ مون سان دوکا ڪيا هئا....؟‘

’بدلو ٿي وٺين........؟‘

’.............‘

’مان جيڪڏهن توسان دوکا ڪرڻ چاهيان ها... تہ هن وقت تائين تون مري چڪي هجين ها. صبا ۾ اهي سڀ ’ڪوالٽيز‘. اهي سڀ ’ايفرٽس‘ هئا، جيڪي تون ڪڏهن بہ پيدا ڪري نہ سگهندينءَ... پر مان تنهنجي هر ڳالهہ جو مانُ رکيو هو، ڇو تہ زندگي مون کي توسان گذارڻي هئي. محبت مون تو سان ڪئي هئي. صبا سان نہ.‘

ڪوبہ جواب نہ ڏئي سگهي هئينءَ. تنهنجو چهرو زوردار طوفان جي زد ۾ اچي اکٽ هنڌن تان پٽجي پيل ڪنهن ڪاسميٽڪس جي پبلسٽي بورڊ وانگر بڻجي پيو هو. جهڪي منهنجي سڪل پنن جهڙن ڇپن تي ڪِس ڪرڻ چاهي هيئي.

’مري ويل ماٺهن تي ڪنهن بہ گرم ڇهاءَ جو اثر ناهي ٿيندو...‘

پر تون منهنجي ٿوٺ ڇپن تي پنهنجا نرم گرم چپ گسڪائيندي رهي هئينءَ. تو ڪي هٽائيندي چيو هئم:

’پنهنجي ڇهڻ جا سمورا حق واسطا تہ، تون گهٽو اڳ مون ڪان ڪسي چڪي آهين سنجها.. هاڻ نہ تنهنجو منهنجي سرير تي، نہ منهنجو، تنهنجي شرير تي اڌيڪار آهي.‘

پر تون ڀيهر مون تي جهڪي پئي هئينءَ، چيو هئم:

’جڏهن محبتون وڃائجي وينديون آهن، تڏهن ڇهاءُ پنهنجي سموري معنيٰ ۾ ڇڪ وڃائي ويهندو آهي... ۽ مان جسمن سان نہ، جذبن سان پيار ڪندو آهيان. جسم سان پيار ڪرڻو هجيم ها تہ صبا سان وڃي ڇڪو هجان ها، اڄ ايڏو نہ پوڙيان ها.‘

تو ڪي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو هو، تو پنهنجي قميص جي زپ ڪي اڌ ڪولي چيو هو:

’هي سڀ تنهنجو آهي... هي سڀ هميشہ تنهنجو رهندو آ، وٺ .....؟‘

’بند ڪري ڇڏ سڀ ڪجهہ سنجها، هاڻ ان سڀ تي ظهير جو حق آهي.‘

تون پُري پيئ هئينءَ.

’مان ڇا ڪريان پنهون.....؟.... مان ڇا ڪريان...........؟‘

ظهيـر ۾ مـون کـي جيـل نظـر اينـدو آهـي... هـن جـو ڳالهـائڻ، هـن جـا ٺهـڪ... هـن جـو چهرو..........‘

لڙڪ تنهنجن نيڻن ۾ رڙهي آيا هئا.

’توکي چاهڻ کان پوءِ مون تہ هر عورت ۾ توکي ڳولهيو آهي سنجها....؟‘

’ها.....مان مڃان ٿي پنهون، مڃان ٿي تہ اها منهنجي عادت بڻجي وئي آهي........... ان ڏاڍو چاهيو هو، تو سان رهڻ، توکي پائڻ... پر مان گهڻو عرصو ڪنهن سان بہ رهي نہ سگهندي آهيان... هي ڏس... (تو پنهنجي ساڄي هٿ جو بُڪ ڏيکاريندي يو هو) جليل، جليل کان پوءِ تون... تو کان پوءِ ظهير ۽ ظهير کان پوءِ بہ هڪ ٻي محبت جي لڪير منهنجي هٿ ۾ اڪريل آهي. مون کي... مون کي خبر ناهي اهو ڪير هوندو....؟ پر، پر مان ظهير سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿي. اها منهنجي خواهش آهي. يقين ڪر، مون کي هن سان ڪوبہ رومانس ناهي. پر هن وٽ اهو سڀ ڪجهہ آهي، جيڪو تو وٽ ڪونهي. مان سدائين مسواڙ جي گهرن ۾ رهندي آئي آهيان... مون کي شاديءَ کان پوءِ مسواڙ جي گهر نہ گهرجي... مون کي پنهنجو، بلڪل پنهنجو آئيڊيل گهر گهرجي.....؟‘

’تون کي، آخري ڀيرو ڏسڻ چاهيو هئم... ماڻهن جي ڪيل ڳالهين جي تصديق ڪرڻ چاهي هئم. مون کي محسوس پيو ٿئي، ماڻهو هميشہ اهڙن موقعن جي ڳولها ۾ رهندا آهن.‘

’مون کي... شرم آهي. پڇتاءُ آهي، پنهنجي غلط سوچ تي.‘

’آئين نہ چئو پنهون، مون کي احساس آهي، تو مون کي بي انتها پيار ڏنو آهي.. تومون کي گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي.... منهنجي دل ۾ تولاءِ عقيدت ۽ محبت ڪڏهن بہ ختم نہ ٿي سگهندي، پر.... پر نہ چاهيندي بہ، مون کي تو کي الڳ ٿيڻو پوندو.. يقين اٿم، پنهنجي سنجها کي سکي ڏسڻ لاءِ، تون اهو سڀ برداشت ڪري ويندين... ۽، ۽ ٿي سگهي ٿو مان تو وٽ واپس اچي وڃان. تون وقت جو انتظار ڪر....؟‘

پيانڪ ٿهڪ نڪري ويو هئم.

’هاڻ مان ڪنهن بہ خوش فهميءَ ۾ رهي نہ سگهندس سنجها .... هاڻ مان ڪنهن بہ دوکي ۾ رهڻ نہ چاهيندس.‘

ڦڪي مرڪ تنهنجي چپن تي ڏکي وئي هئي. اسان ماٺ ٿي ويا هئاسون (چڻ مري ويا هئاسون هڪ ٻئي لاءِ.) ڊگهي ماٺ کان پوءِ چيو هيئي:

’هڪ ڳالهہ چوانءِ....؟‘

’چئو.‘

’تون صبا وٽ ڪڏهن بہ نہ وڃجانءِ........؟‘

’ڇو.....؟‘

’مان اهو ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندوس.‘

’تون برداشت ڪري وئي آهين.....؟‘

’پر تون هن وٽ نہويندين.‘

’مان صبا جي بي انتها عزت ڪندو هوس... ڪندو آهيان. ڇو تہ هن ڪڏهن بہ پاڻ کي ۽ مون کي فريب ڏيڻ لاءِ، ڪو وڏو خواب نہ ڏيکاريو هو. ۽ جڏهن تون سڀ ناتا ٽوڙي منهنجي دوست کي شادي ڪرڻ لاءِ راضي ڪري سگهين ٿي، تہ مون کي بہ حق پهچي ٿو تہ صبا جي چپن تي اکيون ٻوٽي ڪِس ڪريان.‘

تو زوردار چماٽ منهنجي ڳل تي وهائي ڪڍي هئي. ٽڪيل آواز ۾ چيو هيئي:

’تون هن وٽ نہ ويندين.....؟‘

’ڪهڙي ناتي سان ٿي روڪين.....؟‘

’تون سان گذريل سمورن سچن ۽ نہ وسرندڙ ناتن سان.‘

’اهي سچا ناتا، جيڪي اڄ تون فقط ڪجهہ لفظن سان ٽوڙي چڪي آهين.....؟‘

’مون کي ايڏو عذاب نہ ڏي پنهون....‘

روئڻ لڳي هئينءَ. امان دروازو کولي اسان ڏانهن اچڻ لڳي هئي. تو تشوءَ سان لڙکن کي اگهي ڇڏيو هو. مون کي چيو هو:

’امان، اج هيءَ هميشہ هلي وڃڻ لاءِ هتي آئي آهي.‘

’ڇو........!!؟‘

’هن جون ڪجھہ مجبوريون آهن. پڇي وٺوس... ؟ اڄ ڪان پوءِ مون کي ڪڏهن بہ سنجها کي آڻڻ لاءِ نہ چئجو.‘

’ها، آئي؛ مان ڏاڍي خراب آهيان... توهان جي لائق ناهيان....‘

امان کي ياڪر پائي سڏڪن ۾ پئجي وئي هئينءَ. ان وقت تنهنجي پنئي مون ڏانهن ۽ امان جو مک مون ڏانهن هو. ڏٺو هئم. امان جي نيڻن جي آڪاس تي لڙڪن جا ڪبوتر اڏامڻ لڳا هئا. امان مون ڏانهن ائين ڏٺو هو، ڄڻ اهو سڀ ٻڌي مان مري ويندس. پر مان ٿهڪ ڏئي چيو هو:

’تون ڇو ٿي روئين....؟ سنجها تہ مون کي ٿي ڇڏي وڃي....؟‘

امان لڙڪن وچ ۾ چيو هو:

’ايترا آسرا ڏئي ڇڏي ٿي وڃين....؟ ائين تہ نہ ڪري ڏيءَ.....؟‘

’سڏ ڪندي چيو هيئي: ’مجبوري آهي. آئي مجبوري آهي....‘

ڪوڪلا ٿهڪ ڏئي چيم هئم:

’مجبوري ٻہ ڪا سئي هوندي آهي امان....؟‘

امان پنهنجا لڙڪ اگهي هلي وئي هئي. مان جهوپڙيءَ جي سيرن مان ڇٽي ايندڙ آسمان جي نيراڻ ۾ گهورڻ لڳو هوس. لڙڪ اگهندي چيو هيئي:

’صبا وٺ نہ... تون وفا وٺ هليو وڃجانءِ....منهنجي پاران معافي وٺي ڇڏجانس، مون هن سان ويساهہ گهاتي ڪئي هئي....؟‘

چپ چاپ سيرن مان ڇٽي ايندڙ آسمان جي نيراڻ ۾ گهوريندو رهيو هوس. تون چوندي رهي هئينءَ:

’مون ڪي هن وقت اهو چوڻ تہ نہ گهرجي... پرمان چوان ٿي.... توکي منهنجو قسم اهو سڀ ضرور مڃجانءِ...؟‘

’ڇا....؟‘

’مون ڪي سڌ آهي، تہ مون کان اڳ جن ٻہ ڇوڪرين توسان رومانس ڪيو هو، انهن جي هلئي وڃڻ کان پوءِ، تو انهن ڪي سندن سمورا نيگيٽور ۽ فوٽو گرافز واپس ڪري ڇڏيا هئا، ۽....۽ پنهون .... منهنجي ڪزن ڪي... منهنجا ڪجهہ فوٽو گرافز وٺي ويا

آهن... هوءَ مون کان نيگيٽوز ٽي گهري ....ڏس، تون غلط نہ سمجهہ جانءِ....؟.....تون مون کي منهنجي نيگيٽوز ڏئي ڇڏ، مان توکي هفتي جي اندر واپس ڪري ڇڏيندوس....؟‘

’ڪٿي وڃن چاهين ٿي، تہ سڌيءَ طرح گهري وٺ ....؟‘

’اڙي نہ تہ، مان توکي هفتي جي اندر واپس ڪري ڇڏيندوس....؟‘

مون توکي تنهنجا سمورا نيگيٽوز ۽ پازيٽو واپس ڪري ڇڏيا هئا. چيو هيئي:

’هفتي جي اندر واپس ڪري ويندوس....؟‘ هفتي مان مهينا گذري ويا هئا، پر تو نيگيٽوز واپس نہ ڪيا هئا. ڏينهن توکي ٽيليفون ڪري چيو هئم:

’سنجها، نيگيٽوز...؟‘

خالي آواز ۾ چيو هيئي: ’توکي انهن مان ڪهڙا گهرجن؟‘ مون خاموشيءَ سان رسيور ڪريڊل تہ رکي ڇڏيو هو. سمجهي نہ سگهيو هوس. ، تو ايتري سستي نموني مون کان پنهنجا نيگيٽوز آخر ڇو ورتا هئا.....!!؟‘ جڏهن تہ سڌي طرح گهري سگهينءَ پئي....؟

جنهن ڏينهن تون آخري ڀيرو مون کي مون کي هميشہ لاءِ ڇڏڻ آئي هئينءَ، مان پنهنجي هڪ دوست کان موٽر سائيڪل وٺي، توکي تنهنجي گهر ڇڏي آيو هوس. مون کي ياد اچي ويو هو اهو ڏينهن، جڏهن تون ۽ مان اسڪوٽر تي المنظر آيا هئاسون. ڪاڏا هئاسون، چڪن سينڊوچز ۽ آئسڪريم سوڊا واپسيءَ تي مون اسڪوٽر پوري رفتار

سان سپر هائي وي تي چڙهي ڏنو هو. تو وڏا ٿهڪ ڏئي پنهنجون ٻانهون منهنجي ڳچيءَ ۾ ورائي ڇڏيون هيون پر جنهن ڏينهن تو کي تنهنجي گهر ڇڏڻ تي ويس، هڪ ترڪ کي اوورٽيڪ پئي ڪيم تہ تون منهنجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهڻ بدران، ڪالر کان ڇڪي خوف مان رڙيون ڪندي چيو هيئي:

’آهستي هلاءِ پنهون، پليز آهستي هلاءِ ڪٿي ايڪسيڊنٽ نہ ٿي وڃي....؟‘

ٽهڪن جي درياهہ ۾ ٻڏي ويو هوس.

تو پنهنجي ڇيلهہ منجهان نظر نہ ايندڙ ڳرو زنجير ٽوڙي ڇڏيو هو. سيئي منظر ڇئن ديوارن جي قيد مان آزاد ٿي ويا هئا. تنهنجي پڇاڙيا پوڳنائن مٿان اڪيلائي واسو ڪري وئي هئي. واپس گهر اچي، تنهنجا ڏنل پرزنٽس جن ۾ ببلي گز مان ڪيل ڏنل مختلف ڪارن جا اسٽيڪرز، منهنجي ڊائرين مٿان مون لاءِ لکيل گاريون ۽ ڪٿي پيار، تنهنجا وٺي ڏنل ڪولابا (جن مان هڪ کي تو ڪاوڙ ۾ اچي، ٽوڙي مروڙي ڇڏيو آهي) 1977ع جو ڪيلينڊر جنهن ۾ دنيا جي مختلف ڪلاڪارن جا فوٽو گرافز ۽ سندن ننڍڙو تعارف بہ ڏنل آهي، ڪجهہ خط، هڪ عيد ڪارڊ، هڪ لاڪٽ ۽ ڪيلينڊر مٿان ويڙهي ڏنل نيرو لغڙائي پنو. اهي سڀ سيف جي عام خاني مان ڪڍي اندرين لاڪر ۾ رکي ڇڏيا هئا.... ۽ 1980ع واري ڊائري پڙهي هئم: (تنهنجي ڊاهي ڇڏڻ کان پوءِ بہ پڙهڻ ۾ اچي رهيو هو، لکيل هو):

28.1.1980

اڄ ڪان استعمال ۾ اچي ويو آهيان، اڻ ٻڌايل مدي تائين.

(انهيءَ پيج هيٺيان لکيو هئم)

2.2.1980

جيڪڏهن انهن لفظن کي ڏاهي بہ ڇڏيو اٿئي، تہ ڏاهڻ واري جذبي جي سچائيءَ کي هميشہ ياد رکجانءِ.

17.3.1980

(مختلف ايگلز ۾ تنهنجن ڇپن جون ڇڏيل مهرون تن جي هيٺيان لکي ڇڏيل امداد جي ترائيل جا ڪجھہ بند)

وري ملون نہ ملون زندگيءَ رهي نہ رهي

الائي ڪهڙي خبر دوستي رهي نہ رهي

ڇپن کي ٿورڙو اڳتي ڪري ڏسي تو نون.

اهائي تہ اها تاريخ هئي سنجها، جڏهن مون پهريون ڀيرو تنهنجن ڇپن کي پنهنجي ڇپن سان ڇهي ڏٺو هو. اکيون ٻوٽي.

28.3.1980

هوءَ جا اڄڪلهه مون سان گڏ آهي ۽ منهنجي گلي جي ڪليل بٽڻن کي بند ڪري ٿي. (جيڪي سدائين بند ڪرڻ وساري ڇڏيندو آهيان). ۽ منهنجي هر ڏک جي ڀاڱي ڀائيوار بڻيل آهي. هلندي هلندي ڪنهن به ايندڙ پل ۾ پنهنجو هٿ منهنجي هٿن مان کسڪائي، مرڪ جا گل ۽ باءِ جو آٿو گراف ڏئي هلي ويندي. ۽ مان سندس پيرن ۾ پاتل، پينسل هيل واري سينڊل مان نڪرندڙ آواز، پاڻ کان پري ٿيندي ٻڌندو رهندس.

29.3.1980

هن مون سان خدا تي بحث ڪيو، مسلسل (منهنجي ڳچيءَ ۾ پيل صليب کي ڏسندي رهي) ۽ منهنجي هر دليل کان انڪار ڪندي رهي. آخر ۾ عام لهجي ۾ چيائين:

’مون وٽ نه ايندو ڪر.‘

هر وک ڊهندو هليو ويو هوس.

(سنجها، مون کي اهو ڏسي، سوچي حيرت ٿي هئي ته جنهن ڏينهن، جنهن شام تو کي ريڊيو تي ڏسڻ آيو هوس، ان ڏينهن به تاريخ 29 ئي هئي. فرق هو به ته ٽن سالن جو.... ٽن سالن جو ۽ جڳهه جو. ڪاريڊور جو ۽ روڊ جو. صبح جو ۽ شام جو. مون کي محسوس پيو ٿئي اسان جي ملڻ ۽ وڇڙڻ جي وچ ۾ ٽن سالن جي نه، ڪجهه ڪلاڪن جي وڇوٽي هئي..... صبح کان شام تائين جي. انهن ڪجهه ڪلاڪن ۾، اسان هڪ ٻئي کان بي انت محبتون ۽ بي انت ڏک ڏئي چڪا هئاسين).

5.4.1980

سنسان روڊ تان ويس پئي، هوءَ منهنجي سامهون اچي بيٺي. هن سان گڏ شبنم بہ هئي. مون ڏٺو، سندس نيٽن ۾ ڪجهہ ڏينهن جي وڇوڙي جي پيڙا ڪي. چيائين:

’ڪينءَ آهين؟‘ چيم: تو آڏو آهيان.‘ چيائين: ’سڀاڻي مون وٽ ايندين....؟‘ چيم: ’جي تون چاهين تہ.....؟‘ چيائين: ’ها مان چاهيان ٿي.... هاڻي شايد روز چاهيان.......‘

16.4.1980

آسمان سڄو ڪڪرن سان ڇانيل هو. اسان فيڪلٽيءَ جي پوئين پهاڙي تي پير لڙڪائي ويٺا هئاسون. هن مون ڏانهن ڏسندي چيو: ’هلون....؟‘ سندس نيٽن ۾ ڳاڙها ڏورا لهي آيا هئا. اچي ويا هئاسون ڇئن ديوارن جي پناهہ ۾ ۽ سمورا آواز در ڪان ٻاهر رهجي ويا هئا. (ڪيڏو خوش آهيان اڄ؟)

من پرچي آيو هو. ڊائري بند ڪري ڇڏي هئم. سيف جي لاڪر کولي تنهنجو لکيل عيد ڪارڊ ڏٺو هئم، لکيل هو:

My ‘Punhoon’
You made my wish come true.
MY every happiness
Belongs to you.
If you are alive I am alive.
If you are sad, I am sad.

You are my everything
And all my dreams are for you.
Very soon they would become true
Yours for ever Sanjha.

۽ اڄ .... مان جيئرو هوندي بہ تو لاءِ مري چڪو هوس... اڄ....منهنجي مٿان ڏک ٻگهڙ ٻڻجي چڙهي آيا هئا، ۽ تون سک جي ننڊ ستل هئينءَ... ۽ مان تنهنجو سڀ ڪجهہ هوندي بہ ڪجهہ نہ هوس.. ڪارڊ واپس سيف جي لاڪر ۾ رکي گهر مان نڪري، بس پڪڙي يونيورسٽي هليو ويو هوس. گهمڻ لڳو هوس اهي سڀ گهٽ جتي ڪڏهن اڪيلو نہ هوندو هوس، تون بہ مون سان گڏ هوندي هئينءَ، پنهنجي مڙني سچائين سميت ۽ جڏهن جامع مسجد جي پر واري مير نور محمد روڊ جي ٿهيل ننڍڙي موريءَ جي ٻئي پر، ديوين جي گهاٽي جهنگل ۾ پهتو هوس، جتي ڪڏهن پاٽيءَ جو ننڍڙو تلاءُ بہ هوندو هو.. ۽ هلڪي هلڪي جهنگلي ڇٻر بہ؛ تہ مون کي ياد آئي هيءَ. اها ڳالهہ... هڪ پيري پاڻ ننڍڙي موريءَ تي ويهي روڊ تان ويندڙ ماڻهن جي وڃڻ جو انتظار ڪري رهيا هئاسون. جڏهن سڄو روڊ خالي ٿي ويو هو، تہ اسان اندر هليا آيا هئاسون. جهنگلي ڇٻر تي ويٺا ئي مس هئاسون تہ روڊ تي ڊوڙڻ جا آواز آيا هئا. تو منهنجي خالي هٿ ڏانهن ڏسي هلڪي رڙ ڪري چيو هو: ’منهنجو چشمو....؟‘ وائڙئپ منجهان چيو هئم: ’مون وٽ هو چا....؟‘ ’ها آ آ آ.‘ ۽ مان ديوين منجهان ٿهيل سوڙهي پيچري تان ذري گهٽ ڊوڙندو روڊ تي اچي ويو هوس. ڏٺو هئم موريءَ جي پٺ ڏانهن، جتي ڪجهہ بہ نہ هو... ۽ پوءِ روڊ تي ڊوڙندڙ ڇوڪرن ڏانهن ڏٺو هئم، جتي حيدرآباد ويندڙ ڪراچيءَ جي بس ڏانهن ڊوڙي رهيا هئا، سڀ کان آخر ۾ هڪ ٿلهو ڇوڪرو پنهنجي ويڪري منهن تي تنهنجو نفيس نظر جو چشمو ڦهڪائي. ٿاٻا کائيندو بس ڏانهن ڊوڙي رهيو هو. مون کي ڏاڍي کل آئي هئي. مان ٻئي هٿ پيٽ تي رکي ٽهڪن ۾

پئجي ويو هوس.

پهريان جڏهن تون مون کي ملي هئينءَ، تو کي اسٽارز تي يقين هوندو هو. چوندي هئينءَ: ’تون ايريز ۾ مان اسڪارپيو، تون باهه آهين ۽ مان پاڻي. پاڻ ٻنهي جو ذهني لاڳاپو بيحد مشڪل آهي. هوريان هوريان تنهنجا سڀئي يقين اين_ايل_سي جي ترڪ هيئيان اچي ويا هئا. تنهنجو اسٽارز تان يقين ڪچي ويو هو. هڪ ڏينهن مون کي ڳراٽڙي پائي چيو هيئي: ’اسٽارز، سڀ بڪواس آهن.... تون ايريز ۾ مان اسڪارپيو هوندي به هڪ ٻيءَ کي ڪيڏو چاهيون ٿا..جڏهن ته اسان کي ڪنهن به حال ۾ گڏ رهڻ نه گهرجي. پوءِ اوچتو ئي اوچتو صبا اسان ٻنين جي وچ ۾ اچي وئي هئي. تو چيو هو: ’ورگو ڏاڍا مصلحت پسند، اندر جا کوٽا ۽ ڪميٽا هوندا آهن. هو پنهنجون ڳالهيون ڪنهن کي به نه ٻڌائيندا آهن، ٻين جون سڀ ڳالهيون چاٽڻ جي چڪر ۾ رهندا آهن. مون کي ان اسٽار کان نفرت آهي.‘

پر سنجها، اهو به ڪيڏو وڏو الميو آهي....؟ ظهير، جنهن سان تو شادي ڪرڻ ٿي چاهين. اڄ جيڪو تنهنجي مڙني خوابن جو مالڪ آهي. تنهن جو اسٽار به ته ورگو آهي... ؟ مون کي محسوس پيو ٿئي، تون صبا سان نفرت ڪندي به هن لاءِ بيحد عزت ۽ احترام رکين ٿي. جڏهن ظهير جي سالگرهه هوندي، تون نه چاهيندي به صبا کي ضروري يا ڪندينءَ!

هر سجاتل اڪيلو ڏسي پڇندو هو:

’سنجها ڪٿي آهي....؟‘

مون کي چڙ هئي ان سوال کان، اهڙن سوالن پڇندڙن کان. گهر هوندو هوس تہ امان مون کي اجايو پيار ڪرڻ لڳندي هئي. ٻانهون ڦهلائي، پنهنجي ٻڪ ۾ منهنجي مٿل مک کي ڀري ڳائڻ لڳندي هئي، سهرا ۽ سهرا ٻرنديءَ تي گاسليٽ... جيڪو ٽيٽو هو، ٽي چڪو. جيڪو ٽيٽو هوندو آهي، تنهن کي ڪوبہ روڪي ناهي سگهندو....ڪڪر جيڪڏهن شڪليون مٽائڻ چڏي ڏين، تہ ڪڪر نہ پهاڙ سڏائين. مون کي سڌ هئي، انهن ڳالهين جي...پر پوڳنا جو احساس نہ هئم. ٽيڻ لڳو هو، ٽي رهيو آهي... ٽيڻ بہ گهرجيم، آخر مان (آهيان)، (هئس) ناهيان...۽ جيسين (آهيان) پوڳٽو پوندو. دل آهي جا، چتا ٻڻجي پئي آهي. خبر ناهي ڪيترن سالن کان ٻڏل آهيان، چوڪنيو پهاڙ جي چوٽيءَ تي، ۽ ڳجهہ منهنجي ڪلهي تي ويهي منهنجو جيرو ٽڪي رهي آهي. مون کي چڙ آهي، امان جي اجائي پيار کان.... مون کي چڙ آهي، پڇ پڇان کان... مون کي چڙ آهي، چو...؟ چا لاءِ....؟ ڪيئنءَ.....؟ ڪڏهن؟ ۽ ڪٿي....؟ کان. محسوس پيو ٿئيم هو سڀ هن گهڙيءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. جنهن ۾ ڪري پيو آهيان... جا گهڙي تہ ناهي ڪا ٻي انت ڪاهي آهي، جنهن ۾ ڪرندو پيو وڃان ۽ منهنجي دل ٻوساٽبي ٽي وڃي.

قبرن تي وڃڻ، دعائون گهرڻ ۽ اگربتيون ٻارڻ، عجيب لڳندو آهي، پر تو کان وڇڙڻ کان پوءِ جڏهن پوڳنائن جي سرڪڻ ڦاهي منهنجي ڳچيءَ ۾ سوڙهي ٿي ويندي هئي، تہ تنهنجي بابا سائين جي قبر تي وڃي اگربتيون ٻاري چڏيندو هوس. اکيون ٻوٽي ڊگها ساهہ کڻي خوشبوئن جي واس وٺڻ لڳندو هوس. منهنجون سموريون پوڳنائون ڪڪر ٻڻجي هوائن ۾ اڏامي وينديون هيون. سڪون خوشبو ٻڻجي منهنجي اندر ۾ سمائجي ويندو هو. اهڙي ئي هڪ شام، تنهنجي بابا سائين جي قبر تي اگربتيون ٻاري سڪون جي اڻ لکي احساس هيٺ هالکو ٻڻجي، روڊ تي اچي ويو هوس. تہ هڪ ڪار زوردار بريڪ سان منهنجي پير ۾ اچي بيهي رهي هئي. ظهير ڊرائيونگ سيٽ واري دريءَ مان

منهن ڪڍندي چيو هو:

’ڪهڙا حال آهن....؟‘

’تنهنجي آڏو آهن.‘

’ڪيڏانهن ويو هئين....؟‘

’سيڪا ٽريسٽ وٽ.‘ مرڪي چيو هئم. هو هلڪو ٽهڪ ڏئي، ٻاهر اچي ويو هو.

’اچين نہ ٿو مون وٽ....؟‘

’مان تہ هر وقت توسان گڏ هوندو آهيان.‘

’ڪيئن؟....؟‘

’سنجها ۽ مون ۾ ڪوبہ تہ فرق ناهي......؟‘

ظهير جي اوجل مک تي جرڪندڙ نيڻن مٿان، چڻ چهرا لهي آيا هئا. سوچ ۾ پئجي ويو هو. گنڀير بڻجي چيو هئائين:

’مون سان هلندين....؟‘

اسان ٻئي ميرن جي قبرستان ۾ اچي ويا هئاسون. جهوني قبي جي ڪماني دروازي، جي هڪ ٿلهي تي ظهير ويهي رهيو ۽ ٻئي تي مان. ٻئي ڪيتري دير شام جي سرمائي ڏنڌ ۾ گهوريندا رهيا هئاسون. هن مضبوط لهجي ۾ چيو هو:

’حقيقت ۾ مون اهو نہ چاهيو هو.. مون کي خبر هئي، مون کي خبر آهي تہ سنجها توکي بيحد چاهيندي هئي .... سنجها سٺي آهي، بي انتها... پر تون هن کي سمجهي نہ سگهين... تون هن کي ڏاڍا ڏک ڏنا ۽ سنجها تنهنجي ڏنل ڏکن کر متاثڙ لاءِ، سليپنگ پلز کائڻ لڳي.... گهر جي اونداهين ڏاڪڻين ۾ ويهي، سگريٽ مٿان سگريٽ پيئندي رهي....مون سنجها کان سموڪنگ بند ڪرائي... مون هن کان سليپنگ پلز ڇڏايا... سنجا تو سان محبت ڪئي، موت ۾ تو هن کي سواءِ ڏکن ۽ نفرتن جي، ڪجهہ بہ نہ ڏنو. تون سنجها کي سمجهي نہ سگهين... آئون ڊاڪٽر ناهيان، پر دوائن جي خبر اٿم. مون پاڻ سنجها جي پرس ۾ ڊاڪٽر جي پرسڪرپشن ڏٺي آهي، پڙهي آهي. توکي سڌ ناهي. پر اها حقيقت آهي تہ سنجها، هارٽ پيشنٽ ٿي پئي آهي. مون کي ڪنهن بہ ايندڙ گهڙيءَ تي يقين ڪونهي ... خبر ناهي سنجها... هوءَ ڪنهن بہ ايندڙ گهڙيءَ تي يقين ڪونهي...خبر ناهي سنجها... هوءَ ڪنهن بہ ايندڙ گهڙيءَ ۾....مون... مون سنجها جي مختصر زندگيءَ ۾ ڪجهہ مهينن جو واڌارو آندو آهي.... آئون هن جي اداس زندگيءَ ۾ انڊلٺ جا ستئي رنگ ڀريندس، آئون سنجها سان شادي ڪندس.‘

منهنجي اندر ڪيترائي ڀيانڪ ٿمڪ ڀڙاڏاجي ويا هئا. ظهير مون کي اهو ٻار لڳو هو، جيڪو وڏن جون ٻڌل ڳالهيون پاڻ سان منسوب ڪري، پنهنجي دوستن جي سٿ ۾ سينو ڦوڪي ٻڌائيندو آهي ۽ ٻڌائي پاڻ کي مڙني کان وڌيڪ ذهين ۽ هوشيار سمجهڻ لڳندو آهي. ۽ سنجها، مان ان شام تنهنجي ذهانت جو قائل ٿي ويو هوس. چيو هئم:

’بيشڪ، ظهير مان سنجها ڪي سواءِ ڏڪن جي ڪجهہ نہ ڏئي سگهيس... منهنجي ٽن سالن جي پڪيڙ تي، تنهنجي مهينن جي قرب ڀاري آهي.. ڇو تہ تون هڪ اهڙي ڇوڪريءَ سان محبت ٿو ڪرين، جيڪا ڪجهہ گهڙين جي مهمان آهي.. تو هن ڪان سليپنگ پلز ۽ سموڪنگ بند ڪرائي، هن ڪي نئين زندگي بخشي ڇڏي آهي. تون اورتار آهين، مان راڪشس... تون مهان آهين، مان نيچ ..... تون سڀ ڪجهہ آهين، مان ڪجهہ بہ نہ...‘

ڏيادار مرڪ هن جي خوبصورت چپن تي پکڙجي وئي هئي. اسان ميرن جي قبرستان مان نڪري روڊ تي اچي ويا هئاسون. ڊرائيونگ سيٽ تي ويهندي مهربان آواز ۾ چيو هئائين:

’ڪيڏانهن ويندين....؟‘

’مان پهچي ويندس، تون هليو وڃ.‘

ڪار اسٽارٽ ڪري، گيئر مٽائي، بريڪ تان پير هٽائي ايڪسيليٽر تي زور وڌائي ڇڏيو هئائين، ڦيٿن مان چرڙاٽ نڪتا هئا، مان ويندڙ ڪار جي ڳاڙهين بتين ڏانهن ڏٺو هو، جيڪي اونڌهہ ۾ گم تي رهيون هيون. مون کي اهي ڳاڙهيون بتيون، تنهنجن نيڻ جهڙيون لڳيون هيون، جيڪي پنهنجي فتح تي مرڪي رهيو هيون، لازوال مرڪ.

سال ڪان پوءِ صبا وٽ هليو ويو هوس.

سمجهيو هئم، هن سان ملي، دل جو بار هلڪو ٿي ويندو. ڪال بيل وڄائي هئم. ڪجهہ دير کان پوءِ ڪنهن پڇيو هو:

’ڪير....؟‘

’پنهون.‘

در کلي ويو هو صبا جو مک ظاهر ٿيو هو. هن پنهنجا وار گهٽا ننڍا ڪرائي ڇڏيا هئا. انهن وارن جي صبا مون کي خالي خالي لڳي هئي. کيس هلڪو نيرو سليپنگ گائون اوڍيل هو. بنا لپسٽڪ جي چپ ڪجهہ وڌيڪ ناسي نظر آيا هئم، شايد هن سموڪنگ جي اسپيڊ وڌائي ڇڏي هئي. مون کي ڏسي عجيب هن جي، پورن ناسي نيٽن ۾ ڪراس بڻجي ڪپي ويو هو. چيو هومانس:

’اندر اچڻ لاءِ نہ چوندينءَ.....؟‘

هن لوهي گيٽ کولي ڇڏيو هو. مان ڊرائينگ روم جي ساڳي اڪيل صوفيا تي هميشہ جيان ويهي رهيو هوس. ڪابہ تہ چينئج نہ آئي هئي، هن جي ڊرائينگ روم ۾ چڻ سال اڳ جو ڪو فوٽو گراف ڏسي رهيو هوس. صبا منهنجي اداس منهن تي جهنگلي ڇپر وانگر، ڦٽي آيل ڏاڙهيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳي هئي. ڏک جون ڪوئلون، هن جي ڇپن جي شاخن تي لهي آيون هيون. ڏسندي رهي هئي.

’ڇا ٿي ڏسين صبا.......؟‘

’ڇڏي ويئي نہ.........؟‘ ڏڏيل آواز ۾ چيو هئائين.

’ها.....صبا...‘ ڪنڌ لوڏي ڀري پيو هوس.

’مون توکي چيو هو نہ... ؟ مان توکي چوندي هيس نہ پنهون....؟‘ توسان رڳو رومانس ڪري سگهجي ٿو....‘

’تون ڪيئن آهين.....؟‘

’گذارو ٿئي پيو... صحافي بڻجي وئي آهيان ۽ جاويد ماڊرن موٽرز ۾، ڪارن ۾ ايئر ڪنڊيشنز ۽ ٽيپ رڪارڊ فٽ ڪندو آهي.‘

’جاويد......؟‘

’منهنجو مڙس آهي.‘

’تو......تو شادي ڪري ڇڏي صبا؟‘

’ها‘

’ٽيڪنيشن سان.......؟‘

’ها‘

’ءِ، ءِ تنهنجا خواب......!!؟‘

’توئي چيو هو، خواب ڪڏهن بہ ساڀيا نہ ٿيندڙ خواهشن جا ڏنڌلا عڪس هوندا آهن؟‘

صبا ڪارنر ٽيبل تان سگريٽ جو پيڪٽ کڻي سگريٽ ڪڍي دکائي ڏگهو سوٽ هنيو هو.

’اهو سڀ تہ فلمن ۽ ناولن ۾ ٿيندو آهي....؟‘

’ڪڏهن ڪڏهن ممڪن، ناممڪن ممڪن بڻجي ويندو آهي.‘

’ڪٿي رهندا آهيو....؟‘

’گهر جي مٿئين حصي ۾.‘

’ان ڪمري ۾، جنهن جي دري ٽريفڪ ڀريل روڊ ڏانهن کلندي آهي.....؟‘

’ها، تون منهنجو بيڊ روم ڏسندين........؟‘ اچ مان تو کي پنهنجو بيڊ روم ڏيکاريان.‘

صبا مون کي پنهنجي بيڊ روم ۾ وٺي هئي. فرش تي هلڪي نيري پس منظر مٿان، ڳوڙهي نيري گلن واري ڪارپيٽ وڇايل هو، ڊبل بيڊ جي ڪارنر ٽيبل تي صبا ۽

سندس مڙس جي شاديءَ جو فوٽو فريم ٿيل هو. روڊ ڏانهن کلندڙ دريءَ مٿان هلڪو نيرو پڙدو لڏيو پئي ۽ دريءَ جي کاٻي پاسي، ٻن جاڙن ٻارن جو کلرڊ پوسٽر چهٽيل هو. صبا بيڊ تي ويهندي چيو هو:

’ڪيئن آهي پنهنجو بيڊ روم....‘؟

’خوبصورت‘

’۽ منهنجو مڙس....؟‘ هن فريل ٿيل فوٽو ڏانهن ڏسندي چيو هو:

’خوبصورت‘

’منهنجو مڙس بي انتها سٺو آهي... هو منهنجي هر خواهش جو احترام ڪندو آهي. جاويد ڪي مون سان لازوال محبت آهي، جيتري منهنجي توسان هئي........آهي.‘

صبا ڳالهائيندي شوڪيس ڏانهن هلي وئي هئي. چابي ڦيرائي، تاڪ کولي هٿ وڌائي بوتل ڪڍي. سينٽرل ٽيبل تي رکندي چيو هئائين:

’تنهنجي لاءِ آهي.‘

’هيءَ...؟‘

’مون چيو نہ.. منهنجو مڙس مون سان لازوال محبت ڪندو آهي. اسان ڪڏهن ڪڏهن

پيئندا آهيون.‘

پوءِ... توهان ڇا پيئندءُ.....؟‘

”Don’t worry about it“

’نہ صبا، مان وڃان ٿو....‘

’ڊڄ نہ، ويھہ ويھہ. هو اڍائين وڳي کان اڳ نہ ايندو. ۽ پپا جي تہ توکي خبر آهي.‘

’پر صبا......؟‘

صبا در ڏانهن ويندي ڇپن تي آڱر رکي ڇڏي هئي. واپس آئي هئي تہ سندس هڪ هٿ ۾ جڳ، برف ۽ پاڻيءَ سان ڀريل هئي. ٻئي هٿ ۾ ٻہ نفيس گلاس. جڳ ڪلاس ٽيبل تي کي بوتل کولي ڇڏي هئائين صبا پيڪ ٺاهي، هڪ مون ڏانهن وڌايو هو ۽ ٻيو پاڻ کنيو هو چيئرز ڪندي چيو هئائين:

’جاويد جي مهانتا جي نالي.‘

اسان پيئندا رهياسين، پهريان ٻہ پيڪ تکڙا. پويان ٻہ پيڪ آهستي. صبا آخري ڍڪ پيري، سگريٽ دکائي ڏڏيل آواز ۾ چيو هو:

’اڄ تہ پنهنجي دل سنجها جي پرس ۾ نہ وساري آيو آهين نہ، پنهون......؟‘

’نہ .........ويندي ويندي سنجها منهنجي دل، منهنجي پير ۾ وساري وئي هئي.‘

’گهٽا ٽڪر ٽيل هئي....؟‘

’حسابن ۾ ننڍي هوندي کان جڏو آهيان... ميٽرڪ ۾ حسابن جو پيپر ٿي نہ ڏيڻ ويو هوس... صبا، مان آٺو گراف ڏيڻ کان ان ڪري لنوائيندو آهيان، جو مون کي ديٽ لڪٽي پوندي آهي... ان مهل مون کان وسري ويندو آهي تہ ٽياسيءَ ۾ ٽي اڳيان ايندا يا پويان... مان... مان دراصل اڳيان پويان جي چڪرن ۾ پوڻ نہ چاهيندو آهيان... صبا، مان... مان ڏيڻ چاهيندو آهيان بي حساب، وٺڻ چاهيندو آهين بي حساب‘

’مون، مون بي حساب گاريون کاڌيون آهن، رڳو تنهنجي ڪري، ڪاريڊور ۾.. آفيسز ۾... روڊن تي.. جڏهن تو ڪال بيل وڄائي هئي نہ، دروازو کولڻ آئي هيس، تہ مون در جي پير ۾ لڳل سورج مکيءَ ڏانهن ڏٺو هو. جنهن تي هڪ گار ويٺل هئي، ۽ مون ڏانهن ڏسي مرڪي رهي هئي.. پر سورج مکيءَ جو منهن ان وقت بہ سورج ڏانهن ڪڇيل هو. بلڪل ائين جيئن هن وقت منهنجو منهن، تو ڏانهن ڇپيل آهي. مون کي نڪ تي بار پيو محسوس ٿئي. ڏس ڪا گار تہ ويٺل ناهي....؟‘

’نہ، تنهنجو چهرو تہ اجرو جر آهي.‘

’منهنجي چهري جي اجري جر مان، منهنجو اندر نظر اچي پيو ڇا.....؟‘

’ها.‘

’گهڻين گارين جا ڍير پيل آهن، منهنجي اندر... ؟‘

’تنهنجي اندر جي چوڪ تي، هڪ بورڊ لڳل آهي.‘

’ڪا گار لکيل هوندي پڪ...؟ ڏس، رائٽنگ سنجها جي تہ ناهي.....؟‘

’رائيٽنگ....؟ رائيٽنگ تہ الائجي ڪنهن جي آهي، پر بورڊ تي بولڊ اکرن ۾ لکيل آهي.“Keep City Clean”!

’مون ڏي اچ تہ.. تنهنجي صفائي ڪري ڇڏيان...؟‘ صبا پنهنجي سليپنگ گائون جو ڏوريون کولي ڇڏيون هيون.

’هي ڇا ٿي ڪرين صبا....؟‘

’صفائي.....؟‘

’ڇڙهي وئي اٿئي. آرام ڪر....؟‘

’ڪنهن تي...؟ ڇا....؟ گار......؟ هي گاريون منهنجو پيڇو نہ ڇڏينديون... دراز کولينديون آهيان تہ، گاريون نڪري ايندﻳون آهن..... ڪپڙا ڇنڊيندي آهيان تہ، گاريون ڇڻڻ لڳنديون آهن. ڪالهہ رات مان ۽ جاويد آڱنڊ ۾ ستا پيا هئاسون، جاويد آسمان ڏانهن اشارو ڪري چيو هو:

’ڏس آسمان تي ڪڪر ڇانئجي ويا آهن‘ مون ڏٺو هو، آسمان سڄو ڪارين سان ڀريل نظر آيو هئم. پوءِ ڪيتريون ڪاريون هوائن ۾ اڏامنديون، منهنجي مٿان اچي ڪريون هيون. مان پلنگ تان اٿي ڪمري ۾ ڀڄي وئي هيس، جاويد کي چيو هئم. مان ٻاهر نه سمهنديس، پلنگ اندر ڪٽي اچ.. ٻڌ پنهون... ان ڪان اڳ جو مان ڪارين جي پٿرن ۾ زنده دفن ٿي وڃان... مون کي بچائي وٺ. مون کي ڪارين ۾ دفن ٿيڻ کان بچائي وٺ....مون کي بچاءِ، پنهون.....؟‘

سليپنگ گائون هن جي ڀريل ڪلهن تان ترڪي پلنگ تي پکڙجي ويو هو.

’مون کي خبر آهي... مون کي خبر آهي ته، تون مون ڏي نه ايندين... تون چاهين ٿو ته مان، سنجها جي ڏنل ڪارين ۾ جيئري دفن ٿي وڃان.. ڇو ته توکي سنجها پياري آهي... ’بي انتها. توکي ٻيو ڪوبه پيارو ڪونهي. ڪوبه نه.‘

”...You are great saba“

’نه نه مان عظيم ناهيان.. مان، مان ڊسٽ بن آهيان..... جنهن ۾ سيني ڪارين جا پاروٿا ٽڪر اڇلايا آهن. هن يونان جي شهزادي ....تو... سنجها، سيني سيني.....I am not great... I am not great

صبا پلنگ تي اونڌي سمهي، ٻارن وانگر روئي پئي هئي. ٽڙندڙ وکون کڻندو صبا ڏانهن وڌيو هوس. پلنگ تي پکڙيل سليپنگ گائون کڻي کيس ڍڪي ڇڏيو هئم. من هيرڻ پن ٿي ويو هئو. گوڏا ٽيڪي، صبا جي سڏڪن سبب ڏڪندڙ پيرن مٿان، چپ

رڪي ڇڏيا هئم. لڙڪ لڪيءَ جي جبلن ۾، ياعلي جي نعرن سان، ڪنن تائين پرجي ويندڙ ڪوهه جيان نيٽن جون سموريون ٻنڌون ڀڄي، اٿلي پيا هئا. اندر سڄو ڀڙاڪجي ويو هو.

’You are great sabaaaa……‘

شهر تارچر ڪئمپ بڻجي پيو هو. ساروٽيون پهاڙي وڇون. جيڪي هر وقت منهنجي ذهن جي سيرن مان نڪري، منهنجي منهن... ڪلهن... سيني..... هٿن .. ۽ پيرن تي رڙهڻ لڳندا هئا. ڊڪجي ويندو هوس، ساروٽين جي پهاڙي وڇن ۾. زهر منهنجي سڄي سرير ۾ رت بڻجي ڊوڙڻ لڳو هو. پنهنجي لاءِ عذاب بڻجي ويو هوس. تڏهن مون شهر کان گهڻو ڏور هليو وڃڻ چاهيو هو... ۽ پنن سان سفاري ڪِٽ ٻڌي گهر مان نڪري آيو هوس. پلڪندي، ڪيفي جبيس جي ٻاهران اچي، فوٽ پاٿ تي لڙڪيل وال پوسٽرز ڏسي رهيو هوس ته، پنيان ڪنهن چيو هو:

’ڪيڏا خوبصورت ٻار آهن.....؟‘

پهريان مرڪندڙ ٻارن جي وال پوسٽر ڏانهن ڏنم هئم ۽ پوءِ منهن ورائي پنيان. وفا مرڪي رهي هئي. ڪا، شئي نهائينءَ مان اچل ڏئي سيني تائين پهچي، واپس نهائينءَ ۾ گم ٿي وئي هئي. چيو هئم:

’تون.....!!!؟‘

’سامهون بڪ اسٽور تان پنهنجي لاءِ 1983ع جي ڊائري ۽ هن لاءِ (وفا، پير ۾ بيٺل، پاڻ

ڪان پنج سال وڏي نظر ايندڙ سانوري، پر بيحد اسٽائلش ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو هو) نئين سال جو هار اسڪوپ بڪ وٺي ٻاهر نڪتيس تہ سامهون تون نظر اچي وئين....؟'

'سامون هج يا پٺيرو... مون کي هميشہ سامهون ئي نظر ايندو آهين.'

'ڳالهائڻ سکي ورتو اٿئي؟'

'ڪو سمجهڻ وارو هجي، تہ ڳالهائڻ ڏکيو نہ لڳندو آهي.' اداس هوندي بہ مرڪي پيو هوس. وفا اسٽائلش ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو هو:

'هي منهنجي ڪزن آهي، چمپا، ڪراچي ۾ رهندي آهي....۽ چمپا، هي پنهون آهي....'

'لڳي ٿو.' چمپا مرڪي چيو هو.

'ڇا؟'

'پنهون.'

چمپا جي جواب اسان جي چپن تي، مرڪ جي مٺائي ورهائي ڇڏي هئي.

'هلو پلا....؟'

’تون فري آهين پنهون....؟‘

’فري ئي فري‘ ڏکيل مرڪ مرڪي چيو هئم.

چمپا منهنجي چهري تي ڪو خاص تاثر نہ ڏسي، پرس سنپاليندي رروڊ ڪراس ڪري، پرينءَ پر پارڪ ڪيل ڪار ڏانهن هلي وئي هئي.

پٺينءَ سيٽ تي ويهي رهيو هوس، وفا منهنجي پر ۾ اچي ويهندي چيو هو:

’المنظر هلون چمپا...؟‘

’خودڪشيءَ جو موڊ آهي چا....؟‘

’تو ساٿ ڏين تہ....؟‘

’نہ سائين، ڪار گهر واپس ڪير موٽائيندو؟‘

وفا ڪان ٺهڪ نڪري ويا هئا. ڪار تلڪ چاڙهي لهي، سول هاسپٽل جو موڙ ڪٽي، هيرآباد ڏانهن ڊوڙڻ لڳي هئي. چما ٽيپ رڪارڊ جو بٽڻ آن ڪري ڇڏيو هو. ۽ ڪوئي ڳائڻ لڳو هو:

My darlin had some work

.So I went to the show alone

They turned off the lights

And turned the projector on

.And I saw my darling and my best friend walking in

,As I was sitting right there they didn’t see me

And they sat right in front of me

.And when he kissed her lips I almost died

,And in to the middle of the color cartoon

,I started to cry

,Then I started walking to home

,When mama saw the tears, said

,Baby what is wrong

.And Just to keep form telling her a lie

,I Just said, sad movies make me cry

...Sad movies always make my cry

**ڪار ڄامشوري جي پل اورانگهي، موڙ ڪٽي المنظر وٽ اچي وئي هئي.**

**پريان سنڌوءَ جون ڇڙواڳ لهرون، هوائن تي ململ جي ڪيلي پيـل ٿـانن وانگـر، لهرائڻ لڳيـون هيـون، لهـرن ڏانهـن ڏسندي مـون کي پنهنجـو ٽريـو دوست ڏاڏو يـاد آيـو هـو. جيڪـو محبت جي ڳولها ۾ نڪتو هو ۽ نفرتن جي دريـاهـ ۾ ٻڏي ويـو هـو، ٻڏي ويوهـو الائجي ٻوڙيو ويوهو...؟ ڏسڻ وارن ٻڌايو هو، ٽن ڏينهن ڪانپوءِ، پـوليس جڏهـن سندس مڙهـ پـل جـي ٻائيتـالهين دروازي مـان ڪـڍيـو..... تـ هـن جـون ٻئي منيـون پـڪوڙيـل هيون، جن ۾ پيربل هئي، واري... واري... ڪا بـ مڪڙي ڪـوبـ گـل نـ واري تـ هـن جـي ڪوٽ جي کيسن ۾ بـ پيربل هئي... اهو ڪـوٽ جنهن ۾ هن سان گڏ هلندي جنوريءَ جي پـارن ۾، مـان پنهنجـا نـري ويـل هـٿ وجهـي، پـارو ٽيـڻ کـان بچائيـنـدو هـوس... ۽ هـو منهنجي اهڙين حرڪتن تي، ٺهـڪ ڏئي کلي پونـدوهو، ۽ کلنـدي هـڪـدم مـاٺ ٿـجـي ويندو هو. مون کي سندس ان ڳالهـ تي ڏاڍي ڪل اينـدي هئي. ڪـانئس پڇنـدوهوس: ٻُڌ تون ٺهڪ ڏئي هڪ دم ماٺ ڇو ٿي ويندو آهين....؟' ڪو جواب ڏيـڻ کان سـواءِ، ڪـار رنگ واري چورس فريـم جي عينـڪ پٺيـان نظر اينـدڙ، ميرانجهـڙن نيڻـن سان تـڪـڻ لڳندو هو....**

’چا ٿو سوچين...؟‘ وفا مون کي چپ ڏسي پڇڻ لڳي.

’سوچيان پيو.....موت ڪانپوءِ ڇاهي...؟‘

’موت ڪانپوءِ ....؟ موت کان پوءِ ٻاويهين ڊسمبر ڪان ٻہ ڏکهي، نہ ڪتندڙ رات آهي.‘

’ايڏي ميچوئر ڪڏهن کان ٿي وئي آهين...؟‘

’جڏهن تو پهرين ڪِس ڪئي هئي.‘ چمپا ڪرسيءَ تان اٿي ريلنگس ڏانهن هلي وئي هئي.

’پهرين ڪِس؟‘

’جڏهن مان رڳو سورنهن سالن جي هئس ۽ تون ايڪيهن سالن جو...؟‘

’اچ مان پنجويهين ۾ آهيان؟‘

’مان ويهين ۾.‘

’گذريل ٽن سالن ۾ مون سان ڇو نہ ملي هئينءَ وفا...؟‘

’مون پاڻ نہ چاهيو هو.‘

’چو؟‘

’تون مصروف هئين نہ....؟‘

’ءِ تون....؟‘

’انتظار پئي ڪيم.‘

’ڪنهن جو؟........‘

’تنهنجو.‘

’منهنجو .....؟‘

’ها..... تنهنجو.‘

’ءِ هاڻ.......؟‘

’تون ملي ويو آهين.‘

’ڪير ٿو چئي....؟‘

’پهريان ماڻهن پئي چيو، هاڻ تنهنجو چهرو پيو ٻڌائي.، مان ٽيبل تان پاڻيءَ جو ڀريل

گلاس ڪٽي، چپن تي لڳائي ڇڏيو هو. وفا چيو هو:

’ڇڏي ويئي نہ....؟‘

سچو پاڻي زهر بڻجي ويو هو، ۽ مان هڪ ئي ڳيت ۾ پي ويو هوس. ڪن رڪي چيو هئائين:

’’چيو هيئي... هوءَ گهڙين جي مهمان آهي... هن کي سچين محبتن جي ضرورت آهي... مان هن کي سڀ ڪجهہ ڏيندس... ڏيئي ڇڏيئس نہ سڀ ڪجهہ....؟ مليون ويون هن کي سچيون خوشيون....؟ ڏنو تئي پاڻ کي ...؟‘

’مان اڄ هليو ويندس.‘

’ڪيڏانهن....؟‘‘

’ڪنهن بہ طرف.‘

’توکي سڌ آهي، مون ڪيڏو انتظار ڪيو آهي...؟‘

’انتظار...بي جرم سزا...پولار ۾ اونڌي لٽڪڻ جي پوڳنا:‘

’پنهون....؟‘

’جي...؟‘

’آءِ، لو، يو؟‘

’تون...تون ڏاڍي سٺي آهين، بي انتها...‘ مون پنهنجو هٿ، ٽيبل مٿان پکڙيل وفا جي هٿ مٿان رکي ڇڏيو هو.

’ڇا تو چاهين...؟‘

’سڀ چاهنائون مري ويون....‘

’واپس ڪڏهن ايندين؟‘

’چئي نہ ٿو سگهان.‘

’پاڻ سان گڏ مون کي بہ ڏک ڏيڻ چاهين ٿو...؟‘

’وفا...پاڇي ۾ ڪوبہ ڪلو ڪوڙي، پاڻ کان ڌار ڪري نہ سگهيو آهي.‘

وفا منهن مٿي ڪري، مٿان اچي بيٺل بيري کي خالي آواز ۾ چيو هو:

’چڪن سينڊوچز ۽ ٽي ببل اپ.‘

’چڪن سينڊوچز ۾ تي ببل اپ....چڪن سينڊوچز تي... ۽ چڪن سينڊوچز.. اوچتو منهنجي ذهن جي سير مان هڪ وڏو پهاڙي وڇون نڪري رڙهندو، منهنجي دل واري پاسي لهي آيو هو، ۽ پنهنجا پير ڪوڙي ڏنگڻ لڳو هو.

’ٻه پليٽ چڪن سينڊوچز ۽ ٻه آئسڪريم سوڊا...‘ هڪ ڇيري پاڻ هڪ دوست ڪان موٽر سائيڪل وٺي. المنظر آيا هئاسون... سنڌوءَ جي ڪناري ڇپر مٿان رکيل ڪرسين تي اچي وهي رهيا هئاسون. توبيري کي چيو هو

’ٻه پليٽ چڪي سينڊوچز ۽ ٻه آئسڪريم سوڊا....‘

’منهنجي لاءِ ڪوڪ.‘ چمپا گرل تان هٽ هٽائي، اسان ڏانهن ايندي چيو هو ۽ بيرو هليو ويو هو.

ڪجهه ئي دير ۾ سينڊوچز ۽ بوتلون ٽيبل تي رکي بيرو واپس هليو ويو هو. چمپا سنيڊوچ ۾ چڪ وجهندي پڇيو هو:

’توهان جي سفاري ڪِٽ ۾ ڇا پيل آهي....؟‘

‘اڌ ڊزن کھيون، سئيون ٻه، پيڪيٽ. هڪ ريل، چار سويون، ٻٽڻ نولجين، بسڪوپان، استرپسلز، اٺ پيڪيٽ پيڪسيز جا چيڪليٽس، هڪ ڏونگهو، چانهه جي پتي، ڪنڊ، پائوڊر ملڪ، ماچيس اڌ ڊزن، رسو، ٽارچ ،اجرڪ، ڪجهه خالي ڪاپيون، ست بال پين، بسڪيٽس، چاڪو، ٽوئر ست ڊپارٽمينٽ جو نقشو، برش، واٽرڪلر، پينسلون ۽ اسڪيچ بڪ‘

ڪيڏانهن ٿا وڃو..........؟

’هچ هاءِ ڪنگ تي.‘

”ڪيسين تائين...؟

’جيسين تائين وڃي سگهيس.‘

چهري مان ٿڪل ۽ اداس ٿا لڳو.......؟

’رڳو اداس ڇئو،‘

’ڇو آهيو......؟

’عادت ۾ شامل آهي.‘

’سيلف امپوز ٿا ڪريو......؟

’سيلف امپوز ڪرڻ وارا ، ڏاڍا نيچ هوندا آهن.‘

’.................‘

’توهان ۾ ڪا خاص ڳالهہ تہ ناهي.......؟‘

’ڪينءَ؟ ‘

’وفا توهان جي ڏاڍي تعريف ڪندي آهي. ‘

’وفا جي سنائي آهي.‘

’بس توهان ٺيڪ آهيو، خوبصورت ناهيو. ‘

’مون ڪڏهن سمجهيو بہ ناهي.‘

’چا......؟

’پاڻ ڪي خوبصورت.‘

’ڇو؟‘

’خوبصورت هجڻ ۽سمجهڻ جو حق رڳو،ڇوڪرين ڪي هئڻ گهرجي . ‘

’۽ مردن ڪي ........؟‘

’خبر هئڻ گهرجي.‘

’تہ .......؟

’تہ خوبصورتي ڇاهي....؟‘

’ڇا هي خوبصورتي.....؟‘

’جيڪا منهنجي اندر ۾ آهي.‘

’ڇا هي توهان جي اندر ۾......؟‘

’جيڪو سنڌوءَ جي لهرن ۾ آهي.‘

’ڇا آهي سنڌوءَ جي لهرن ۾......؟‘

’جيڪو توهان جي نيڻن ۾ آهي.‘

’توهان ڳالهايو خوبصورت ٿا.‘

’خوبصورت ڳالهين سان، تہ ڪنهن جو بہ پيٽ پرجي ناهي سگهندو.‘

اسان ٿئي ماٺ تي ڪائڻ لڳا هئاسون. گهڻي دير ڪانپوءِ چمپا ٻيهر چيو هو:

’توهان ٻئي، شادي ڇو نہ ٿا ڪري ڇڏيو....؟‘

’حاصل ٿي وڃڻ ڪانپوءِ، هر شئي پنهنجي معنيٰ وڃائي ڇڏيندي آهي.‘

وفا پنهنجو منهن مٿي ڪري، مون ڏانهن ڏٺو هو. مون کي لڳو هو، ڄڻ هن چيو هو:

’اهو تون نہ، تنهنجي اجائي حاصلات کان پوءِ جي مايوسي ڳالهائي رهي آهي.‘

ٻيهر ڪنڌ نوائي ڪائڻ لڳي هئي. چمپا پرس مان آٽو گراف بڪ ڪڍندي چيو هو:

’نہ مون کي ڪهاڻين پڙهڻ جو شوق آهي، نہ ٽي-وي تان پيش ٿيندڙ، سنڌي ڊرامن ڏسڻ جو. پر پوءِ بہ خبر ناهي ڇو، توهان کان آٽو گراف وٺڻ ٿي، جيءُ چاهي ٿو.‘ چمپا آٽو گراف بوڪ مون ڏانهن وڌائيندي، مرڪي چيو هو:

’آٽو گراف پليز؟‘

پاڻ ڏانهن سري آيل آٽو گراف کي کولي، ڪيتري دير آٽو گراف جي پيلي ڪارڊ جي پيلاڻ ۾، تڪيندو رهيو هوس. پوءِ پينٽ جي پچ پيڪٽ مان بال پين ڪڍي، لکي ڇڏيو هئم.

’ضروري ناهي، اسان جنهن طرف ڊوڙي رهيا هجون، منزل بہ ان طرف هجي، منزل تہ ڪنهن بہ طرف ٿي سگهي ٿي.

ڊيٹ لکڻ کان سواءِ، چمپا کي واپس ڪري ڇڏي هئي. چمپا پڙهڻ لڳي هئي. بيـرو آيـو هو، ۽ وفا بل تي پنجاهہ روپيا رکي ڇڏيا هئا. بيـرو هليـو ويـو هـو، وفـا آٽـو گـراف بـڪ چمپا کان ورتي، پڙهڻ لڳي هئي. بيرو آيو هو. وفا پنج روپيـا رکـي ٻيـا پيسـا کڻـي ڇيـو هو:

’هلون.....؟‘

اسان ٽئي ڏاکٽيون لهي، ڪار وٽ اچي ويا هئاسون. وفا پنيون در کولي ڇيو هو:

’اچ.....؟‘

’نہ.‘

وفا جي ڇپن جي ڪنڊن سان گڏ نيٹن ۾ ڪجهہ ڏڏي ويو هو. مرکي ڇيو هئي:

’اوکي؟....‘

’گوڊ باءِ.‘ چمپا مرکي ڇيو هـو گـاڏي اسـتارٽ ڪـري ڇڏي هئائيـن. مـان هلـڻ شـروع ڪيو هو، ڪار ڄامشوري جي پل جي موڙ تـائين، مـون سـان گـڏ هلي هئي. مـان ڪـار ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ، سپر هاءِ وي تي پهچي ڄامشوري ڏانهـن هلـڻ شـروع ڪيـو هـو. ڪار اوڀر ڏانهن الهي وئي هئي. ڳائڻ لڳو هوس:

Feelings,
Feelings of Love,
Again in my heart
Feelings,
Feelings like I`II never have you,
Or the feelings I never lost you
Again in my heart
Feelings.

**پٺيان ڪنهن زور سان بريڪ هنيو هو. ڇرڪ ڀري پٺ ڏانهن ڏٺو هئم. چمپا ڊرائيونگ سيٽ تان مرڪي رهي هئي. وافا پٺيون در کولي، ٻاهر اچي وئي هئي. هٿ ۾ جهليل ڊائري مون ڏانهن وڌائيندي چيو هئائين:**

**’رکي ڇڏ.‘**

**’پر، هيءَ تہ، تو پاڻ لاءِ ورتي آهي....؟‘**

**’الڳ هميشہ توئي مون کي سمجهيو آهي....؟ پهريان بہ، هاڻ بہ. هان وٺ رکي ڇڏي......؟‘**

**مرڪڻ چاهيو هئم. پر مرڪ هوائن جي رُخ تي رکيل ڏيئي جي لاٽ جيان ڦڙڪي اجهامي وئي هئي. محسوس ٿيو هئم، وفا تابوت ۾ آخري ڪوڪو ٺوڪي ڇڏيو هو ۽ مان هن کان چپ چاپ ڊائري وٺي ڇڏي هئي. وفا ڪار ۾ ويهي دروازو بند ڪري ڇڏيو**

هو. ڪار موڙ ڪٽي واپس اوپر ڏانهن موٽي وئي هئي. ڪار کي پاڻ کان ڏور ويندي ڏسندي رهيو هوس. سراپيل من سان ڊائري کولي ڏٺي هئم. چوٿين مهيني جي ساڳي تاريخ واري پيج تي لکيل هو:

To,
Loving ‘Punhoon’
First love is the last love
Which can neither be created
Nor can be destroyed.

ڪيتريون گهڙيون ڪراچي واهہ مٿان نهيل، موريءَ جي سيمنٽ جي جهنگلي تي ويهي، سوچيندو رهيو هوس. گهڻو ڪجهہ، ڪجهہ بہ نہ سمجهي ڊائري بند ڪري، ٿڪل ٿهڪ ڏئي کلي پيو هوس. ٿهڪ، اڏ مئل ٿهڪ ۽ هلڻ لڳو هوس، هلندو رهيو هوس. روڊ، رستا...پيچرا..... لاهيون چاڙهيون... ميدان، سڀ منظر پٺ ڏانهن رهندا ويا هئا. ميدان هو، مان هوس ۽ سورج هو. هلندا رهيا هئاسون، پوءِ سورج بہ ٿڪجي پيو هو.

هن مهل رات جا ٻہ ٿين پيا، مان جڏهن هن پهاڙ تي چڙهيس پئي، تہ سورج رات جي آخري الٽي اولهہ ۾ هاري، آسمان ۾ هٿوراڙيون هٽي ٻڏي ويو هو. مٿي پهچڻ تائين مون کي سڌ ناهي، ڪيتري دير لڳي هئي. پر مان چڙهندو ئي هليو ويو هوس. پهريان تيز، پوءِ ڪجهہ آهستي، آخر ۾ هٿن پيرن ڀر، هڦجي ويو هوس. پهاڙيءَ جي مٿاچري تي پهچي، سفاري ڪٽ سوڏو پٺيءَ ڀر ليٽي، ڊگهن ساهن ۾ ٻڏي ويو هوس. ڪليل سرمائي آڪاش ۾ هر ڏسا، ترورا اڏامڻ لڳا هئا. زبان ڪاڪڙي تائين نڪر ٻڏجي وئي هئي. ۽ خاموشي ڪنن ۾ تيز سوساٽ جي آري هلائيندي رهي هئي.

هن وقت رات جا ٻہ ٿي ويا آهن. ان وچ ۾ ٻہ پيرا چانهہ ٺاهي بسڪٽس سان پيتي آهي... دل تہ هن وقت بہ چانهہ ٺاهي پيئڻ تي ٿئي ٿي، پر هاڻ مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو... ڪيڏو سک آهي. هتي....؟ سک جيڪو ميلن تائين پکڙيل آهي... مان ڏک جون سموريون سرحدون پار ڪري آيو آهيان..... (ڇا ڏک جي بہ ڪا پڇاڙي هوندي آهي.....؟) خبر ناهي، پر هن مهل مون کي ائين محسوس پيو ٿئي ڄڻ، سڀ نفرتون...سڀ محبتون، اوندهہ ۾ وڃائجي ويون آهن. هوا ۾ هلڪي نشو چاڙهيندڙ ٿڌ بہ شامل ٿي وئي آهي.... ۽، ۽ مون کي هن پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي ستي، ائين پيو محسوس ٿئي، ڄڻ اکيون ڇنڀيندڙ ترن جو ڇٽ، منهنجي مٿان جهڪي آيو آهي. مان مسلسل سوچيندو رهيو آهيان.... سوچيندو ۽ پوڳيندو رهيو آهيان... نہ چاهيندي بہ... ورجاءَ کي ختم ٿيڻ گهرجي ۽ ننڊ منهنجن ڇپرن تي ماڪيءَ لار جيان اوتجي پئي آهي، مان وڏيڪ جاڳي نہ ٿو سگهان، وڌيڪ جاڳڻ بہ نہ ٿو چاهيان... مان، مون کي معاف ڪري ڇڏجو، مون کي سخت ننڊ، ننڊ، ننڊ، نن.........


محمد قاسم کوسو

0345-3690964

http://www.qasimjan.yolasite.com/